



وايون وڻجارنِ جون : وينا شرنگي

چڱاٽي لکي ٿو .هي ڪتاب هند جي ناماياري ليکڪا وينا شرنگي جو اسپين، پورچگال، پئرس، آمريڪا ۽ لندن جي سفر تي آڌارت سفرنامو آهي
مو مونکي بيحد وڻيو. سندس ٻولي عالماڻي، مِٺي ۽ مؤثر سھڻي ۽ سپڪ آهي. سفرنامي کي دلچسپ ۽ دلڪش بڻائڻ ۾ وينا ڪافي محنت ڪئي ”
ونکي نه صرف اُميد آهي پر يقين آهي ته مون وانگر ٻين پاٺڪن کي به هي سفرنامو دلچسپ لڳندو ۽ سنڌي جاتي هن جو خيرمقدم ڪندي .آهي

**فهرست:**

.

---

**ڪتاب بابت**

وايون وڻجارڻ جون
ڪتاب بابت


- پيٽا
- سنڌ سلامت پاران
- مهاڳ
- پنهنجي پاران
- اونهي ڳالھ اسرار جي
- گيتا مندر
- سُتا اُٿي جاڳ
- توليدو
- الله چولي چولي
- مروئان موت ملوڪان شڪار
- قرطبه! عشق سي تيرا وجود
- سويجا تنهنجو شانُ نرالو
- ٽاور آف گولڊ
- واسڪو جو وطن - پورچگال ( ننڍو ديش وڏا ڪوجنيڪ )
- پاردو ميوزم
- سنٽي پئلس
- شاهي محل
- ايسڪوريل

- وئـلـي ـ آف ـ فالن
- خـيـتـانـو (اسپـيني خانابدوش )
- نـيويارڪ
- امريڪا ۾ سنڌڙيءَ جو سيرُ
- مهربان زندگي ...!
- براڊڪا سٽنگ ڪميونيڪيشن
- سٽنارائڻ مندر نيويارڪ : جتي سنڌي اُتي سنڌ!
- لـنـڊن
- شيڪسپيئر جي وطن ۾
- مـيـلو مـتو پـيو آ
- مـئـڊم تـساڊ وئـڪس مـيوزم
- بـرٽـش مـيوزم
- ڏاهـا ڏاتـون ڏي
- پـرديسي ڪـهڙا پـرين
- وينا ڏانهن خط

اسپين، پورچگال، پئرس، اميريڪا ۽ لنڊن
جي سفر تي آڌارت
( سفرنامو )

وينا شرنگي

وينـا شـرنـگـي

**پـيـٽـا**

مئڊرڊ ۾ رهندڙن
پنهنجي ٻن پائرن
اشوڪ ڪمار ۽ ڪانتيش ڪمار
جي نانءَ

جن جي ساٿ ۾ سهڪار سان هيءُ سفرنامو
قلم بند ڪري سگهيس ۾ اُنهن سنڌ ورڪي
وڻجارن جي نانءَ جيڪي پرديس ڪي پنهنجو
ديس ڀانئي نه صرف اُن ڌرتيءَ سان نڀائي
رهيا آهن پر پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ڪلچر کي
.به ڪين وساريو آهي

( وينا شرنگي )

تَـڙين تَـوارِيـن، ساءِ! سامونڊي آئيا
مون کي جيارِين، وايون وڻجارِنِ جيون
(شاه)

**مـهـاڳ**

اسانجي زندگي به هڪ لڳاتار سفر ئي آهي ،ان سفر جي دؤران جو ڪجھ عجيب و غريب ڏسون ٿا، محسوس ڪريون ٿا، رشتا ناتا جوڙيون ٿا يا تجربا پرايون ٿا، اسان مان ڪي جن کي اظهار ڪرڻ جي ڏات ۾ ڏانءُ آهي سي انهن کي دلڪش اهڙن داستانن کي .داستان جي صورت ۾ قلمبند ڪن ٿا. مختلف ملڪن کي ڏسڻ کانپوءِ هؤ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪن ٿا .اسين سفرنامي جو نالو ڏيندا آهيون

ساڳيءَ طرح ڪيترا اديب ۽ فنڪار سنڌ .پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڪيترا سنڌي ڀارت مان سنڌ جو سيروسفر ڪري آيا آهن مان ڀارت ڏسڻ آيا آهن، جن واپس موٽي وڃي پنهنجا تاثرات سفرنامي جي صورت ۾ پيش ڪيا آهن جن مان ڪيترا بيحد دلچسپ ۽ دلڪش ثابت ٿيا آهن ۽ مقبول ويا آهن جهڙوڪ مهتاب محبُوب ۽ تاجل بيوس جا سفرناما جيڪي سنڌ جا اعليٰ اديب آهن. ڀارت مان جن اديبن سنڌ مان واپس موٽي سفرناما شايع ڪيا آهن سي آهن محترمه ڪلا پرڪاش، موتي پرڪاش، هري موٽواڻي، ٺاڪر چاولا ۽ وينا شرنگي. موتي پرڪاش کي سندس سفرنامي تي ڀارت جي مرڪزي ساهتيه .اَڪادمي اَوارڊ به ڏنو آهي. ٺاڪر چاولا جي سفرنامي- تون سنڌ ۾ رهي پئه، ته ڪافي ڌوم مچائي آهي
اها سفرنامن لکڻ جي پرمپرا صدين کان وٺي جاري آهي، ڪيترا سيلاني ۽ ياتري صديون اڳ چين، عربستان، ايران، پورچيگال ۽ ٻين مُلڪن مان هندستان ۾ آيا ۽ واپس موٽي وڃي پنهنجا تاثرات سفرنامن جي صورت ۾ پيش ڪيا. انهن سفرنامن کي پڙهڻ مان پاٺڪن کي ڪافي علم حاصل ٿئي ٿو. مختلف مُلڪن جي سرڪاري سرشتي، ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي سندن خيالات ۽ جذبات، سندن رسمن، ريتن رواجن جي، سندن سياسي، سماجي، سانسڪرت ۽ اقتصادي تاريخ جو .علم حاصل ٿئي ٿو
البته جيڪي سنڌ تي سفرناما لکيا ويا آهن اهي وڌيڪ دلچسپ ۽ دلپزير لڳن ٿا ڇو جو انهن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ جي .مهڪ، مارُن جي محبت، ساٿيه جي سڪ، گذشته زماني جون مٺڙيون يادگيريون احساس ۽ جذبا سمايل آهن
وينا شرنگيءَ جڏهن مونکي پنهنجي سفرنامي جو دستخط هٿ ۾ ڏئي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو ته مون خوشيءَ سان قبوليو ۽ سمجهيو ته ضرور سنڌڙيءَ جي سيروسفر تي ئي سفرنامو لکيو هوندائين ڇو جو هوءَ سنڌ ڏانهن پئي آهي. سنڌ ۾ سندس عزيز اجا به رهيا پيا آهن. جڏهن دستخط جا ورق ورايم ته محسوُس ٿيو ته هي سفرنامو سنڌ تي نه آهي بلڪ اسپين، پورچيگال، امريڪا، ڪئنادا ۽ يورپ تي لکيو ويو آهي. جيئن دستخط جو مطالعو ڪندو ويس ته مونکي دلڪش لڳڻ لڳو. سفرنامو سهڻيءَ سپڪ مٺڙيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو هو ۽ مان وينا کي من ئي من ۾ داد ڏيڻ لڳس. وينا شرنگي اسان جي

هوءَ ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي. آڪاشواڻي دهليءَ جي .مشهور معروف ليکڪا ۽ شاعرا ۽ سُٺي براڊڪاسٽر آهي
ايڪسٽرنل سروس جي چاتل سچاتل شخصيت آهي ۽ ڪافي عرصي کان ٽرانسليٽر انائوسر ڪلاس ون - گريڊ ۾ آل انڊيا
ريڊيو جي پرڏيهي نشريات سان جڙيل آهي. ڀارت جي مشهور مارئي سنسٿا جي روح روان آهي جا سنڌي پيڙهن جي سوشل
ڪلچرل ۽ لٽرري تنظيم طور چاتي سُڃاتي وڃي ٿي. پاڪستان کانپوءِ سنڌ جو چڪر لڳائي آئي آهي ۽ واپس موٽي ليکن ۾
ڪتابن جي صورت ۾ پنهنجا تاثرات لکيا آهن جي ڪافي دلچسپ ۽ مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ ليه
لداک ۾ جتان سنڌوءَ جي شروعات ٿي ٿئي اُن جو درشن ڪرڻ لاءِ شري لال ڪرشن آڏواڻيءَ جي گروپ سان گڏ ويئي
هاڻي هيءُ طويل .هئي، واپس موٽي هن سنڌو ڪناري نئون تاريخي باب سفرنامو لکيو جنهن جي ادبي حلقن ۾ ساراهه ٿي
سفرنامو اسپين، پورچيگال، اميريڪا، ڪئنادا ۽ لنڊن تي لکي رهي آهي. هن ڪيترين ڪهاڻيون به لکيون آهن جن مان
ڪن تي کيس انعامن سان نوازيو ويو آهي. اسپين (مئڊرڊ) ۾ سندس وڏو ڀاءُ اشوڪ پنهنجي ٻارن ٻچن ۽ پنهنجي (اسپئنش
: استريءَ سان) آکيرو اڏي رهيو پيو آهي. هن سفرنامي جي شروعات ڪافي جذباتي نموني لکي وئي آهي. وينا لکي ٿي
پنهنجيءَ سيٽ تي وِهڻ کانپوءِ خيالن جو سلسلو .جهاز ۾ اسپين لاءِ رواني ٿيس. ننڊ نيڻن مان اُڏامي وئي KLM دهليءَ مان
جاري ٿي ويو جڏهن به مان تنها هوندي آهيان ته منهنجا خيال منهنجا همسفر بڻي وڃن. زندگيءَ جا ورق طوفاني رفتار سان
ورڻ لڳا جنهن جو مرڪزي ڪردار منهنجي امڙ بڻيل رهي. چوٿين فئبرورِي 1999ع تي هن فاني جهان مان الوداع
ڪيائون. امڙ جو آواز جنهن ۾ منهنجو ساهُ اَٽڪيل هو ور ور ڪري منهنجن ڪنن ۾ ٻُري رهيو هو. اڄ مان جيڪي ڪجھ
آهيان امڙ جي ساٿ ۽ رهنمائيءَ جو نتيجو آهي. لکڻ پڙهڻ کائڻ پيئڻ مطلب ته هر ڳالهه ۾ امڙ جو ساٿُ ۽ صلاح مون سان
.گڏ آهي

وينا جي امڙ جي الوداع ڪرڻ کانپوءِ وينا کي غمن گهيري ڇڏيو. اڪيلي اُداس، ملول ۽ مايوس گذارڻ لڳي. ان گهيري مان
ٻاهر ڪڍڻ لاءِ سندس وڏي ڀاءُ اَشوڪ ڪيئي ڀيرا وينا کي دهليءَ ۾ چيو ته مون سان گڏ مئڊرڊ (اسپين) هلُ. وري واپس
مئڊرڊ وڃي ور ور ڪري فون تي التجا ڪيائين ته تون هت سيپٽيمبر تائين اچي ٽِڪُ، نيٺ هوءَ ويئي. هن سفر جو احوال
.قلمبند ڪرڻ انهن ڪوشش جو ئي نتيجو آهي

ائميسٽرڊم کان اسپين وڃڻ لاءِ جنهن جهاز ۾ سوار هيس اُن ۾ منهنجي پرواري سيٽ تي هڪُ ڊچ همراهه هو جنهن ٻُڌايو ته
هو هڪ ڪمپيوٽر ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي جنهن جي هڪ برانچ لاهور ۾ به آهي. هوُ ڀارت کان به واقف هو. هن ٻُڌايو
ته کيس تاج محل ڏاڍو وڻيو. هن وڌيڪ ٻُڌايو ته هالنڊ جي اسپتالن ۾ علاج مفت ڪيو ويندو آهي ۽ بيروزگارن کي سرڪار
طرفان سوشل سيڪيورٽِي جي ضمانت مليل هوندي آهي. ڊچ لباس کي اتان جا ماڻهٽا برقرار رکيون وينا آهن جو آهي پرٽ
پريل لباس ۽ وڏي ٽوپي ڪاٺ جو جتيون (چاکڙيون) به ڪافي مشهور آهن. ايمسٽرڊم کان مئڊرڊ جي اُڏام جو وقت اڍائي
ڪلاڪ کن آهي. اُڏام جي دوران جڏهن دريءَ کان ٻاهر نهاريم ته ساوڪ ئي ساوڪ هئي. اسان جو جهاز بادلن کي
چيريندو، هيءَ هوائي پالڪي چڻ ڪنهن پَريُن جي ديس جو سير ڪرائي رهي هئي ۽ منهنجي اُداس من اندر قدرت جي
انهن سُهڻن وڻندڙ نظارن سرهائي پيدا ڪري ڇڏي ۽ ڪئين شاعراڻه خيال من ۾ اُڇلون ماري رهيا هئا. ڏينهن جو هڪ لڳي
ويهين منٽن تي مئڊرڊ جي براخاس انٽرنئشنل هوائي اڏي تي فِلائيٽ لٿي. گيٽ کان ٻاهر نڪري آيس ته سامهون وڏو ڀاءُ
اشوڪ بيٺو هو. دهليءَ کان مئڊرڊ جو سفر طئه ڪري خيرن سان گهر پهتس. رات جو ٺڪ ڪري جلدي ننڊ وٺي وئي.
ايڏي ننڊ جو اک کلڻ جو نالو ئي نه پئي وٺي. چڻ ورهين جا اوجاڳا ڪيل هجن. امڙ جي پرلوڪ پڌارجڻ کان چئن مهينن ۾
.ننڊ نيڻن مان اُڏامي وئي هئي

آرتوار منجهند جو گيتا مندر لاءِ روانا ٿيا سين. گيتا مندر وچ شهر ۾ هڪ سٺي علائقي ۾ آهي. گيتا مندر ڏسڻ وٽان آهي. گيتا
اُتي پنڊت لوڪ .مندر جو شاخائون دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آهن. مندر ۾ ٻار جو مُنڊ لهرائڻ لاءِ آفريڪي حجم کي وٺي آيا
اُتي لنچ تي گل شِوناڻي سان پڻ مُلاقات ٿي جنهن جهولي .ناٿ جيٺلي هڪُ سٺو ليکڪ به هو، اُن جي گهرواري ۽ ٻار مليا
لال جي مندر جي درشن ڪرڻ جي دعوت ڏني. اُن ٻڌايو ته هر چنڊ تي لال سائينءَ جي آرڏانا ڪندا آهيون ۽ هر جمع تي
سيسا ۽ پرساد ورهائيندا آهيون. مونکي دادا رام پنجواڻيءَ جو ڪردار ياد اچي ويو جنهن جي ڪوشش سان جهولي لال
سنڌين جي اشٽ ديو جي آرڏنا ديسان ديس مشهور ٿي آهي. ساڍي ستين بجي ڀارت ۾ رات ٿي وڃي پر اُتي اسپين ۾ سج بيٺل
نظر ايندو. ڏهين بجي رات تائين سج جي روشني لڳي پئي هوندي آهي وينا وڌيڪ لکي ٿي. هتي ٽي.وي. تي ڪيترو وقت
ڏنم چاهي بيڊروم ۾ هجان يا ڊائينگ هال يا ڊرائنگ روُم ۾ هر هنڌ ٽي.وي. جي موجوُدگي. هندستان پاڪستان جي عوام

هڪ ٻئي جي قريب اچڻ چاهي ٿي.

صبح جو توليدو جو قلعو ڏسڻ لاءِ پروگرام ٺهيو. هيءُ هڪ تواريخي شهر آهي جنهن کي ڏسڻ لاءِ نه صرف يورپ مان پر ٻين ملڪن جا سيلاني به هتي ايندا آهن توليدو جو شهر قديم آهي. شهر ۾ يهودي، عرب، عيسائي وڏي عرصي تائين گڏ ملي جهلي رهندا هئا. اسپين جي ڪئٿولڪ راجائن عربن کي شڪست ڏئي تڙي ڪڍيو. يهودين تي ڏاڍا ظلم ٿيا، کين چيو ويو ته مذهب بدلايو يا هتان هنڌ ٽپڙ ٻڌي رفوچڪر ٿي وڃون.

وري گرناڊا (قلعو)، قرطبه ۽ سويجا وڃڻ جو پروگرام ٺاهيائون گرناڊا قلعي جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اٺين صديءَ ڌاري اُتي سلطان آيو هو، اهو اسپين جو آخري علائقو آهي جتان اسلام جي پوئلڳن جا پير اُکوڙيا ويا هئا ۽ عيسائي مذهب اُتي آخر ۾ پهتو. الحمبرا ۾ جيڪو حمام موجود آهي اُن بابت چيو وڃي ٿو ته سلطان جي بيگم جو هڪ سيناپتي سان پريت جو پيچ پيو ان قلعي اندر هڪ شاهي وڻُ آهي جتي محبت جي داستان وڌيڪ پروان چڙهي، هڪٻئي سان عهد وفا ڪيا. جڏهن سلطان کي اها ڄاڻ پئي ته هن پنهنجي بي وفا زال ۽ اُن جي معشوق کي حرم ۾ قتل ڪيو جن جي خون جا داغ اڄ به اُتي موجود آهن

طئه ٿيل پروگرام ۾ ٿوري ڦيرڦار ڪري پهرين قرطبه جي مسجد ڏسڻ جو سوچيائون.سئوويهه (120) ڪلوميٽرن جي رفتار سان ڪار شاهراه تان فاصلو طئه ڪندي، اوسي پاسي جي منظرن کي پٺتي ڇڏيندي اڳتي وڌڻ لڳي. سفر جي دوران سنگيت ۽ گفتگوُ جو سلسلو جاري هو. وينا وڌيڪ لکي ٿي : اسان قرطبه وارو رستو ورتو. ساڍي ٻارهين ڌاري اسين قرطبه پهچي ويا سين ۽ اچي مسجد وٽ بيٺا سين، قرطبه جي هيءَ ڪئٿڊرل (مسجد) جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اها اولهه جي اسلام جو عظيم ترين يادگار آهي. اندر داخل ٿيڻ بعد عجيب ڪيفيت طاري ٿئي ٿي. ڪمال جي ڪاريگري هئي. ڪنن تي لڳل هيڊ فون ذريعي ڪامينٽريءَ تي اتي جي رهڻي - ڪرڻي، تهذيب تمدن، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تمام ئي سهڻي ۽ دلچسپ ڄاڻ ملي. ان کان پوءِ قرطبه جي يونٽي ٽاور کي ڏسڻ لاءِ اندر داخل ٿيا سين ته اندر ميڊيڪل جا اوزار مؤجود هئا جي اُتي جي ماهرن ايجاد ڪيا هئا. عجب اهو ٿو لڳي ته اُهي ايڏي عرصي کانپوءِ به آپريشن ۽ علاج وغيره لاءِ استعمال ٿي پئي سگهيا. هيٺ واپس اچڻ تي ساڄي پاسي تي ٽي آدم قد کان به ڊگها ماڊل مؤجود هئا، اُهي يهودي، عيسائي ۽ مسلمان شخصيتن جا هئا جن جا پنهنجي پنهنجي مذهب جي عقيدت، ايڪي، پائيچاري ۽ ميل ملاپ جي قولن ذريعي سڪيا جو پيغام بيان ڪري رهيا هئا. هيءُ شو لائيٽ ۽ سائونڊ تي آڌارت هو. قرطبه جي ان يونٽي ٽاور ڏسڻ کانپوءِ ٻاهر وزٽر بوڪ رکيل هو، اُن تي جڏهن وينا پنهنجا تاثرات لکڻ چاهيا ته کيس سچوُ سائين جو هيءُ شعر ياد پيو : آنءُ جوئي آهيان سوئي آهيان هندو مومن ناهيان ڙي يار شاه صاحب جو هيءُ شعر به کيس اچي ياد پيو : مذهبن ملڪ ۾ ماڻهوُ منجهايا.

قرطبه بعد وينا وڌيڪ فرمائي ٿي : شام ستين بجي سويجا پهتا سين. سويجا ۾ ائين پيو لڳي ته هتان جا ماڻهو ڏينهن جو سمهندا آهن ۽ رات جو جاڳندا آهن هن هوٽل ۾ روز رات جو وڏي تعداد ۾ ٽوئرسٽ اچي لوڪ-سنگيت جو مزو ماڻيندا آهن. هٽن ۾ سپني کي ڊرنڪ نظر ايندو. رقص ڪندڙن سان گڏ ٻاهريان ماڻهو به شامل ٿي وڃن. ان هوٽل جي مالڪ هڪ مالڪياڻيءَ سان گڏ هڪُ وڏي عمر جو ماڻهو تنهن تمام کُلي گلي سان لوڪ گيت ڳاتو. عورت هئي جا پاڻ به ڳائيندي هئي واه جو رنگ ڇماياٸين. هڪ گيت هو جنهن جي معنيٰ هئي : سويجا تنهنجو رنگ نرالو، وينا کي سنڌ ياد اچي وئي. ڇئي ٿي پنهنجي ڌرتيءَ جيئن اسين گيتن ۾ سنڌ ۽ سنڌوءَ جو نالو ٻڌي ٺرندا آهيون تئين سويجا واسين جي چهري تي رونق آٽي ڇڏي جي مٽيءَ ۾ ڪيڏي نه وڏي طاقت آهي. سويجا جون ڇوڪريون عالمي سونهن واري ڇٽا پيٽيءَ ۾ زور شور سان حصو وٺن. اُتي جي ڇوڪرين جا وار ڪارا روش ٺاهوڪا ۽ فِگر سٺي. ڪيتريون ڇوڪريون هندستاني ڇوڪرين وانگر پيون وينا گروپ سميت اُتي هڪ شاهي محل ڏسڻ وئي، جنهن ۾ مُسلم ۽ عيسائي فن جو سنگم هو. ٻاهر هڪُ وڏو باغ هو. لڳن هيٺ هڪ طرف شاهاڻي خاندان جي بيگمن جي وهنجڻ لاءِ حمام ٺهيل هو. حمام جي آخري واريءَ پٽ تي وڏا جارا هئا جن جي پٺيان پاڻيءَ گرم ڪرڻ لاءِ باه وغيره جو بندوبست ٿي ٿئي سگهيو. ان دؤر جون شاهي بيگمون اسٽيم باٿ وٺي نه صرف پنهنجي جسم جي ٿڪاوٽ لاهينديون هونديون پر پنهنجي سندرتا ۾ به اضافو ڪنديون هونديون. شهر جي آس پاس ٻيا به ڪيترا خوبصورت نظارا ڏسڻ لاءِ ملن ٿا جن جو ذڪر وينا پنهنجي عالماڻي ۽ شاعراڻي انداز ۾ ڪري رهي آهي.

سويجا جي سير سفر کانپوءِ وينا ۽ گروپ پورچوگال طرف رخ رکيو. پورچگال ۾ مندر ڏسڻ ويا پر دير سان پهچڻ ڪري مندر بند ٿي ويو هو. اتي کين هڪُ گجراتي مليو جنهن کين چيو ته صبح جو آرتيءَ تي اچجو. ڳالهين جي دؤران هن ٻڌاين ته هوُ ويجهڙائيءَ م موزمبق مان آيو آهي. پورچوگال ان ٻئنڪ کي ڇڏيندي اُتان جي گجراتي سماج ۽ ٻين کي پورچگال اچڻ

جي نيڊ ڏني. صبح جو تيار ٿي مندر ڏسڻ وياسين، مندر جو درشن ڪري جڏهن ٻاهر نڪتا ته اُتان جي مئنيجر ڪين مندر جي رنڊڙي ۽ ٻين حصن ڪي ڏيکارڻ ۾ رهنمائي ڪئي. ڳالهين جي دؤران ڪين پتو پيو ته مندر جو تمام وڏو پلاٽ هو پورچگال سرڪار ڪين ڏنو هو. ان ڏينهن گهوٽ ڪنوار ڪي پيري پوائڻ وٺي آيا هئا. وينا لکي ٿي ته گجراتي دنيا جي الڳ الڳ حصن ۾ وڃي آباد ٿيا آهن، جتي جتي هو ويا آهن اُتي پنهنجي سنسڪرتيءَ کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي اَٿائون. ان مندر جي ٻاهران هڪ وڏي ڪاري پٿر جي پارڪ ۾ مورتي آهي جنهن جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان ۾ مهاتما گانڌيءَ سان گڏ ڪستوربا گانڌي به ساڻ آهي جڏهنڪ اڄ ڏينهن تائين مهاتما گانڌيءَ کي اڪيلو ئي ڏيکاريو ويندو آهي.

پورچگال ڪانپوءِ ايستورل روانا ٿيا سين اهو علائقو سُٺن رهائشگاهن کان مشهور آهي. اُتي ڪسينوزُ ۾ مؤج مچندي آهي پر اسان جهڙن صوُفين لاءِ ممنوُن آهي، منهنجي جاءِ تي ٻيو ڪو هجي ها ته اشوڪ کي دعائون ڏئي ها ته قرب ڪري رات رهي پئون. اُتي ڏينهن جو ننڊ ڪندا آهن ۽ رات جو جاڳندا آهن. حسينائون ۽ دوشيزائون ڪسينو ۾ رات جوئي جَلوه-افروز ٿينديون آهن.

ولائت جي سفرنامي لکندي وينا سنڌ ۽ پورچگال ۾ گوئا کي ڏاڍو ياد ڪري هن سفرنامي کي دلچسپ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون هڪ غزل لکيو آهي جنهن جو تصور مون لنڊن ۾ ڪيو هو. غزل جو متلع آهي :

ويٺي ويٺي هو ولائت ۾ وطن ياد آيو

دَرو ديوار دريون گهر جو چمن ياد آيو

هن منهنجي احساس کي وينا پنهنجي سفرنامي ۾ هيئن ٿي پيش ڪري. ولائت جي وٽن ۾ وطن جي ڪويل ڪوُڪي ٿي. پورچگال جي متعلق وينا لکي ٿي ته هيءُ ننڍڙو ملڪ جنهن جي رهواسين دنيا جي ڪيترن ملڪن کي پنهنجي هٿ وس ڪيو آهي ۽ انهن کي پنهنجون ڪالونيون (بئنڪون) بڻائي پنهنجا جهنڊا کڙا ڪيا آهن. انگولا، موزمبق، گوئا، دمن، ديوُ ته ڇڏيو پر برازيل جهڙي وڏي سائوٿ امريڪا ملڪ کي پنهنجي بئنڪ بڻائي ڇڏيو. ننڍي ڪنڊ جا ماڻهو ڪوجينڪ واسڪو ڊيگاما جي نالي کان بخوبي واقف آهن.

جڏهن پادرو ميوزم ڏسڻ لاءِ ويا ته اُتي پينٽنگ جي ڪمال جو مظاهرو ڏيکاريل هو. وينا لکي ٿي ته ميوزم ۾ اندر داخل ٿيڻ تي خوبصورت رنگن جي ميل واري شاهي پينٽنگ ڏسي منُ ٺري پيو جنهن ۾ انساني چهرن جا تاثرات ائين هئا ڄڻ پينٽنگ نه بلڪ جذبات سان سرشار زنده انسانن جي صحبت ۾ آهيون.

وينا جو پنهنجي اَمڙ سان اَتي پيار ٿو ڏسجي. سندس متعلق لکي ٿي : اَمڙ جي جوانيءَ جون تصويرون ڏسي ڇپن تي واه واه اچيو وڃي. اکيون وڏيون ۽ ويڪريون، رونش، قد بت ٺاهوُڪا، چهرو چنڊ جهڙو، خوبصورت عورت هئي. خوشبوُ سان به بيحد پيار هين. پَرفيومُ، سرها تيل ڦليعل، صابڻ، پائوڊر، اڄُ به ڪيترا لنڊن مان آندل رکيا آهن. لڳي ٿو پاڻ کان وڌيڪ مون لاءِ گڏ ڪرڻ جو چاهه هوس. هڪ ڪٽندو نه هو ته ٻيو اڳ ۾ ئي مؤجود، اجا آفيس لاءِ نڪرندي نه هيس تنهن کان اڳ گلاب ۽ موتئي جا گل پٽي ڏيندا هئا. مونکي لڳي ٿو ڪين منهنجي روپ ۾ سندن ماضيءَ جا ڪي يادگار لمحا نظر ايندا هُئَن. وينا لکي ٿي : اسپين ۾ شايد ئي ڪو ڏينهن هجي جنهن ڏينهن گهران نڪرڻ نه ٿيو هجي. روز جُتلو پير ۾ هوندو هو.

اسپين جو سفر پورو ڪري وينا کي اَمريڪا وڃڻو هو جو اُتي ڪيس سنڌي سميلن تي دعوت مليل هئي. اسپين مان 28 جولائي تي نيويارڪ لاءِ نڪتي. امريڪا جي دؤري متعلق وينا لکي ٿي. هوائي اڏي تي سميلن جو ميمبر وٺڻ آيو هو. هوٽل ۾ وِملا تِواري ملي جيڪا پڻ ان وقت پهتي هئي. هن کي ڪلچرل پروگرام جي جوابداري سپرد ٿيل هئي. رات جو ڪافي دير ڪانپوءِ ننڊ آئي. هوائي سفر جي ٿڪاوٽ به زبردست هئي. جيئن ته سميلن جو بندوبست رتنا گدواڻيءَ کي ڪرڻو هو ان سان ڳالهه ٻولهه ٿي، اُن وقت دادا چيلا رام جي پٽ لڇمڻ چيلا رام سان ملاقات ٿي. انڊيا مان به ڪيترا ڄاتل سُڃاتل مليا، پر منهنجو ساهُ ته پنهنجن بيگن ۾ اٽڪيل هو، انڪر ي نه ته انهن ۾ ڪي هيرا جواهر هئا پر انهن ۾ سميلن جي دؤران جيڪو فئشن شو مونکي پيش ڪرڻو هو اهو سامان هو. سميلن ۾ سنڌي ڪتابن ۽ ڪئسيٽن جو نماءُ ۽ وڪرو به ڪيو ويو. شام جو سنڌي لباسن تي آڌارت فئشن شو رکيل هو جنهن لاءِ سميلن طرفان مونکي خاص نينڊ مليل هئي. اهو پروگرام تمام ڏکيو ۽ مون ڪئي، مٽيريل جي چُونڊ، سنڌ مان ڪپڙو، .للڪار پريو هو. وڏو پورهيو منهنجي مربي ڀيڻ پروميلا شرما جو پڻ هو پرٿ پريل گج، ٽوپيون، گلن واري جُتي، اجرڪون ڪٽا، پرٿ پريل روا ٺهرائڻ ڪو سولو ڪمُ نه هو. ان فئشن شو لاءِ رنگن جي چونڊ، عاج جون ٻانهيون، زيوَر، مئچنگ پوتيون (چڪني جو رئو) پڳت ڪنوررام جو جامعو ۽ پڳ. لباسن تي آڌارت ڪامينٽري جنهن لباسن متعلق شاه صاحب جي شعرن جي چوُنڊ. ان پروجيڪٽ ۾ منهنجي سياڻي ڀيڻ شالني ساگر به

جئپور، اجمير ۽ بڙودي جو ذمو مون .ٻانهه ٻيلي ٿي ٻيٺي. گجرات مان روايتي شيون آڻائڻ جي جوابداري شالنيءَ تي وڌي پاڻ تي رکيو. پروميلا تي هر روز درزيءَ وٽ ڏن مهنن تائين اچ وڃ ڪرڻ جو ڪم ۽ چاندني چوڪ مان ٽوپيون ٺهرائي اچڻ ۽ ٻيو ڪم وڌو. ڊاڪٽر دوداڻيءَ جو شونق هو ته مان اهو پروجيڪٽ ڪيان. مان دهليءَ مان جون ۾ نڪتس. سميلن لاءِ ايڏو سامان، ويهه ٻاويهه وڳا ۽ ٻيو سامان، سفر جا ڏک ڏاکڙا، مٿان ٻيون فارمئلٽيز. ٻئگون گهلينديو گهلينديو ٻانهون سوُر ڪري رهيون هيون. خير سان سميلن تي پهچي ويس. ان فئشن شو منعقد ڪرڻ ۾ وينا کي ڪيتريون تڪليفون درپيش آيون. پڇاڙيءَ ۾ وينا لکي ٿي : سنڌي تهذيب ۽ ڪلچر جي تاريخ ۾ هن انوکي يگاني ۽ پهرين طرح جو فئشن شو هو. آمريڪا جي ڇهين سنڌي سميلن ۾ سنڌيت جي پريمين جو من موهي ڇڏيو. سيني مادلس جا ٿورا جن منهنجي تخليقي سوچ ۽ فن سان نياڻ جي ٿوري وقت اندر محنت ڪري پورهيو برثواب ڪيو. من ۾ مهراڻ جي چولين جون اُڇلون ان جو احساس ان وقت ٿيو جڏهن اَمريڪا ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيلن ڪيترن مبارڪ باد ڏني، چيائون پئي پيڻ توهان ته امريڪا جهڙي ملڪ ۾ سنڌڙيءَ جو سير ڪرايو آهي. ڪيترن بروقت لباس خريد ڪرڻ جي اِڇا ڏيکاري. وينا کين چيو، اها پراپرٽي سميلن وارن جي آهي، توهين وِملا تِواريءَ کان خريد ڪري سگهو ٿا. جنهن پڳت ڪنوررام جي، پهراءَ جو شو ۾ ڪردار ادا ڪيو هو تنهن چيو : مان جيءُ لباس واپس موٽائي نه ڏيندس. هن سئو ڊالر وِملا تِواريءَ کي هٿ ۾ ڪري ڏنا. وينا وِملا تِواريءَ کي چيو توهان مونکان پنهنجي امانت مهرباني ڪري سنڀالي وٺو. ڪيس سمورو سامان ڏيڻ کانپوءِ ائين لڳو چڻ سنڌوُءُ ۾ ٽُٻي لڳايم. ڊاڪٽر ستيش روهڙا وينا کي چيو ته جيڪو شو پيش ڪيو تنهن لاءِ واڌايون. وينا وڌيڪ لکي ٿي ته رات جو جڏهن مان هوٽيل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويس ته مون بيحد رُنو مونکي اُن ڪاميابيءَ تي پنهنجي امڙ جي ياد آئي. اگر هوُءَ حيات هجي ها ته ٻڌي تمام خوشي ٿين ها. اَمريڪا ۾ وينا ۽ سندس ڪراچيءَ واري ساهڙيءَ جي اوچتي ملاقات ۽ سندس سالگره ملهائڻ وارو واقعو ۽ ساڻس گڏ شڪاگو جو سير سفر به ڪافي دلچسپ ۽ ڇهندڙ آهي.

وينا لکي ٿي : اَمريڪا مان خيرن سان سفر طئه ڪري لنڊن پهتس. چانهه پاڻي پي بدر سومري کي فون ڪيم جو هن مئڊرڊ ۾ خط لکيو هو ته لنڊن ۾ اچو ته احوال ڏجو. دستوري دعا سلام کانپوءِ مون کيس چيو ته مونکي وليم شيڪسپيئر جو ڳوٺ ضرور ڏسڻو آهي. من ۾ خواهش هئي ته اهڙي عظيم ليکڪ، شاعر ۽ ناٽڪنويس جي رهائشگاهه ڏسان. بدر وراڻيو : سڀاڻي جو پروگرام ٺاهيون ٿا. آچر ڏهاڙي، اٺين آگسٽ تي صبح جو سوير ئي تيار ٿي فون جو انتظار ڪري رهي هئس. بدر ابڙي موبائيل تان فون ڪيو ته اسين ٻاهر اوهان جو انتظار ڪري رهيا آهيون. مان جڏهن پهتس ته بدر سومري ڊاڪٽر بدر سان تعارف ڪرايو، رسمي طور دعا سلام کانپوءِ اسان ادب جي عظيم شخصيت شيڪسپيئر جي ڳوٺ طرف روانا ٿيا سين. فاصلو چڱو خاصو هو، وري واٽ تي مينهن جي بوندن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. مينهن بند ئي نه ٿئي. بدر موڊ ۾ هو چيائين اوهان شيخ - پير جي ڳوٺ کي ئي ترجيح چو ڏني؟ مون وراڻيو- عظيم ساهتڪار جي يادگار جي جڳهه ڏسڻ ٿي چاهيان. ٺهڪ ڏيندي چيائين شيخن جي پيرَ کي ڏسو ٿا ته ڪيڏا مينهن وسايا اٿائين. ڀٽائي صاحب کي به مينهن پسند ته شيخ پير کي به پسند. ان موضوع تي ڀٽائيءَ جا ڪه ٿي بيت جهُونگاريائين. هڪ طرف سُر سارنگ جو ذڪر هو ته ٻئي طرف ڊاڪٽر بدر جو موسم تي ڏمرُ. مينهن چوي اڄُ نه وسان ته ڪڏهن وسان. رستو ڏسڻ ۾ ئي نه اچي. بادلن جي گڙگڙاهٽ ڏسي ڪجهه دير لاءِ دل پريشان ٿي پر مونکي به اِسٽرٽفورڊ ڏسڻ جُنونُ هو. نيٺ مينهن جي رفتار ڍِلي پوندي ٿئي وئي. بدر پاڻ سان انب آندا هئا. ڏسي سچ پچ حيراني ٿي. لنڊن ۾ سنڌ وارا وڏا وڏا مٺا چاش جهڙا انب، اصل ڳوٺ ياد اچي ويو. نيٺ منجهند جو ٻارهين بجي ڌارا اُتي پهتا سين. شيڪسپيئر جي ڳوٺ پهچڻ تي هلڪي بوندا باندي هئي. تمام گهٽي ساوڪ ئي ساوڪ کان وڌيڪ گلن جون ٻاريون. گهر ۾ اندر داخل ٿيڻ تي سندس استعمال واريون شيون اُتي رکيون هيون. وينا لکي ٿي، جيڪو تصور ۽ خوشيءَ جو احساسُ اُن وقت مونکي اهڙي عظيم ليکڪ جي يادگار گهر جي اڱڻ ۾ ٻيٺي ٿي رهيو هو ان جي قيمت نه ٿي لڳائي سگهجي. ان جي پرسان ٿوري ئي فاصلي تي سندس ناناڻو گهر جتي اُتي جو ڳوٺاڻو منظر پسي سگهجي ٿو. ٻنيون ٻارا رِڍون، چوپايو مال وغيره. انکانسواءِ ائني هئٿيوز ڪاٽيج. هيءَ اُهائي ڪاٽيج آهي جتي وليم شيڪسپيئر پريت جو پيچ پاتو هو ۽ سندس محبوبا اَئني شاديءَ کان اڳ رهندي هئي. نومبر 1582ع ۾ ٻنهي لائون لڌيون هُوءَ ٽن مهينن سان پيٽ سان هئي جو ٻئي .هيون. انوقت شيڪسپيئر جي عمر 18 سال هئي ۽ سندس محبوبا جي 26 سال وواهه جي ٻنڌن ۾ ٻڌجي ويا.

جناب نور محمد ٿيبو ڀلو انسان هو. سندس : لنڊن ۾ وينا کي ڪيترا سنڌي واقفڪار ۽ دوست مليا. پڇاڙيءَ ۾ وينا لکي ٿي ٻار تمام سُٺا هئا، سندن قرب وسرڻ جهڙا نه آهن. پرديس ۾ جڏهن پنهنجا هموطني ۽ هم زبان ملن ٿا ته عيد ٿيو وڃي.

وينا جو هيءُ سفرنامو مونکي بيحد وڻيو. سندس ٻولي عالماڻي، مٺي ۽ مؤثر سهڻي ۽ سپڪ آهي. سفرنامي کي دلچسپ ۽ مونکي نه صرف اُميد آهي پر يقين آهي ته مون وانگر ٻين پاڻڪن کي به هي .دلڪش ٻڻائڻ ۾ وينا ڪافي محنت ڪئي آهي سفرنامو دلچسپ لڳندو ۽ سنڌي جاتي هن جو خيرمقدم ڪندي. مونکي اُميد آهي ته ڪي قدردان ۽ دانوير ضرور جاڳندا جي .وينا شرنگيءَ کي انعام سان نوازي سندس حوصلي اَفزائي ڪندا

پـرڀُـو وفا چـڳاڻي

**پنهنجي پاران**

.چوڻي آهي جي لوچين سي لهن. اُن چوڻيءَ جو احساس اُن وقت ٿيو جڏهن ست سمنڊ پار سفر لاءِ سندرو ٻڌو
لڳي اُتـرَ هـيرَ، سامُـنڊين سڙهَ سنباهِيا (شاه)
زندگي ناءُ آهي سفر جو ڏونگر ڏورڻ... سياحت تلاش... زندگيءُ ۾ ڪنهن اڻ ڄاتل منزل جي تلاش، ڪنهن هڪ منزل جو ارادو ڪري نڪرجي ٿو ته راھ ۾ ڪئي پيچرا اچن ٿا... نئين راهن طرف ڌيان ڇڪجي ٿو. ڪئي تجربا ۽ مشاهدا ماڻجن ٿا. ڪي ڄاڻ ته ڪي اڻ ڄاڻ وانئون ٻانهون ڦهلائي خوش آمديد ڪن ٿيون. سيلانيت جي تمنا ڇو پيدا ٿي؟ سفر دوران منزل تي صحيح سلامت پهچڻ جو فڪر، ڪنهن اڻ ڄاتل حادثي جي چنتا. من ۾ نئين ماحول کي ڏسڻ تاريخ ۽ تهذيب ڄاڻڻ جي چاهنا. نئين حالتن ۽ ٻين ملڪن جي رهڻي ڪرڻي، تاريخي عمارتن، تهذيب جي ڄاڻ پوي ٿي. بيشمار خواهشن جو ڪرُ .موڙڻڻ، ماڳن تي مونٽي عزيزن سان تجربا ونڊڻ
پنهنجي ائڊوينچر جا قصا ۽ سيروسفر .دوستيءَ جو دم ڀريندڙ سڄڻن جي تعريف ۽ داد پُٺيان حسد جي جيوڙن جو احساسُ جي تصويرن کي مٺن مائٽن کي ڏيکاري پنهنجا تجربا بيانُ ڪرڻُ. پوءِ وقت گذرڻ سان معمول واري زندگي. نئين ڪنوار .نو ڏينهن لٽي پٽي ڏهه ڏينهن
ولائت جا ڪئي سفر ڪيا، 1984، 1990، 1995، 1999ع. مان سنڌ جي سفرن جو هتي ذڪر نه ٿي ڪيان جيڪي 1986ع، 1989ع سچل ڪانفرنس ۾ شرڪت ۽ 1993ع پيءُ جي وفات کانپوءِ امڙ وٽ وڃڻُ. حالانڪ انهن دورن تي سنڌ جا ٻه سفرناما - پکا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا، ٻيو - ڪيچان تان ڪافر. ۽ هڪُ ليهلداڪ تي سنڌو ڪناري نئون تاريخي باب لکيا. انهن سفرنامن جي ولائت جي سفر سان ڀيٽ ڪرڻ نه چاهيندس. جو اهي ڌرتيءَ ۽ ماروئن سان جڙيل هئا، آمريڪا، لنڊن، اسپين، ڪئنڊا، پورچگال، پئرس، سنگاپور، بنڪانگ وغيره وڃڻ ٿيو پر هن ڀيري ڪجھ حادثن، حقيقتن ۽ مُشاعدن کي قلم بند ڪرڻ جو ارادو ڪيو. زندگيءَ ۾ اهڙا سفر ڪرڻ جا موقعا ورلي ملندا آهن. اجا پر وارا مُلڪ نيپال، .دبئي ۽ هانگ ڪانگ ڪونه ڏٺا آهن، خاص طور مصر جا پرائمڊ ڏسڻ جي دل ۾ وڏي خواهش آهي
ع ۾ جڏهن ٻهريون ڀيرو سانا طرفان واشنگٽن ڊي.سي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ملي ته امڙ چيو تون 1990 ضرور وڃ، پر منهنجي ذهن ۾ ڪئي خدشا خبر نه ڪهڙا ماڻهو هجن، ڪهڙيون حالتون هجن، ڪٿي تفريح بدران ڏکن ۽ ڏوراپن جو سفر نه ٿجي پوي، امڙ جي همٿ ڏيارڻ تي نڪتس، اگر اُن سفر ۽ ٻين سفرن جو ذڪر ڪرايان ته الف ليليٰ جا داستان ٿجي پون. هتي اُنهن چند سڄڻن جو ذڪر ضرور ڪندس جن جي پيار قرب همٿ-افزائي ۽ احترام ڪري پکيءَ .وارا پر ڪري دهليءَ مان آمريڪا، لنڊن ۽ اسپين ڏانهن اُڏامي هيس
پنهنجي مٺي امڙ ستي ديويءَ جو آشرواد، پنهنجي پائرن اشوڪ ڪمار ۽ ڪانتيش ڪمار، ڊاڪٽر نرجن دوداڻي جنهن اُن وقت به ۽ هن سميلن ڀيري به همٿ-افزائي ڪئي. آمريڪا ۾ منهنجي الطاف ميمڻ عرف آدرش سنڌيءَ سان به خط ڪتاب هو. انهن جي سهڪار ڪري ئي 1990ع ۾ جريت ڀريو قدم ڪٽي پرڏيہ ۾ پهتس. ڌرتي کان ڏور رهندڙ ماروئڙن سان مُلاقات ڪرڻ جو اشتياق ۽ ڏونگر ڏورڻ جي جريت ٿي. همٿين مردان مددي خدا. ٻهرين نيويارڪ وڃڻ جو ارادو هو پر .پوءِ ٻهرين واشنگٽن ڊي.سي. طرف سفر جي واڳ ورائي
سنڌيءَ ۾ خاص طور تي ڀارت ۾ اسان کي ٻين صنعفن جي ڀيٽ ۾ سيروسفر جي موضوع کي ڪٽي آگرين تي ڳڻڻ جيترا سفرناما لکيا ويا آهن جن جو ذڪر پرڀو وفا صاحب مُهاڳ ۾ ڪيو آهي مان سندن ٿورائتي آهيان جو هنن سفرنامو پڙهي ۽ مُهاڳ لکي پورهئي جو قدر ڪيو، سنڌ ۾ سفرناما وڏي تعداد ۾ لکيا پيا وڃن، جناب الطاف شيخ پنهنجي بحري سفر دوران

الڳ الڳ ملڪن جا دورا ڪري چڱي تعداد ۾ سنڌ جي ماڻهن کي ٻاهرين دنيا کان واقف ڪرايو آهي، سندس سفرناما وڏي چاهه سان پڙهيا وڃن ٿا، خوش قسمتيءَ سان الطاف شيخ کان علاوه ٻين سڄڻن جا سفرناما به مونکي پڙهڻ جو موقعو مليو، ڪي تحقيق جي لحاظ کان سنڌ جي الڳ الڳ ماڳن جا ته ڪي ولايت جا، عنايت بلوچ جو پرينءَ جي پرديس، ڊاڪٽر سليمان شيخ جو تنظيمي حوالي سان ٻين ملڪن جي دوري دوران مُشاهدن تي آڌارت ويه مه وساريج اين.جي.او. جي چاڻ وارو، بدر ابڙي جو هنگلاج ۽ لاهوت تي ديويءَ جي آسٿان تي، امير ابڙي جو ناروي جو سفرنامو عورت بنا سيارو، سنڌ ۾ پڙهڻ وارن جو وڏو طبقو آهي. اهڙيءَ طرح اُردو ۾ به وڏي تعداد ۾ سفرناما لکيا ويا آهن ۽ لکجن پيا. علامه اقبال هڪ شعر ۾ فرمائي ٿو :

باغ بهشت سي مجهي حڪم سفر ديا تها ڪيون
کار جهان دراز هئه، اب ميرا انتظار کر

چمڻ کان وٺي زندگيءَ جي آخر تائين هيءُ سفر جاري رهي ٿو. هندوستان جي سيروسفر تي ڪيترن سيلانين پنهنجا سفرناما قلمبند ڪيا آهن. پر چوڏهين صديءَ ۾ ابن بطوطه هندوستان آيو هو. اُن پنهنجي سفرنامي ۾ هندوستان جي معاشري ۽ تهذيب کي سُهڻي ۽ دلڪش نموني ۾ پيش ڪيو آهي. پنهنجو هيءُ سفرنامو وايون وڻجارن جون مئدرد (اسپين) ۾ رهندڙ ٻن پائرن اشوڪ ڪمار ۽ ڪانتيش ڪمار ۽ پرديس ۾ رهندڙ سنڌي وڻجارن کي ارپڻ ڪيو آهي، جيڪي وطن جا وڻ چڙڏي محنت ۽ اورچائيءَ سان پرديس ۾ پنهنجي پيرن تي بهي پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب تي فخر ڪن ٿا.

آءُ جَنِ آ ساراي، مٿي تَڙَّ گذاريان
مون کي وسِاراي، شالَ مَ وڃَن اوهَرِ! (شاهه)

هيءُ سفر ماروئـڙن سان مُلاقات، الڳ الڳ مُلڪن جي تاريخي عمارتن ۽ اُنهن جي رهني ڪرڻيءَ کي پنهنجي وت، سوچ ۽ مُشاهدي جي آڌار تي منهنجي نگاهه جيڪي ڏٺو ۽ جو محسوس ڪيو سو قلم بند ڪيو آهي. ساٿ سلامت.

سدائين گڏ

وينا شرنگي

**اونهي ڳالهه اسرار جي**

جي فلائيٽ جي روانگي هئي. پر اُن ڏهاڙي فلائيٽ ليٽ هئي سادي ٽئين لڳي رواني KLM دهليءَ کان تقريبا هڪ لڳي ٽيٽي هئي. يوڏشنر منهنجو پائنيو هوائي اڏي تي مونکي چڏڻ آيو هو، مون کيس چيو تون پلي واپس وڃ جو ٻاهر بهڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. مان سادي ٻارهين ڏاري رات جو سامان روانو ڪري، هوائي اڏي تي جيڪي پنجاهه ڊالر ملندا آهن سي بئنڪ مان مٽائي، ايميگريشن چيڪ ڪرائي اندر داخل ٿيس. ڪي.ايل.ايم. جي مُسافرن کي چانهه جا ڪوپن ڏنا ويا، چانهه بدران مون جُوس کي ترجيح ڏني، جو گهران به پيرا چانهه پي نڪتي هيس.
ننڊ نيڻن مان اُڏامي وئي، خيالن جي اُڏام هزارين هزارين ڪلوميٽرن جي رفتار سان پرواز ڪرڻ لڳي. وقت پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌڻ لڳو. جهاز ۾ پهرين بزرگن ۽ اپاهجن کي نينڊ ڏني وئي، اُن کانپوءِ ٻارن ۽ عورتن کي. بعد ۾ ايگزڪيوٽيو ڪلاس وارن کي پوءِ باقي سڀني مُسافرن کي داخل ٿيڻ جي نينڊ ڏني وئي. بوربنگ ڪارڊ ڪٽي پنهنجي سيٽ تي وهڻ کانپوءِ، خيالن جو سلسلو جاري ٿي ويو، جڏهن به مان تنها رهان اهي منهنجا همسفر بڻجي وڃن. زندگيءَ جا ورق طوفاني فئبروري 1999ع تي هن جهان مان (4)رفتار سان ورڻ لڳا، جنهن جو مرڪزي ڪردار منهنجي امڙ بڻيل رهي. چوٿين الوداع ڪيائون، منهنجي اکين جي آڏو ٽئين فئبروريءَ جي اُها رات ور ور ڪري اچي ويندي آهي. اُن رات پهرين پاڻي

پيئڻ لاءِ گهريائون، وري پارهين ڪانپوءِ اُٿي ويٺا، سندس گلي ۾ ڇڻُ ساهُ اٽڪي پيو. ڏيڍ لڳي رات جو ڏٺيءَ ڪيس منهنجي
ٻانهن مان ڪنپي ڪنيو. مان لاچار ۽ بي بس روئندي رهيس، رڙندي رهيس. مٺ مائٽ مونکي دلاسو ڏيندا رهيا. اڄ ان دک
دائي حادثي کي پنج مهينا ٿي چڪا آهن، پر لڳي ٿو ڇڻُ ڪالھ جي ڳالھ آهي، اها ڪالھ جي ڳالھ اڄُ بڻجي هميشہ منهنجي
اکين اڳيان رهندي. دنيا جهان وٺان وڏا وڏا پرسنگه ٻُڌڻ لاءِ ملن ٿا، پر منهنجو منُ وقت به وقت اشانت ٿي وڃي ٿو، ڪڏهن
ڪڏهن چاٽندي ته ڪڏهن اڻ چاٽائيءَ ۽ بي خبريءَ ۾ ان منظر کي پسي ٿو. اُن وقت پاڻ کي محتاج، بي بس ۽ دنيا جي
مظلومن مان سڀ کان وڌيڪ مظلوم تصور ڪندي آهيان. امڙ جو آواز ور ور ڪري ڪنن ۾ ٻرندو آهي؛ ڪڏهن وينا ته
ڪڏهن وِنل، ڪڏهن پيارُ ۽ پاٻوهه ته ڪڏهن هدايت. اڄ مان جيڪي ڪجھ آهيان سندن ساٿ ۽ رهنمائي جو نتيجو آهي. لکڻُ
.پـڙهڻُ، کائـڻُ پيئڻُ، گهمڻُ - گهتڻُ، مطلب ته هر ڳالھ ۾ امڙ جو ساٿُ ۽ صلاح مون سان گڏ آهي

جنهن رات موڪلايائون صبح جو، مونکي چيائون اڄ مونکي ننڊ ڪرڻ ڏئي. مان خوش ٿيس ته ڀلي آرام ڪن. مان اڻ چاڻ
هيس ته اها آرام واري نه، پر ندوري ۽ نياڳي ننڊ هئي. اکيون کولي پاڪُرپري پيشانيءَ کي جڏهن چميائون ته منهنجي سڄي
جسم ۾ بجليءَ جي تيزرفتار جيان ممتا جو ڇُهاءُ، منهنجي رڳ رڳ ڇهندي، رت ۾ ولوڙو ۽ من اندر ولولو پيدا ڪيو،
جيڪو زندگيءَ جي آخري دم تائين مون سان ساڻُ رهندو. ممتا جي موھ جي سمنڊ جون ڇوليون، مونکي زندگيءَ جي امرت
منٿن ۾ ننڊ ۽ جاڳ ۾ ولوڙين ٿيون. جيڪي يادين جي چاڏيءَ ۾ ولوڙيندي صاف، شفاف مکڻ جيان جيجل جي شخصيت کي
اُپارين ٿيون. ايڏي حادثي ڪانپوءِ مان جيڪر موت تي وڏو داستان قلم بند ڪريان پر پنهنجي من کي قابوءَ ۾ ڪندي لطيف
سائين جي ان بيت کي ور ور ڪري دهرائيندي آهيان. جيڪو امڙ کي سندس بيماريءَ جي وقت ٻُڌايو هيم، پاڻ وري لطيف
.سائين جي ان شعر کي دهرائيندي راحت محسوس ڪيائون

دوست ڪُهائي دادلا مُحب مارائي،
خاصن خليلن کي سختيون سهائي،
الله الـصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي،
انهيءَ منجھ آهي ڪا اُنهي ڳالھ اسرار جي. (شاھ)

زندگيءَ جي هن ڪُروکيتر ۾ اڪيلي ئي جنگ وڙهڻي آهي. ذهني ۽ جسماني طور اڪيلي پوڳنا جو سفر طئه ڪرڻو آهي.
ڏکه ڪو لاهي ڪونه سگهندو. پر انهن دکه دائي گهڙين ۾ پينرن پروميلا ۽ شالني، مون سان گڏ رُنو. ور ور ڪري دلداري
ڏيندي چيائون تنهنجي دکي هئڻ ڪري امڙ جي آتما اشانت رهندي، تون خوش رهندين ته امڙ جي آتما کي شانتي ۽ سکه
ملندو. غمن جي گهيري مان ڪڍڻ لاءِ وڏي ڀاءُ اشوڪ ڪئي ڀيرا هتي دهليءَ ۾ چيو ته مون سان گڏ مئڊرڊ (اسپين) هلُ.
وري واپس مئڊرڊ وڃي ور ور ڪري فون ڪيائين ته ويزا ورتي اٿئي يا نه؟ تون هتي سيپٽمبر تائين اچي ٽِڪُ. سفر جو
احوال قلم بند ڪرڻُ انهن جي ڪوشش جو ئي نتيجو آهي. ائين جهاز جي اُڏامڻ تائين منهنجا خيال تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳا.
.ان دوران ڇڻُ هو منهنجي آتم ڪٿا بيان ڪري ويا

سفر دوران منهنجي ننڊ نيٽن مان اُڏامي .دهليءَ کان ايميسٽرڊم جي هوائي اڏي جو سفر اٺن (8) ڪلاڪن جو سفر آهي
ويندي آهي. جهاز ۾ سامهون اسڪرين تي نظر وڌم. انڪانپوءِ ڪنن تي سنگيت جي پرلاءُ لاءِ ڪنن تي هيڊفون چاڙهيم. ان ۾
ڪي.ايل.ايم. لاءِ خاص طور تي تيار ڪيل، جيئز گروپ جو سنگيت هو. انهن جي هڪ ڌن تي انڊين فلم وارن به گانو
ٺاهيو آهي. ٻين جون ڌُنيون ڪٽي گانا ٺاهڻ ۾ محنت گهٽ لڳندي آهي. اڄ ڪلھ اهڙو دور آهي جو ماڻهو راتورات مالامالُ ۽
شُهرت ڪمائڻ چاهن ٿا، تنهن ڪري اها واٽ اڄ ڪلھ عام ٿي وئي آهي. فلم 1942 لواسٽوري ۾ فلم جي هيروئن منيشا کي
هڪ گاني ۾ اڇو سلوار ڪرتو ۽ بسنتي رنگ جو رئو پهريل آهي، ساڳيو لباس هڪ ٻي فلم ۾ روينا ۽ شلپا شيٽيءَ کي
پهريل آهي. بلڪ بلڪل ساڳيا شاٽ ورتا ويا آهن. ڇو ته اصلوڪي ڪم (اُوريجنل) ڪرڻ ۾ محنت لڳندي آهي. مارئي
سنسٿا جا به ڪيترائي خيال چورائي پوءِ لکن اسان روايت قائم ڪئي آهي. ڪيترين خبرن جو ته بُنياد ئي نه هوندو آهي.
ڪمپيوٽر اچڻ سان .علم ادب جي غلط تاريخ پئي لکجي. مٿان وري پروف جي غلطين ته اصل ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي
مسئلا حل ٿيڻ بدران هتي سنڌي ٻوليءَ کان اڻ ڄاڻ ڪمپازٽرن جي ڪري مونجهارا پيدا ٿيڻ جا خطرا وڌي ويا آهن.
1948ع کي لکن 1984ع، 1924ع بدران لکن 1942ع هٿي ڏهاڪائي مٿي ڇڏين. هاڻي جي ان طرح جون غلطيون ٿين ته
ٻيڙي ٻُڏي يا نه؟ سنڌي ٽائيمس ۾ دادا هري دلگير جو خط پڙهيو هيم. دادا دلگير ڊاڪٽر نارائڻ پارتيءَ کي جڳھ پرسد
ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ تي ڇپيل ڪتابن ۾ سالن جي غلطين طرف ڌيان ڇڪايو آهي. مون ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي کي

مارئي جو سووئينر چيڻ لاءِ ڏنو هو، جنهن ۾ هُن پنهنجي مرضيءَ جون ڳالهيون جوڙي ڇڏيون. مان جڏهن مئدرڊ لاءِ روانو ٿيڻ واري هيس ته ڄاڻ پئي ته راجستان سنڌي اڪادميءَ جي مخزن ۾ منهنجي ڪهاڻيءَ سان گڏ منهنجا تفصيل بايوڊيٽا غلط ڏني وئي آهي. مون مُرليڌر جيٽلي جي سالي سُريش سارسوت کي فون ڪري چيو ته جيتوڻيڪ مون وٽ ڪاپي ڪونه پهتي آهي پر مونکي ڪنهن سڄڻ ٻُڌايو آهي ته ان ۾ تو منهنجي باري ۾ غلط تفصيل ڇاپيا آهن. چيائين، اهو پروف به انهن ئي پڙهيا آهن. باقي منهنجي اها غلطي ضرور آهي ته مان توکان فون ڪري صحيح .منهنجو ڏوهه نه آهي تفصيل نه ورتا. مونکي ته راجستان اڪادميءَ وارن پورا پئسا به ڪونه ڏنا آهن. انهن حالتن ۾ اهو عرض ڪندس ته ڪنهن به ڳالهه لکڻ يا پڙهڻ کان اڳ ان جي تصديق ڪرڻُ لازمي آهي، ۽ ڪامن سينس جو استعمال سنڌي جاتيءَ جي گهٽگهرن کي ڪرڻ گهرجي. رد ڪد مان ڇا ورندو؟ ساڳيءَ طرح گوبند مالهيءَ به پنهنجي سنڌ جي سفرنامي ۾ مروڙي سروڙي ڳالهيون پيش ڪيون آهن. مونکي خوشي آهي جو مون سندن حياتيءَ ۾ جئپور سميلن ۾ کين روبرو سڀني جي اڳيان اها ڳالهه .چئي

منهنجو وسُ واڪا ٻُڌڻ ڪمُ ڀروچ جو. (شاهه)

هوائي سفر دوران منهنجي نگاهه وچ وچ ۾ ٽي.وي. اسڪرين تي پئجي رهي هئي. جنهن ۾ هوائي سفر جو نقشو به ڏيکاريل هو؛ جتان جتان جهاز پئي لنگهيو، ان شهر جي ايراضي، بيهڪ وغيره جي ڄاڻ ملي رهي هئي؛ ڪراچي، بخارو، بلئڪ-سي، جرمني وغيره. هر ديش جي مٿان اُڏام وقت، تاريخي ماڳن، مشهور شهرن ۽ ڪلچر جي ڄاڻ جا ساگر اُٿلي پئي پيا. جرمنيءَ مٿان لنگهڻ وقت مونکي اُن فلاسفر سوٽ سُپاش جي ياد آئي، جيڪو ماءُ جو سڪيلڌو لاڏلو پُٽ هو. اسڪالرشپ تي جرمنيءَ ويو ڇڻُ جلاوطن ٿي ويو. سندس وڇوڙي ۾ اسان جي چاچي پراڻ تياڳيا. ۽ جڏهن سُپاش واپس وطن وريو ته وقت کان اڳ ئي زندگيءَ بيوفائي ڪيس؛ نه ڇوڙيائين نه ماڻيائين. منهنجي ماءُ ڏک وچان هاءِ هاءِ ڪندي چوندي هئي، .سُپاش تو نه ڇوڙيو نه ماڻيو

انڪانپوءِ ساڍي ڏهين لڳي مئدرڊ جي .اسان جو جهاز مڪاني وقت مطابق صبح جو اٺ لڳي ڏهن منٽن تي ايميسٽرڊم پهتو فلائيٽ جو وقت هو. ارائيول ۽ ڊپارچر لانج وچ ۾ چڱو فاصلو هو. گفٽ شاپس تي نظر پئي دل چاهيو ڪجهه ڏسان پر ٿڪاوٽ ڪري، ۽ وري ان خيال کان ته هاڻي يورپ ۾ ٻه مهينا آهيان، دل کولي اهڙيون شيون ڏسبيون.

اِميگريشن ۽ ٻين فارملٽيز پوري ڪرڻ کانپوءِ مئدرڊ طرف ويندڙ لانج طرف رخ ڪيم. وري به پڪ ڪرڻ لاءِ اُتي سُتل ٿلهيءَ ۽ بندري عورت کان پُڇيم ته سندس چرڪُ نڪري ويو، جو هوءَ ننڊ جي جهوٽي ۾ هئي. مون ڪائنس پُڇيو هيءَ مئدرڊ جي فلائيٽ آهي. اکيون مهٽي دل تي هٿُ رکي ها چئي هن به کلي ڏنو، منهنجو به ٽهڪُ نڪتو. هن کي اسپينش اچي رهي هئي ۽ مونکي انگريزي. مون مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ کيس پنهنجو بورڊنگ ڪارڊ ڏيکاريو. هن ڪنڌ ڌوڻي چيو ها مان به ان فلائيٽ ۾ وڃي رهي آهيان. ان کان اڳ ۾ ٻه پيرا، منهنجو لنڊن ۽ اسپين ۽ هڪُ پيرو آمريڪا وڃڻ ٿيو. پر هن .روٽ تان مان پهريون پيرو وڃي رهي هيس. مان ڊچ ايئرلائين ۾ هيس. پهريون پيرو ان بابت ڄاڻڻ جي من ۾ چاهنا ٿي

سترهين (17) صديءَ ۾ ڊچ ۽ اسپيني نئين مُلڪ جي تلاش واري مهم جي سلسلي ۾ هن علائقي ڏانهن آيا. پر اهو ڪئپٽن ڪوڪ ئي هو جنهن اڳتي هلي 1770ع ۾ اُتي جهنڊو کوڙيو. 1788ع ۾ سڊنيءَ جي ساموندي بندر تي پهريان (سيٽلرس) پناهه وٺندڙ اتي اچي آباد ٿيا، ۽ برطانيه ان نئين بئنڪ (ڪالوني) طرف پنهنجي سزا کاٽل قيدين کي اُتي موڪلڻُ شروع ڪيو. 1901ع ۾ اها آسٽريليا، فئڊريشن آف اسٽيس-ائنڊ-ٽيرٽريز، ۽ ريپلڪ بڻي. جنهن جو سربراهه راڻيءَ بدران صدر اها ڪامن ويلٿ جو حصو بڻيل آهي. ان جي راڄڌاني ڪئنبيرا آهي. اتي قومي پارليامينٽ آهي ۽ تاريخي ماڳن ۾ .بڻيو ڪريڊل مائونٽين سيلانين کي پاڻ طرف ڇڪين ٿا. آسٽريليا ۾ ڊچ هالينڊ فيسٽيول ڪافي ٿيندا رهندا آهن جن کي ڏسڻ لاءِ .ڪافي سيلاني اتي ويندا آهن

آسٽريليا جون ڇهه رياستون آهن. اتان جي موسم گرم، خشڪ هلڪي ٿڌي آهي. ٻولي جيتوڻيڪ انگريزي آهي، پر لاڏو ماڻهن طرفان ٻيون سئو (100) کن ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ڊچ ۽ پورچوگيز واپارين، هندوستان ۾ پڻ پنهنجا خيما کوڙيا هئا. مان ائميسٽرڊم کان اسپين وڃڻ لاءِ جنهن جهاز ۾ سوار هيس اُن ۾ منهنجي پرواري سيٽ تي هڪُ ڊچ (جنٽلمين) همراهه هو، جنهن ويٺي انگريزي ناول پڙهيو. سندس نالو هو جان ويندر مير. هُن ٻڌايو ته هو هڪ ڪامپيوٽر ڪمپنيءَ ۾ ڪمُ ڪندو آهي، جنهن جي هڪ برانچ لاهور ۾ به آهي. هو پارٽ کان به واقف هو ۽ هتان جو هڪ هفتي جو دورو ڪري

چڪو هو. هن ٻُڌايو ته ڪيس تاج محل ڏاڍو وڻيو. مون ڪائنس اُتي جي ليڪڪن، ليکڪائن ۽ اُتي جي سپيتا رهڻي ڪرڻي جي باري ۾ پُڇيو، هن ٻُڌايو ته اتي گھڻائي ليکڪ، ليکڪائون آهن جيڪي تمام سُٺو لکي رهيا آهن. پر جيڪي ماڻهن ۾ مقبول آهن تن ۾ هيري مولش، ائنا انڪوئسٽ ۽ هيلا هيس وغيره آهن. جان وينڊر مير وڏيڪ ٻُڌايو ته هالنڊ جي اسپتالن ۾ علاج مفت ڪيو ويندو آهي. ۽ بيروزگارن کي سرڪار طرفان سوشل سيڪورٽي جي ضمانت مليل هوندي آهي. اُتي هن وقت پارت وانگر متحده محاذ جي گڏيل سرڪار آهي، جنهن ۾ ديش جون مکيه سياسي پارٽيون؛ سوشلسٽ پارٽي، لبرل پارٽي ۽ مچيارا قائم رکين پيا اچن، / ڪرسچن پارٽي شامل آهن. ڊچ لباس جي باري ۾ هن ٻُڌايو ته اُتي جي روائتي لباس کي مُهاڻا سو آهي پرت پريل لباسُ ۽ وڏي ٽوپي. هالنڊ ۾ مُراڪشين ۽ تُرڪن جي ڪري اسلام جو به اثر پيو آهي. عام ماڻهن جي ٿيئٽر ۾ ڪافي دلچسپي آهي. اتي گلن جي ڪري ڪيترا علائقا مشهور آهن. ڪاٺ جون جُتيون (چاکڙين وانگر) به ڪافي مشهور آهن. هوڏانهن اٽلي به ناٽڪ ۽ ٿيئٽر جي ڪري ڪافي مشهور آهي. اُتي مِڊسمر ميجڪ، ڏسڻ لاءِ گھڻا ئي سيلاني اُونهاري جي وڻندڙ شامن ۾ اٽليءَ جي اوپن-ايئر-ٿيئٽر کي هزارين ميڻ بتين سان روشن ڪيو ويندو آهي. جيڪو .اچن ٿا ڊرامائي پسمنظر ڏسڻ وٽان هوندو آهي. اٽليءَ جي وچ واري دور جو خوبصورت شهرُ ويرونا، جيڪو جڳ مشهور پريمين، روميو جوليٽ، جو گھرُ آهي، اُتي اونهاري جي مُند ۾ يادگار روماني اوپيرا ڏيکاريا ويندا آهن، جنهن کي ڏسي لبن .تي واھ! واھ!! هوندي آهي

ايمسٽرڊم کان مئڊرڊ جي اُڏام جو وقت اڍائي ڪلاڪ کنُ آهي. ٻنهي مُلڪن جو وقت ساڳيو آهي. اُڏام دوران درياءَ کان ٻاهر ٿوري فاصلي طئه ڪرڻ کانپوءِ هڪ ٻئي هوائي جهاز تي نظر پئي، جيڪو اسان .نهاريم ته ساوڪ ئي ساوڪ هئي واري جهاز کان هيٺ اونچائي تي اُڏامي رهيو هو. ڄڻُ ٻئي گڏو گڏ هلي رهيا هجن. من ۾ ڪئي خدشا ۽ خيال پيدا ٿي رهيا .هئا ته متان هڪ ٻئي جي ويجهو نه اچن؟ ۽ ڪٿي...؟ پر نه پائلٽن کي پنهنجي مقرر اونچائي ۽ رستي جي ڄاڻ هئي ٿوري دير ۾ ٻئي جهاز ساڄي پاسي رخ ڪيو. اسان جو جهازُ بادلن کي چيريندو پنهنجي طئه ٿيل منزل طرف پرواز ڪرڻ لڳو. ڌرتيءَ تي رهندڙ انسانن کي، بادلن جي هندوري ۾ لوڏيندي، هيءَ هوائي پالڪي ڄڻُ ڪنهن پرين جي ديش جو سيرُ ڪرائي رهي هئي. منهنجي اُداس من اندر، قدرت جي انهن سُهڻن وڻندڙ حسين دلڪش نظارن سرهائي پيدا ڪري ڇڏي. ۽ مان ويران وادين جي گھيري مان نڪري هيٺ پاتال ۾ ندين نارن، وڻن ٽڻن ۽ ڌرتي نواسي انسانن کان گھڻو ڏور، هوائي سفر دوران، ڪئي شاعرانه خيال من ۾ اُڇلون ڏيئي رهيا هئا جن کي قابو ڪرڻ لڳس. پر افسوس جو اُن وقت مون تي شاعريءَ جي ذات ايڏي مهربان ڪونه ٿي جو اهڙن حسين دلڪش منظرن کي تخليق جي نازڪ ۽ نفيس گلن جو ويس پهرائي امرتا بخشي ڇڏيان ها، نه وري هٿن ۾ اهڙي فني ڪماليت هئي جو بُرش کڻي زندگيءَ جي الڳ الڳ رنگن کي دلڪش ۽ دلفريب تصوير جو روپ ڏيان ها. اها حسرت ئي رهندي پر اندر وارو تخليقڪار قلم کڻي ويهي رهي. اهو چئي : !مان جوئي آهيان سوئي آهيان...! منهنجي شخصيت کي پاڻ سان گڏ گھلي ويو

ڏينهن جو هڪ لڳي ويهن منٽن تي مئڊرڊ جي براخاص انٽرنيشنل هوائي اڏي تي فلائيٽ لٿي. سامان اچڻ ۾ ويهه کن منٽ لڳا اُنکانپوءِ مسئلو آيو ايميگريشن وارن کي پاسپورٽ ۽ ويزا ڏيکارڻ جو. ٻوليءَ جي مسئلي ڪري ڪائونٽر تي ويٺل آفيسرن سان ڳالهائڻ بدران کين پنهنجو پاسپورٽ ڏيکاري چيم انڊيا! مطلب ته آئون انڊيا کان آئي آهيان، فارمليٽيز پوريون ڪري ڪٿان نڪرڻو آهي. اشارن ۾ هُنن کي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچي. اصل ڏبي ۾ نڪريون. بنا ڪاڳر ڏيکارڻ جي ٻاهر نه ٿئي نڪتم ته متان ڪو ٻيو رولو پئجي وڃي، ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه پيو اچي ته ڇا ڪريان؟ هن کان اڳ به پيرا اسپين مان ٿي وئي هيس. ڪجهه لفظ ياد هئا، اُن جو سهارو وٺڻ جي ڪوشش ڪيم. منهنجي نظر ساليدا لفظ تي پئي. مون ٿوري راحت محسوس ڪئي، ساليدا لفظ جي معنيٰ آهي ــ وئه آئوٽ ٻاهر نڪرڻ جو رستو، اينتراد جي معنيٰ اينٽر اندر اچڻُ، مون دل ۾ چيو پاسپورٽ کڻي ٻاهر نڪران ٿي، پاڻهي روڪيندا. مان ٽراليءَ ۾ سامان کڻي آهستي آهستي قدم اڳتي وڌايا، ورديءَ واري همراهَ جيتوڻيڪ مونکي ڏٺو، پر هن ڪوبه ردي عمل ظاهر ڪونه ڪيو. مان گيٽ کان ٻاهر نڪري آيس سامهون وڏو پاءُ اشوڪ بيٺو هو مون کان دهليءَ جي خير خبر ورتائين. مونکي پنهنجي ڪاڳرن جو فڪرُ هو، سو چيومانس ته منهنجو ته پاسپورٽ ئي ڪونه ڏٺائون. ان تي اشوڪ چيو ته تون يورپ ۾ اڳم داخل ٿي چڪي هئين. تنهنجا ڪاڳر ايميسٽرڊم هوائي اڏي تي ڏٺا اٿائون. اڳين پيري ڄاڻ پئي هئي ته جيڪڏهن يورپ جي ڪنهن هڪ ديش جي ويزا ملي وئي ته ان آڌار تي يورپ جي ڪنهن به مُلڪ وڃي گھمي ڦري سگهجي ٿو. يورپي يونين جي ملڪن شينگينس جي شهر ۾ پاڻ ۾ هڪُ مهاعدو ڪيو هو، جنهن تحت ڪنهن به هڪ يورپي مُلڪ جي ويزا وٺڻ سان يورپ جي مُلڪ ۾ سفر ڪري سگهي ٿو، انگلنڊ ان

مُهاعدي تي صحيح ڪونه ڪئي آهي، انڪري اُن جي لاءِ الڳ ويزا جي ضرورت پوي ٿي.

******

**گيتا مندر**

دهليءَ کان مئبرڊ جو سفر ڪري خير سان گهر پهتس، پاڃائي ۽ پائٽيءَ سان ملڻ ڪانپوءِ ٻئي ڀاءُ پاڃائي ۽ سندن ٻارن سان ٿيا هئا. دهليءَ مان گهران رات جو ساڍين يارهين (30 - 11) لڳي رواني ٿي هيم. (2) فون تي ڳالهايم. مئبرڊ ۾ اُن وقت به ان حساب سان مان (15) پندرهن ڪلاڪن جو سفر ڪيو هو، سو ٿڪاوٽ ٿيڻ قدرتي هئي. مٿي تي پاٽي وجهي سنانُ ڪري وڃي سُمهي پيس. اچان ننڊ ۾ ئي هيس ته اشوڪ جو ڪنن ۾ آواز پيو؛ وينا ڪانتيش آيو اٿئي. مون بيڊروم مان ئي ڪانتيش سندس زال پونم، ٻئي ٻار .وراٿيو مان اچان ٿي. اکين تي پاٽيءَ جا ڇنڊا وجهي هيٺ لٿس. رات جا ڏهه ٿي رهيا هئا سندو ۽ دويش سان ملي کين دهليءَ جي خير خبر ٻُڌايم. ڊنر ڪرڻ تائين رات جا ٻارهان ٿي ويا. ڇيائون تون ٿڪل آهين ڀل آرام ڪر. منهنجي حالت اچا تائين ٿڪ جي ڪري خراب هئي سو سپني کان موڪلائي ڪري وڃي بستري تي ڪريس. آرام دائڪ پلنگ ٿڪل جسم کي جيڪا راحت ڏني، اُن جو بيانُ ڪرڻ مشڪل آهي ٻئي ڏهاڙي صبح جو اشوڪ چانهه لاءِ اُٿاريو. چانهه پي، نيرن ڪري وري وڃي سُمهي پيس. وري منجهند جي مانيءَ لاءِ اُٿاريائين. ڇيائين ته ڪانتيش ۽ پونم جو فون آيو هو. مان وري منجهند جي ماني کائي وڃي سُتس، ڇڻُ سالن جا اوجاڳا هجن. رات جي مانيءَ وقت ڪانتيش کي فون ڪيم ته مان ٿڪل آهيان، سڀاڻي ڳالهه ٻولهه ڪنداسين.

جمع جي منجهند جو پُهتل، ڇنڇر سچو ڏينهن ۽ رات، اُنڪانپوءِ آچر تي وڃي صبح جو اُٿيس، ايتري ننڊ جو اڪ ڪولڻ جو نالو ئي نه پئي وٺي، ڇڻُ ورهين جا اوجاڳا ڪيل هجن. چوٿين (4) فئبروريءَ 1999ع تي امڙ جي پرلوڪ پڌارجڻ کان ڇئن مهينن ۾، ننڊ نيڻن مان اُڏامي وئي. امڙ جو ڳالهائڻ اُٿڻُ وهڻُ، سندن سواسن جي خوشبو ۽ پيار جي مهڪ وڻ ويڙهي جيان مونتي ويڙهيندي پئي وئي. مائرن جيان ماني ڪوئي کارائي ڪين ڪو.

آچر تي ڪانتيش ۽ پونم گيتا مندر جي هلڻ جو پروگرام ٺاهيو اسپين ۾ اسيمبلين جون چونڊون به هيون. اشوڪ سندس گهرواري ماريا ۽ ڏيءَ سوزانا کي ووٽ وجهڻو هو. هتي جي آبادي اٽڪل چار سايا چار ڪروڙ ٿيندي (40-45 ملين) هن وقت واڳون پارٽيدو پاپولار جڳهه پرسد يعني عوامي پارٽي جي هٿ ۾ آهن جنهن جو صدر خوسي ماريا اٿنار آهي جيڪو اسپين جي حڪومت جو پڻ صدر آهي پنجاهه سالن کن جو ٿيندو انکان علاوه سوشلسٽ پارٽي آف اسپين به آهي، اتي جو ووٽرن جو لاڙو گهڻو تڻو انهن پارٽين جي حق ۾ رهي ٿو. ٻنهي پارٽين مان ئي ڪنهن هڪ پارٽيءَ کي اسپين جا ماڻهو چونڊيندا آهن. مقابلو انهن وچ ۾ ئي رهي ٿو. 1975ع نومبر ۾ جنرل فرانڪو جي وفات ڪانپوءِ آپيشاهي جي دور جي پڄاڻي ٿي، اسپين جي موجوده بادشاهه خوان ڪارلوس (اول) پهرين جمهوريت آندي. اتي جمهوريت جي بحاليءَ سان، ان 1978ع اسپين ۾ صدارتي سرشتو رائج آهي. اسپين جو راڄا ۾ آئين وجود ۾ آيو، جمهوري نظام تحت پارليامينٽ وجود ۾ آئي اڪثريتي پارٽيءَ کي ايوان ۾ اعتماد جو ووٽ حاصل ڪرڻ لاءِ چونڊو آهي هن وقت پارٽيدو پاپولار اختيار ۾ آهي.

مون جڏهن اشوڪ جي هٿ ۾ ووٽرن واريون سلپون ڏٺيون، ته انهن جا الڳ الڳ رنگ هئا، اسيمبلي، ڪارپوريشن ۽ پارليامينٽ لاءِ ووٽ وجهڻ لاءِ، انهن سلپن کي واسطيدار اُميدوارن جي پيٽيءَ ۾ وجهڻو هو. اشوڪ وارا پندرهن منٽن ۾ ووٽ ڏيئي آيا. هوڏانهن ڪانتيش ۽ پونم به اچي پهتا. آرتوار 13 تاريخ منجهند جو مان ڪانتيش ۽ پونم گيتا مندر لاءِ روانا ٿياسين. پونم جي ساهڙيءَ ڪرن ڪيملاڻيءَ جي ڀاءُ جي پُٽ جي مُنڊڻ جي رسم لاءِ کيس دعوت ڏني هئي. گيتا مندر وچ شهر ۾ هڪ سُٺي علائقي ۾ آهي ان مندر لاءِ پلاٽ شري موتيرام فائبياڻيءَ ڏنو آهي. دادا موتيرام ان کي سيوا چوندا آهن. هو اڳ ۾ مئبرڊ سنڌي پئنچايت جا عهديدار رهي چڪا آهن ۽ هاڻي صرف گيتا مندر جي سيوا ۾ لڳل آهن. سندن پُٽ هن وقت انڊين ايسوسيئشن جو صدر آهي. گيتا مندر ڏسڻ وٽان آهي گيتا مندر جون شاخائون دنيا جي مُختلف مُلڪن ۾ آهن. ڪانتيش جي اڳين پيري مون سندس .گهرواري پونم به گيتا مندر جي سيوا ڪندڙن مان هڪ آهي. هوءَ گيتا جو پروچن به ڪندي آهي انگريزيءَ ۾ گيتا جي سمجهاڻي ٻُڌي هئي. جيڪا مون کي ڏاڍي پسند آئي هئي. پنجاهه کان مٿي زالون گڏ ٿيون هيون. گيتا مندر جي پهرين شاخا دهلي چانوڻيءَ ۾ کلي، جتي پراچين مورتين جي استاپنا ڪئي وئي. اهي مورتيون ڪوئيٽا بلوچستان

مان، ورهاڱي کان ٿوروئي اڳ دنگن پڙڪي پوڻ ڪري، اتي مقرر فوجي عملدارن، فوجي هيليڪاپٽر ذريعي باحفاظت سڻ واري ڏهاڪي ۾ هري هرن مهراج کي سونپيون ويون هيون. جنهن يگيه ڪري نئين سر (60)دهليءَ آنديون، جيڪي دهليءَ جي چانوڻي علائقي ۾ گيتا مندر ۾ اسٿاپنا ڪئي. ٻه سال اڳ ڪانتيش ۽ پونم کي اُتي وٺي وئي هيس، جتي ان حقيقت .کان واقف ٿيس

مئدرڊ جي گيتا مندر ۾ ٻار جو مُنڍُ لاهرائڻ لاءِ آفريڪي حجم کي وٺي آيا هئا، ٻارُ ٺوڙ ڪرائڻ وقت روئڻ لڳو. نيٺ ڪيس ريهي ريبهي مجائي مُنڍُ لاٿو ويو. جيڪي ٻار آيل هئا تن سڀني کي سوکڙيون ڏنيون ويون. اتي پنڊت لوڪ ناٿ جيٺلي، جيڪو هڪُ سُٺو ليکڪُ هو، ان جي زال سندس پُٽ ۽ نونهن سان مُلاقات ٿي، اتي لنچ تي جوگل شوناڻيءَ سان پڻ مُلاقات ٿي، جنهن جهولي لال مندر جي درشن ڪرڻ جي نينڊ ڏني. هن ٻُڌايو ته هر چنڊ تي لال سائين جي آراڌنا ڪندا آهن، ۽ هر .جمعي تي سيسا ۽ پرساد وراهيندا آهن، مون کيس چيو ته پونم کي فرصت ملي ته چنڊ تي ساٿس گڏجي چنڊ تي ايندس

پندرهين (15) جون اڱاري ڏهاڙي ٻيج جي تٿ هئي يعني چنڊ جو ڏهاڙو. سادي نائين لڳي هتي پارت ۾ اسان وٽ رات ٿي وڃي، پر اُتي اسپين ۾ سجُ بيٺلُ نظر ايندو آهي. ڏهين (10) بجي تائين رات جو روشني لڳي پئي هوندي آهي. اسان جڏهن ٻه سنڌو ۽ دويش کي گڏ سڏيون ته سنڌو ديش جو آواز اُڀرندو آهي. سندن ماءُ جڏهن ٻه سڏ ڪري سنڌو دويش ته سنڌو ديش جو آواز گونجي پوي. بدن ۾ هڪ لهر ڊوڙي وڃي... اسين سڀ چنڊ تي لال سائين جي مندر جي درشن لاءِ روانا ٿياسين. هن مندر جي اسٿاپنا 1998ع تي چاليهي جي موقعي تي ڪئي وئي هئي. اهو مندر پهرين لعل چندناڻيءَ جي گهر ۾ هو. سندن گهر جا سڀ ڀاتي لال سائينءَ جا اُپاسڪ آهن. تنهنڪري شري لال چندناڻي پنهنجي آفيس جي مٿان هڪ ڪمري ۾، جنهن ۾ سٺ کن ماڻهن جي گنجائش هئي، اُتي مندر جي اسٿاپنا ڪئي. پرسان هڪُ رنڌڻو به اٿن جتي پرساد وغيره ٺاهين. اُن ڏهاڙي نه صرف لال سائين جا پنجڙا ۽ پچن ڳائي چنڊ ملهايو ويو پر جُهمر ۽ چيچ وغيره هٽي شرڌا جا گُل ٻه جهولڻ کي ارپيا ويا، لال سائين جي اُپاسڪن لاءِ سيسا ۽ پرساد به هو، ته رات جو ڀنڊارو به هو. لعل سائين جي شرڌالن شري لعل چندناڻي، وملا چندناڻي، جوگل شوناڻي، اوم پرڪاش شوناڻي، تلسي ڏنجاڻي، ديپا اُتمچنداڻي، لال سائينءَ جا پچن ڳائي موج مچائي. پونم ٻه ڪلام ڳاتو. پنهنجي ڏيهه کان هزارين ڪوهه پري پرڏيهه ۾ ويهي لال سائينءَ جا هيءَ اُپاسڪ شرڌا ۽ پريم سان ڀهراڻا ڪيندا آهن. نه صرف مئدرڊ ۾ پر جبرالٽر ۽ لاس پالماس جي بيچن تي وڃي سيوا به ڪندا آهن. لال سائين اُڏيرو لال سڀني جا ٻيڙا .ٻني لائي، سڀني جي من جون مُرادون پوريون ڪري

جيڪو چوندو جهولي لال

تنهنجا ٿيندا ٻيڙا پار

!!...لال جا جهاتي چئو جهولي لال

**سُتا اُٿي جاڳ**

جون تي اسپين جي مشهور معروف پيئنٽر جناٿن لنسڪيٽ اشوڪ کي پنهنجي پينٽنگ ڏسڻ جي نينڊ ڏني هئي. 16اربع اشوڪ آفيس وڃڻ کان اڳ چئي ويو هو ته، مان ٻارهين ڏاري آفيس مان ايندس توکي پينٽنگ جي نُمائش ڏيکارڻ لاءِ وٺي .هلندس، تون تيار ٿي ويهجانءِ، مئدرڊ ۾ اچڻ کانپوءِ، مون آرام کي ترجيح ڏني

بي رحم ۽ بي بقاءَ وقت ڪي اهڙا حادثا ۽ حالتون پيدا ڪيون، جڻُ زندگي حسين دلڪش هرياليءَ جي پيچري تي هلندي هلندي دڳ ڀُلجي، ڪنهن سحرا جي واٽ ورتي ۽ اُتان پاڻ ڇڏائي ڪنهن ٿڌي ڇانو جي تمنا ڪرڻ لڳي. مئدرڊ جو سفرُ جڻُ جتي ڪجهه به نه ڪرڻُ، ذهني .نعمت بڻجي، گهاٽي وڻ جي ڇانو جيان ٿڪل راهگير کي پنهنجي ڇانو ۾ پناهه ڏني هجي دٻاءَ کي پٺتي ڌڪي، ڪم ڪار کي تلانجلي ڏيئي ڪوهن تي ڦٽو ڪري اُڇلائي ڇڏيم... صرف آرام ۽ تفريح... زندگيءَ ۾ پر هتي ...ٽي.وي. جي پروگرامن کي ڪڏهن به ايترو وقت ڪونه ڏنو هو، صرف خبرون يا ايڪڙ ٻيڪڙ تفريحي پروگرام ڪيترو وقت ڏنم ان جو اندازو لڳائڻُ مشڪل آهي. چاهي بيڊروم ۾ هجان يا ڊائنگ هال ۾، يا ڊرائنگ روم ۾، هر هنڌ ٽي.وي. جي موجودگي، شايد گهر ۾ ڇهن ستن کان مٿي سيٽ هئا، هيٺ نوڪرياڻيءَ جي بيڊروم ۾ الڳ، منهنجي فرصت وارن لمحن ۾ اها دنيا جو واءُ ساءُ، فن فڪر جي سوغات ڪنيون بيٺي هجي... ننڊ مان اُٿڻ شرط ئي ڪرُ موڙيندي، رموٽ سان ٽي.وي. چالو. فيٿ عنوان تحت زي.ٽي.وي. تي صبح سوير، هندو مُسلم، سک عيسائي مطلب ته هر مذهب جي واعظ

ٻئي طرف 1909 - 1851ع ۾ پيدر سويرين ڪريئر جي زال جي باغيچي ۾ موجودگي جو چتر چٽي هن فنڪار پنهنجي عقيدت ظاهر ڪئي هئي. 1935 - 1851ع نيگو جي عقيدت ۾ سندس زال جي جهوني دور جي رنڌڻي ۾ موجودگي، 1935 - 1859ع جي ايني انچ جي نندڙي نينگريءَ ڪي باغيچي ۾ ڏيکاريل، ٻيا به ڪيترا خوبصورت چتر هئا، ننڍڙن ٻارن ڪي ٻيرن جيان ٻيريز چونڊيندي، مائيڪل اينڪر جي ياد ۾، هن پينٽر پنهنجي برش جي سهاري رنگن جي خوبصورتيءَ سان پنهنجي فني سوچ کي نزاڪت ۽ نفاست بخشي هئي. هڪُ هپ هپ هورا پارٽيءَ جو سُهڻو چتر چٽيل هو، اهي سڀئي اشوڪ پچيو توکي ڪهڙي پسند آئي، مون وراڻيو .پينٽنگه 70 / 60 جي آئيل ڪئنواس تي، ته ڪي ان کان ننديون هيون ٻن کان ٻي حد مُتاثر ٿي آهيان هپ هپ هورا پارٽي ۽ مئڪسيڪو جي سامونڊي منظر واري نيري سرمئي رنگ واري آڪاش ۽ ساگر جي ميلاپ واري جنهن جي هن قيمت ڏيڍ لک کان مٿي ٻُڌائي. نُمائش ڏسڻ کانپوءِ اشوڪ منهنجو هنُ سان تعارف ڪرايو ته منهنجي پيڻ انديا مان آئي آهي، هو ملي ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. اسان کي گڏ لنچ ڪرڻ لاءِ نينڊ ڏنائين، اشوڪ کيس چيو اسين لنچ گهر ڪنداسين، باقي توسان گڏ ڊرنڪ پيئنداسين، مون کان پُڇيائين ته مون کيس چيو مان جوس وٺندس، گفتگوءَ دوران هن ٻُڌايو ته هو انديا ۾ انڊين ڪائونسل آف ڪلچرل رليشن ( آءِ.سي.سي.آر ) جي نينڊ تي دهليءَ ۾ نُمائش لڳائي چڪو آهي. پارت جي ميڊيا ۽ فن جي دنيا سان واسطو رکندڙ ڪيترين شخصيتن سان ملاقات ڪري چڪو آهي. خاص طور پارت جي مشهور معروف آرٽيسٽ جتن داس جي قريب هو ور ور ڪري اُن جو ذڪر پئي ڪيائين. مونکان پُڇائين اوهانجي ڪنهن ڪنهن ۾ دلچسپي آهي، ڪٿي ڪم ڪريو ٿا، ڪهڙي زبان ۾ لکندي آهين. مون چيو مان پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ لکندي آهيان، پرڏيهي اطلاعت ۽ نشريات کاتي سان منهنجو واسطو آهي. اُن وقت مون وٽ ٻه ڪتاب هئا جيڪي مون ڪانتيش جي پڙهڻ لاءِ کنيا هئا، ڪانتيش کي سنڌي ادب سان لڳاءُ آهي، ۽ جي هو ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ کڻندو آهي ته پڙهي پورو ڪرڻ کان پوءِ ئي ڇڏيندو آهي. جڏهن پينٽر جناٿن لنسڪيت منهنجا ٻه ڪتاب سنڌوءَ ڪناري نئون تاريخي بابُ سفرنامو، ۽ ڪهاڻين جو مجموعو ڏٺو ته چيو مان اهي ٻئي ڪتاب خريد ڪندوس، مون کيس چيو مان توهان جهڙي فنڪار کان پئسا ڪونه وٺندس، منهنجي طرفان اوهان لاءِ هيءَ سوکڙي آهي. اشوڪ کيس ٻُڌايو ته اهو سفرنامو ليهـ لداڪ تي آهي، هن کي ڪارگل جي ڪري ان ايراضيءَ جي باري ۾ ڄاڻ هئي. مونکي چيائين مان جڏهن دهليءَ پنهنجي پينٽنگ جي نُمائش جي سلسلي ۾ ايندس ته اوهانکي نُمائش ڏسڻ جي نينڊ ضرور موڪليندس اشوڪ هن کان موڪلائڻ وقت پنهنجي پسند جي پينٽنگ جي قيمت پُڇي، چيائين توسان ڪهڙا ليکا، تنهنجي ڪا خاص پسند هجي ته مان اُها به تولاءِ تيار ڪندس.

ٻاهر نڪرڻ وقت، مون اشوڪ کي چيو اها ڏيڍ لک ۾ مهانگي ناهي، چيائين نه منهنجي ڪري گهٽ ئي لڳائي اٿائين، تو جيڪا ڊرائنگ روم ۾ پينٽنگ ڏٺي آهي اها ويهه سال پُراڻي آهي اُن وقت مون پنجويهه هزارن ۾ ورتي هئي، يورپ ۾ پينٽنگ جو فنُ ڪافي مقبول آهي، يورپ ان ڪلا ۾ دنيا جا عظيم ترين فنڪار پيدا ڪيا آهن، پئرس ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي ڏٺم ٿڌي تي تصوير تيار ڪري پيا ڏين، ڪيترن چترڪارن کي ڪئنواس تي ڪمُ ڪندي پنهنجي فن ۾ مگن ڏٺم. يورپ ۾ ان فن جنهن بُلندين کي ڇُهيو آهي، ايڏي وڏي پئماني تي اسان وٽ اڃان ان طرف رجحان گهٽ آهي. اسان جي جاتيءَ ۾ ته ڪلا لاءِ چاهُ مڙيئي خيرُ آهي. الله مالڪ آ...! ڪٿي ٿا قدرُ ڪريون... مون پنهنجي امڙ کي بزرگي ۾ گهٽ نظر جي باوجود پينٽنگ ڪندي ڏٺو، سندن چار يادگار پينٽنگ مون وٽ اڃان تائين موجود آهن، جن ۾ هُنن جو سيلف پورٽريٽ به شامل آهي. ان طرح اسان جي جاتيءَ ۾ ڪئي فنڪار هوندا، جن جو فن ڪنهن پليٽفارم ۽ صحيح رهنمائي نه ملڻ ڪري سندن زندگيءَ جي جوت اُجهامڻ سان ئي اُنداهين ۾ ڏڪجي وڃي ٿو. هڪ ته ورهاڱي ڪري سنڌي جاتيءَ جي فن، فڪر، ڪلچر، ٻولي ۽ تهذيب کي ڪاپاري ڌڪُ لڳو آهي. مٿان وري غيريقينيءَ واريون حالتون، بقول نارائڻ شيام جي :

الله ائين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي. (شيام)

انڪري پيٽ ڌٽيءَ جي اظهار کي هينئن سان هنڊايون.

سُتا اُٺي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري،
سُلطاني سُهاڳ ننڊ ڪندي نه ملي. (شاھ)

**تـولـيـدو**

هيءَ تواريخي شهر آهي جنهن ڪي .اڄ صبح جو (19 - 6 - 99 چنچر) تي نيرن ڪري توليدو گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو ڏسڻ لاءِ نه صرف يورپ پر ٻين ڪيترن مُلڪن جا سيلاني پڻ ايندا آهن. توليدو هڪ صوبي جي راڄڌاني آهي، اهو زرعي علائقو آهي. جتي ڪيئسر ۽ جوئر جيان انَ جي پوک جهجهي تعداد ۾ ٿيندي آهي. فرانڪو جي گذاري وڃڻ کانپوءِ هتي آٽانامس يعني خودمختيار اسٽيٽس وجود ۾ آيون، 39 خودمختيار اسٽيٽس آهن. اتي جي ليکڪ سروانتي جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو دنيا جي تقريبن ستر اسي (70 - 80) زبانن ۾ ٿي چڪو آهي. توليدو واري ان علائقي جون ٽي پراونس آهن. تولودو جي اللقصار (قلعي) اندر تاريخ جا وڏا داستان موجود آهن.

توليدو جو شهر قديم شهر آهي. هن شهر ۾ يهودي، عرب، عيسائي وڏي عرصي تائين گڏ ملي جهلي رهندا هئا. اسپين جي ڪئٿولڪ راجائن پهرين عربن کي شڪست ڏيئي اُتان تڙي ڪڍيو عيسوي سن 1200ع - 1300ع جي وچ ڌاري اسپين جي ڪئٿولڪ راجائن توليدو ۾ رهندڙ يهودين تي ڏاڍا ظلم ڪيا، ڪين چيو ويو ته مذهب بدلايو يا هنڌ ڇڏي ڀڄي هتان تڏا ويڙهيو. هن وقت توليدو ۽ اسپين جا سيفاردي يهودي دنيا جي ڪيترن مُلڪن ۾ رهن ٿا. اڄُ تائين ڪيترن يهودين جي گهر ۾ اسپينش ٻولي ڳالهائي ٿي وڃي، جيڪي پنهنجي وڏڙن جي مُلڪ جي اسپينسش ٻولي گهرن ۾ برقرار رکيون ويٺا آهن. ڪجھ عرصو پهرين هڪڙو سفاردي يهودي اسرائيل جو صدر به بڻيو هو. اسپين مان اُن دور ۾ ڪئٿولڪ راجائن جي ڏاڍمر جو شڪار بڻيل يهودي پاڻ سان پنهنجي گهرن جون چاٻيون (ڪنجيون) به ان اُميد سان کڻي آيا هئا ته واپس اباڻن گهرن ڏئي ورنداسين، ساڳيءَ طرح اسان جي ننڍي کنڊ (سنڌ) ۾ به لڏ پلاڻ وقت ڪيترا اها ئي آس .جا اُميد اڄُ تائين اُنهن جي ڪانه پوري ٿي آهي سيني ۾ سانڍي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويا. منهنجو پيءُ زندگيءَ جي آخري سفر تائين اها آس لڳائي ويٺو هو ته حالتون سازگار ٿينديون جيڪي لڏي ويا آهن سي وري واپس ورندا، پر نه اها ڳالھ اُن پيڙهيءَ تائين آهي، هينئر نئين نسل جي سوچ ڪجھ الڳ آهي.

اسپين يا ائين چئجي ته يورپ ۾ هڪ ڳالھ شاندار آهي ته ماڻهو ٽريفڪ جي نيمن جي پيروي ڪن ٿا، ٽي ٽي لائينس آهن، ونوئي سُئا ڪُشادا روڊ، هڪ واري ڪنهن غلط لائين ورتي ته اُن کي خود ئي پوڳڻو پوندو، ڪوهن جا ڪوھ اُن کي اُتان ٻاهر نڪرڻ جي واٽ ڪانه ملندي. انهن روڊن تي 120 ڪلوميٽر ڪار جي رفتار مقررَ آهي پر گاڏين جي رفتار تيز نظر ايندي، انڪري ڪنهن به هنڌ پهچڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي. وقت به گهٽ لڳي، دهلي مان اگر اسين 500 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي وڃون ته صبح جو نڪري شام جو واپس ورڻُ مُشڪل ٿئي، پر هتي اسپين ۾ گهمي گهتي سير سپاٽا ڪري ڪائي پئي بنا ٿڪاوٽ جي واپس موٽي ٿئي آياسين. اشوڪ ۽ ڪانتيش جي گهر وچ ۾ جيڪو ايم. 40 روڊ آهي اُتان نڪري اين 401 روڊ ورتو اُهو توليدو طرف وڃي ٿو.

توليدو ۾ داخل ٿيڻ تي ٽوئرسٽ جي رسپشن وارن کان ڪجھ معلومات حاصل ڪري اسان اللقصار جي قلعي طرف ڪار موڙي پڪسرين سرن جون ننڍڙيون سوڙهيون گهٽيون نظر اينديون. پهرين ان قلعي جي تاريخي پسمنظر تي نظر وجهون، ان شهر ۾ ست ٽڪريون آهن، جنهن مان وڏي ٽڪريءَ تي سامهون قلعو پري کان ئي نظر ايندو. ائين ته اتي (پري - هسٽارڪ) تاريخي دور کان اڳ ۾ ئي بني بشر موجود هئا، پر رومن دور وارن ان ٽڪريءَ تي ٽئين صديءَ ۾ ملٽري جڏهن عربن 711ع اي.ڊي. ۾ اسپين تي ڪاھ ڪئي ته تولودو جي رهواسين ۽ .گئريسن يعني فوجي چانوٽي برپا ڪئي ڪوردوبا جي قيادت وارن اميرن وچ ۾ ڪئي لڙايون لڳيون جنهن سان تباهي ۽ بربادي ڦهلجي وئي ۽ وري اللقصار يعني قلعي جي تعمير 836ع اي.ڊي. ۾ ٿي جيڪا اميرعبدللـه رحمان ڪرائي، جيڪا شاندار اڏاوت رهي اُنکانپوءِ جيڪي آيا تن جاري رکيو جيڪو قلعو اڄُ جي صورت ۾ موجود آهي. (مڊل ايجس) وچين دور ۾ اللقصار کي صحيح معنيٰ ۾ مضبوط قلعابندي ڪري بڻايو ويو. 1805ع ۾ ڪنگه ائلفنسو چوٿين ان کي وري اڏڻ لاءِ حڪم ڏنو جيئن ان کي اُن جي رهڻ لاءِ محل طور به استعمال ڪيو وڃي. ائلفنسو ڏهين ان ۾ وڌيڪ اضافو ڪرايو ان کي آخري دور جو حقيقي روپ عطا ڪيو. ٽراسٽمارا ونش جي دور ۾ ان جي اهميت وڌيڪ ئي وڌي وئي، تنهن دور ۾ مُسلمانن کي اسپين مان تڙي (Trastamara)

Colonel :- I am quite sure of that Militia.
Commander :- here is your son Luis on the line to dispel any doubt.
Luis :- Hello! Father
Colonel :- What is happening son?
Luis :- Well they say they are going to shoot me unless you surrender the Alcazar.
Colonel :- Then turn your thoughts to GOD cry out "LONG LIVE SPAIN" and die as a PATRIOT.
Luis :- All my foundest love father.
Colonel :- All of mine to you (to the Red Commander) you neend'nt waste time limit you have set as the Alcazar will never surrender, Long Live Spain, Die for Country.
Luis :- Kiss to you papa goodbye!

گولي ڇُٽڻ جو آواز (بارودي ڌماڪو)

قلعي ۾ هيٺ تهخانو آهي، جتي رڌپچاءُ وغيره ۽ بچاءُ لاءِ ڪمرا ٺهيل آهن، زخمي ٿي ويلن جي علاج لاءِ ميڊيڪل سهوليت لاءِ تيرهان چوڏهان بسترا وچ ۾ ٽيبل رکيل آهي مٿان لالٽين جنهن جي روشنيءَ ۾ مريضن جا آپريشن ڪيا ويندا هئا، زالن لاءِ ڪمرا. اتي اندر تهخاني ۾ هڪ سولجر جي زال کي 9 سيپٽمبر تي ٻارُ ڄائو هو، اتي چاٽايل تفصيلن موجب 22 جولائي 1936ع تائين گهرو جنگ دوران هڪ ڇوڪري ۽ هڪ ڇوڪرو ڄائو. تهخاني ۾ جهوني دور جون ٻه موٽر سائيڪلون جيڪي اتي پيهڻ لاءِ ڪتب آنديون ويندیون هيون جيئن اسان وٽ ڏاندن وغيره جو چڪيءَ کي هلائڻ لاءِ استعمال ڪبو آهي، وائرليس سيٽ، ريڊيو ذريعي پيغام پهچائڻ جو ٽڪنيڪي سازوسامان. هڪ هنڌ جيڪي جنگ دوران قلعي اندر شهيد ٿيا تن شهيدن جون تصويرون رکيون ويون آهن.
اتي ڏنل چاڻ موجب قلعي اندر ڦاٿل ماڻهن کي پيش پوڻ لاءِ هڪُ قاصدُ 9 سيپٽمبر 1936ع تي اندر موڪليو ويو ته پيشُ پئو. پر اُنهن انڪار ڪيو ۽ موٽ ۾ ڇورائي موڪليو ته هڪ پريسٽ موڪليو. يارهين (11) سيپٽمبر تي پريسٽ موڪليو ويو ۽ 18 سيپٽمبر تي قلعي کي اُڏايو ويو. قلعي جي تباهيءَ واري تصوير ۽ اُن کان اڳ قلعي جي اصلي روپ واري تصوير سان گڏ اُنهن جا مادل به موجود هئا.
اتي ميوزيم ۾ الڳ الڳ دور جي بري، بحري ۽ هوائي فوج جي فوجين جا نه صرف لباس موجود هئا پر جنگ ڪندڙن وچم جيڪي اقرارناما ٿيا اُنهن جا دستاويز به موجود هئا. اتي ميوزيم ۾ 20 صديءَ جي آفريڪي ميوزيم واري حصي ۾ اُنهن جا لباس، موراڪو ۽ سهارا وغيره جي فوجين جا لباس ۽ اُنهن جي صورت قد ڪاٺ وارا مادل رکيل هئا جن مان اُن قوم ۽ نسُل جي ڄاڻ پئجي رهي هئي، انهن مان اسلامي رنگ به ظاهر ٿي رهيو هو. ٻارهين جنوري اُٽويهه سئو ڇاهتر (12 - 1 - 1976ع) تي اسپين سهارا کي آزاد ڪيو. جنهن جو آخري جهنڊو اتي رکيو ويو هو. ٻئي طرف موراڪو جي (1860ع) سُلطان شهزادي مُولي عباس جي تنبعو (خيمو) جيڪو هُنن فتح ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي قبضي ۾ ورتو هو اتي رکيو ويو هو، خيمي ۾ غاليچو، وهڻ جا موڙا رکيل هئا، اندر شمع دان ٽنگيل هو ۽ ڪجهه صراحيون موجود هيون.
توليڊو جو اللقصار يادگار تاريخي قلعو اسپين جي عظيم شان و شوڪت جي نُمائيندگي ڪندڙ قومي تاريخ طور اتي جا رهواسي ان کي تسليم ڪن ٿا جنهن تي کين ناز ۽ فخر آهي.
انکانپوءِ نقشي جي سهاري ننڍين ننڍين گهٽين مان لنگهندا ٻين تاريخي ماڳن ڏسڻ لاءِ قدم وڌايا. قلعي جي ٽڪيٽ ورتي ۽ چرچ جي ٽڪيٽ ورتي . اتي مشهور معروف پينٽرال - گريڪو جون خوبصورت پينٽنگس موجود آهن. ڪئٿڊرل جي وڏو، اُن کانپوءِ 1493ع ۾ فرندو ٿئين ان کي مڪمل ڪرايو. Jimenez-de-Rede پيڙهه جو پٿر 1226ع ۾ آرچا بشپ جتي اسپين جي مشهور معروف گوٿڪ آرچيٽيڪچر جو شاندار مثال آهي. اتي يهودين جو آرچيٽيڪچر به آهي. چرچ ڏسڻ کانپوءِ اسان يهودين جي سينيگاگ ڏٺي سين، هتي يهودين جا هبرو ٻوليءَ ۾ قديم دستخط رکيل هئا ۽ کي اُن دور جون يادگار شيون ۽ رانديڪا وغيره. هتي ان کان اڳ اڳين پيري ڪانتيش سان گڏ اچڻ ٿيو هو، کي گهٽين ۾ گهر سنڌ جي ڳوٺن

جي گهرن جي ياد ڏيارين پيا. اُن وقت هڪ گهر اندر هڪ بزرگ کي حقعو پيئندي ڏٺوسين ۽ گهر ۾ دِلن رکڻ جي گهڙامنجي به هئي. ڪي ڪي دروازا بلڪل سنڌ جي ڳوٺن وارا نظر ايندا خاص ڪري شهدادڪوٽ ۾ شيخن جي پاڙي ۾ يا ڪن واڑن وغيره ۾ ان طرح جا ڪاٺ جا شاهي دروازا جن تي لوهه يا پتل جا چهنبدار ڊزائين نما وڏا ڪوڪا دراصل منهنجي ذهن ۾ هن وقت ان جو صحيح صحيح لفظ جو نالو نه ٿو اچي سنڌ کان دور رهڻ جي اها سزا آهي جو اکين آڏو منظر ۽ شيون ته آهن پر وقت جي وڇوٽي ... الله! ياداشت تي ته چاڙهي اهي لفظ زبان تائين پهچڻ کان پري گهليندي پئي وڃي......!!

توليدو جي قلعي ۽ گهٽين ۾ هلندي هلندي پير ٿڪجي پيا، جتي ڪار پارڪ ڪئي اُتي جو پنڌ جو فاصلو پندرهن منٽن کن جو هو پر پٽريليون پڪسرن واريون گهٽيون. اٺ لڪائتي چاڙهيءَ واريون هيون ڏسڻ ۾ نه پيون لڳن پر...... پيرن پنڌ ڪرڻ چڙهي ڏنو سسئي جيان گوڏن پر گسڪڻ جي گُنجائش ته هئي ڪانه، اشوڪ موبائيل تي ٽئڪسيءَ واري کي پهچڻ لاءِ چيو، جهٽ کن ۾ اچي اڳيان بيٺو. پنهنجي ڪار ڪٽي مئڊرڊ طرف روانا ٿياسين. مون اشوڪ کي چيو - آرتوار ڪانتيش جي پارن کي موڪل آهي تون مونکي ڪانتيش وٽ ڇڏ، اشوڪ ڪانتيش وٽ ڇڏي روانو ٿيو.

سنڌو دويش چيو اسان اَميوزمينٽ پارڪ گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي توهانکي هلڻو پوندو. رات جو 9 بجي نڪتاسين، پارن جي جوائي – رائيڊ لاءِ 5000 پسيتا هڪ هڪ جي ٽڪيٽ لڳي ۽ مٿان بي رقم تقريبن بارهان سئو روپيا کن پارتي ڪرنسي هئي. پوءِ ته چڻُ گهوڙا تبيلي مان ڇُٽا......! ماٺ ئي نه ڪن هڪ تان لهي بئي تي بئي تان لهي ٽئين تي، مان پئي دانهون ڪيان منهنجون ٽنگون ٿڪجي پيون آهن هاڻي گهر هلو، پارن اُتي پنهنجي پسند جو کاڌو کاڌو اسان ڪولڊ ڊرنڪ ورتي .سُمهڻُ اسان رات جو شايد هڪ بجي کانپوءِ گهر پهتاسين، ڪانتيش چيو ڪجهه کائي سُمهُه، پيزا ڪارائي پوءِ ڏنائين. اصُل ڦانءِ ٿي ڪري پيس.

**الله چولي چولي**

(چنچر 26 - 6 - 99ع)

اشوڪ ڇهين بجي بيڊروم ۾ ناڪ ڪري چيو وينا جاڳين پئي. مون چيو ها مان پاڻ اُٿڻ واري هيس، اڄ اسپين جي ڏکڻ وارن بيچس کي ڏسڻ جو پروگرام هو. اشوڪ جي هٿ ۾ چانهه جو ڪپُ هو، مان ٿيو ڏيئي اُتي ڪڙي ٿيس باٿروم مان منهن ڌوئي پيسٽ ڪري موٽيس ته ڏسان اشوڪ ڪمري ۾ اچان بيٺو هو ،مان هن جي هٿ مان چانهه جو ڪوپ ورتو. اشوڪ سنان ڪرڻ لاءِ پنهنجي بيڊروم ۾ ويو مان باٿروم ۾ ٿڌي گرم پاڻيءَ جو نلڪو کوليو ته اشوڪ آواز ڏنو وينا گرم پاڻي نه ٿو اچي. مان جهڙو تهڙو سنان ڪري هيٺ لٿس ته ماريا ۽ اشوڪ جو آواز اچي رهيو هو گرم پاڻيءَ جي ٽانڪيءَ جي ليڪيج سان سڄي گراج پاڻيءَ سان پرجي وئي هئي، ڏهن سالن ۾ پهريون پيرو ٽانڪي ليڪ ٿي هئي اسان کي اٺين بجي نڪرڻو پر انکان علاوه الڪورڪورن وجي ڪري سنڌو دويش کي به ساڻُ کڻڻو هو. اچان ڪار اسٽارٽ .ڪلاڪ دير پئجي وئي ڪئي ته اڳيان بلي لنگهي وئي مان دانهه ڪئي اڳ ۾ ئي ٽانڪي جو وڏو مسئلو ٿيو مٿان وري بلي... مون چيو اشوڪ اڳيان گاڏي نه ڪڍ پوئيان ئي ريورس ڪر اشوڪ ائين ئي ڪيو. مون ٿڌو ساهُ کنيو. منهنجي من ۾ ڪئي ويچار اُڀري رهيا هئا مون کي ترڻ نه ايندو آهي خدا خير ڪري...! اشوڪ ڪانتيش کي موبائيل تي فون ڪيو پارن کي هيٺ بهارجانءِ اسين ڏهن منٽن ۾ پهچي رهيا آهيون.

پارن کي وٺي ڪري اسان وئلينسيا وارو روڊ ورتو، اسان کي 414 ڪلوميٽرن جو فاصلو طئه ڪرڻو هو وئلينسيا راڄڌاني آهي ان جا ٽي پراونس آهن، مئڊرڊ جون 17 خودمختيار اسٽيٽس آهن ۽ 50 پراونس، اسپين جي سڄي مُلڪ کي مئڊرڊ مان هلايو ويندو آهن. ٽي وڏا شهر آهن هڪُ مئڊرڊ، ٻيو بارسولينا جتي عالمي راندين جي چٽاپيٽي به ٿيندي آهي ۽ ٽيون وئلينسيا. اسين پهرين علي-ڪانتي بيچ تي وياسين. اتي واٽ تي اِئلدا جو شهر به اچي ٿو، جنهن جي فئڪٽرين جا تيار ڪيل بوٽ سڄي دنيا ۾ ويندا آهن. اتي وڏي پئماني تي بوٽن جي نُمائش پڻ رکي ويندي آهي. هڪُ ٻيو خيخونا جو شهر آهي، جنهن جو وري وڙو (تورن) مشهور آهي، اهو وڙو به خاص آهي بادامين جو وڙو جنهن کي اسپينش ۾ تورن چوندا آهن. انهن سامونڊي بيچن کي يورپ ۽ ٻين ڪيترن مُلڪن جا ماڻهو ڏسڻ ايندا آهن. ان روڊ تان فرانس وارا لنگهي موراڪو ويندا آهن.

ان طرف کان اڳتي جبرالٽر ۽ آفريڪا به نڪري وڃي چوڙ تي پوي ٿو. ان طرف ماڻهو ڪارين رستي گهڻو سفر ڪن ٿا، اسپين مان موراڪو ويندي ٻيڙ تان فيريز (ٻيڙين) ذريعي ٻئي طرف وڃڻو پوندو آهي ماڻهو پنهنجون ڪارون انهن فيريز ۾ ڪٽي موراڪو ويندا آهن. انديا ۾ به گوئا ۾ ماڻهو فيريز ذريعي ڪارون وغيره ڪٽي ٻئي طرف ويندا آهن.

اشوڪ انهن ايراضين جي ڄاڻ ڏيندي پئي هليو هن اُن وقت پُراڻن گانن جي ڪئسٽ لڳائي. پُراڻا گانا ٻُڌي ڪري اصُل مزو اچي ويو. چاند آهين پريگا ڦول دِل ٿام لينگين حسن کي جب بات چلي سب تيرا نام لينگين... هيءَ گيت مميءَ جي ساهڙيءَ جو پُٽ چاگلا ڪراچيءَ ۾ سُريلي انداز ۾ ڳائيندو هو. اُنکانپوءِ اُهُ ميري سونا ري سونا ري ديدونگي جان مت جدا هونا ري...هيءُ گيتُ سندس وڏي ڀيڻ ڊاڪٽرياڻي پروين ڳائيندي هئي، هن وقت آمريڪا ۾ آهي. سندس ٻي ڌيءَ دل- افروز پڻ اُتي آهي، سفر دوران سنگيت جي ساٿ سفر کي خوشگوار بڻائي ڇڏيو.

اسان سوا هِڪ ڏاري علي-ڪانتي بيچ تي پهتا سين. اسپين جي گهڻن شهرن تي عريبڪ نالا آهن، جيڪي ال سان شروع اُتان پتو ڪندي سينخوان جنهنکي انگريزيءَ ۾ سين جان ڪري ڪوٺين، اُتي .ٿين ٿا ال-ميرييا، ال- ڪوڪورن وغيره پهتاسين. سنڌو ۽ دويش پنهنجا سوئمنگ ڪاسٽيومس ۽ بال وغيره کڻي بيچ طرف ڀڳا، اشوڪ ۽ مان هنن جي پوئيان ٽيوب کڻي بيچ طرف قدم وڌايا. سامهون ڪيترا مرد ۽ عورتون بيچ جي واريءَ تي ليٽيا پيا هئا. اشوڪ چيو هاڻي هن بيچ تي ڏسجانءِ مايون اُگهاڙي ڇاتيءَ لاءِ سنڌي لفظ چوندي چيو... توکي رنا نظر ايندي. سامهون ڪيتريون عورتون سوئمنگ ڪاسٽيوم ۾ نظر آيون. اچان ڇٽي کولي سامان رکيوسين مس ته هڪ رن برا لاهي اچي اسان جي پرسان ليٽي... ......به مرد به گڏ هيس. ڏاڍا خار لڳا ته هن مئي ماريءَ کي اسان جي پرسان ئي اچي مرڻو هو

اشوڪ مئدرڊ مان نڪرڻ کان پهرين چيو هو وينا تون بيچ تي هلي سنانُ نه ڪندين ته مزو نه ايندو، مان هڪ هٿ ۾ ٽيوب کنيو ۽ ٻيو هٿُ هن جي ٻانهه ۾ وڌو ۽ آهستي آهستي پاڻيءَ طرف وڌيس، سنڌو دويش جا مزا هئا مونکي وڃن اڳتي گهليندا... منهنجون دانهون اڳتي نه اڳتي نه، اشوڪ چيو اچان گوڏي تائين پاڻي مس آهي... اچان ٿورو اڳيرو... ان وچم هڪ زوردار چولي آئي. مون رڙ ڪئي الله چولي آئي... اشوڪ چيو تو وٽ ٽيوب آهي مان توسان گڏ بيٺو آهيان، ٻارن منهنجا پير ڪري مٿي ڪيا منهنجون رڙيون الله مان ٻُڏي ويندس......! الله ڙي......!! مان چيله ۾ ٽيوب کي پڪڙي سمنڊ جون ٿڦيڙون کائيندي رهيس... وري جو زوردار چولي اچي ته پاڻيءَ کان به ٿي فُٽ مٿي کڻي اُڇلائي... چولي چولي... الله چولي گهلي ويندي......!! اشوڪ چيو تون فڪر نه ڪر مان چوليءَ کي چوان ٿو تون نه اچي منهنجي ڀيڻ هندوستان مان آئي آهي... بس ٿنهي چيڙائڻ شروع ڪيو چولي...!!! چولي......!!!!

ڪلاڪ کن مونکي واهه جو رڙايائون به ٿي ڪلاڪ کن بيچ تي هئاسين. پونم واهه جي روٽي ٺاهي ڏني هئي ٻارن ته ڪجهه اُتي وٺي کاڌو ڪجهه ڊرنڪ باقي گهر جي ماني منهنجي ۽ اشوڪ جي خوف کان کاڌائون. روٽي کائيندي اُتر ڏکڻ اولهه اوڀر نظر ڪريان مار ڪيتريون ٽاپليس پهرين ته هڪ پر ۾ برا لاٿل نظر آئي پر هاڻي ته اصل گهوڙيءَ کي ئي گهمرو هو! واريءَ تي ڪي اونڌهي منهن ته ڪي سڌيون... ڪي جسم کي مالش ڪري رهيون هيون ته ڪي سمنڊ مان واري ڪڍي انهن کي ڏنو اٽڏنو ڪري... بيچ تي ننڍڙن ٻارن جي راند روند ۽ ڪي مائر ته اصل پاڻيءَ ۾ ...جسم کي ملي رهيون هيون ٻارن کي ٽيوب جي سهاري ڦٿو ڪري ترڻُ سيکاري رهيون هيون...... سامهون گهري نيري رنگ جو سمنڊُ... ڪي پنهنجون موٽربوٽ کڻي پري پري تائين نڪري پئي ويا... وري ٻارن ۽ اشوڪ پاڻيءَ طرف گهليو هاڻي ٿورو ڊپُ لٿو... ڪافي پري تائين گهلي وٺي ويا، ٽيئي هٿُ پڪڙي خوب ٽٻيون ڏيارڻ لڳا مان چوان مان پاڻ ئي ٽي ٽٻي لڳايان... اچان ٽٻي هڻان ته ٽيوب مٿي کي اندر وڃڻُ ئي نه ڏئي... اشوڪ چوي جيستائين وار نه ٿا پسن تيستائين اها ڪارگر نه آهي. مٿي تي مڙيئي پاڻي وجهي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيم...... رڙين واڪن جي باوجود مزو ڏاڍو آيو زندگيءَ ۾ ايتري دير سمنڊ جي چولين وچم گذارڻ ۽ ايتريون ٽٻيون ڏيڻ جو موقعو اصل نه مليو.

واپس اچي ڪپڙا مٽائي اڳتي هلڻ جو ارادو ڪيو بک به ڏاڍي لڳي... ٿورو اڳيرو هڪ اسڪول جي پر ۾ وڻ جي ڇانو هيٺ ڪار بهاري پيٽ پوڄا ڪئي......

اشوڪ چيو هاڻي توهانکي بينيدرم بيچ تي ٿو وٺي هلان، سمنڊ جي ڪناري وارو روڊ ورتوسين پريان سمنڊ جو ڪنارو ۽ بيچ جا منظر ماڻيندا، بينيدروم پهتاسين، ٻارن پهريون ڪمُ ڪيو آئسڪريم کائڻ جو ۽ مان اوُر ڇاتا اسپينش ٿاڌل واري ڊرنڪ ورتي. اڌ ڪلاڪ کن ريسٽورينٽ ۾ کائي پي ساهي پٽڻ کانپوءِ مارڪيٽ ۾ ڪجهه سوکڙيون خريد ڪرڻ جو ارادو ڪيو، شيون تمام مهانگيون هيون ننڍڙا ڪوڙا ٿاپس انڊين ڪرنسيءَ جي لحاظ کان پنجن ڇهن هزارن روپين جا ملي رهيا

هئا، مان خريداريءَ جو ارادو ئي ترڪ ڪيو اشوڪ چيو ڪجهه ته وٺُ نه. سندس چوڻ تي پنهنجي لاءِ هڪ ٽي شرٽ پسند ڪيم، هن ٻنهي ٻارن کي به وٺي ڏني چيائين ٻيو ڪجهه وٺ، بس نه نه ڪري هتي جي ٻارن لاءِ پنج ڇهه ٽي شرٽ .ورتيون. اُتان ٿورو گهمي گهتي مئڊرڊ طرف روانا ٿياسين رات جو هڪ بجي وڃي گهر پهتاسين

**مروئان موت ملوڪان شڪار**

( آرتوار 27 جون 99 )

ڪالهه رات جو بينيدرم بيچ تان تمام دير سان واپس ورڻ ڪري رات جو سمهندي سمهندي اڍائي ڪان مٿي وقت ٿي ويو هو. ارادو ڪيم ته گهر کان ٻاهر ڪٿي به نه نڪرندس، صبح جو دير سان اُٿندس، اوچتو دريءَ کان ٻاهر نظر ڪرڻ تي سامهون واري بنگلي تي تيز تکي اُس پئجي رهي هئي، مون سوچيو ڏهه کن ٿي ويا هوندا، منهن هٿ ڌوئي چانهه لاءِ رنڌڻي ۾ گهڙيال تي نظر پئي ته اٺ ٿيا هئا، اشوڪ چيو ڊرائنگ روم ۾ ويهي نيوز به ڏسون ٿا ۽ چانهه به پيون ٿا. ڏهين ڌاري اشوڪ چيو وينا بک لڳي آهي، نيرن ڪيون مون چيو سنانُ ڪري پوءِ نيرن ڪريون هن چيو نه پهرين نيرن ٿا ڪريون، پوءِ سوئمنگ پول ۾ سئمنگ ڪنداسين. اجان نيرن شروع ئي ڪانه ڪئي ته فون جي گهنٽي وڳي، اشوڪ رسيور کنيو چيائين پونم ڳالاهڻ ٿي چاهئي، چيائين اڄو ته گڏجي لنچ ڪريون ڪانتيش چيو سپاٽي پونم جي هڪ ميٽينگ به آهي تون به گڏ وڃينس. مون چيو رات گهمي گهمي ڪري ٿڪجي پئي آهيان. اجان هاڻي نيرن پيا ڪريون. هن چيو، مان توکي وٺڻ ايندس. مان اشوڪ کي چيو ته ڪانتيش ۽ پونم چون ٿا ته منجهند جي ماني اُنهن سان ڪريان ۽ سپاٽي جو پروگرام به رکيو .اٿائون، مان وڃان؟ چيائين منهنجو موبائيل پيو آهي کيس چئينس ته ڏيڍ ڌاري توکي وٺڻ اچي ماريا سُئمنگ ڪري اُس جو تڙڪو وٺي .مان جهٽ کن ڪانپوءِ سوئمنگ پول ۾ ڏهه ٻارهان ٽٻيون ڏيئي تيار ٿي اچي ويٺس رهي هئي، پاڻٺي سوئمنگ پول ۾ فلوٽنگ بيڊ تي هٿ ۾ ڪتاب ۽ ڪي ڪاڳر ڪٺي پڙهي رهي هئي. اشوڪ چيس اهو ڪهڙو پڙهڻ جو طريقو آهي، اگر ڪاڳر اُڏامي پاڻيءَ ۾ وڃي ڪرن ته...! چيائين مان ان تي آرام سان ويهي پڙهندس. ان وچ ۾ سندس ساهڙيءَ جو فون آيو، اشوڪ فون کڻندي ئي ساهڙيءَ کي ٿوڪ وچان چيو هوءَ فلوٽنگ بيڊ تي ويهي اسٽڊي ڪري رهي آهي...! هن وراڻيو انڪل مان به ائين اسٽدي ڪندي آهيان، ڌيءَ کي فون ڏيندي چيو: وينا! هنن جا پروفيسر به وڏا نالائق آهن خبر ناهي ڪيئن ٿا اِنهن کي مارڪون ڏين؟ پلا ڪانتيش وٺان ڪڏهن موٽنديءَ؟ مون چيو: اشو تون جڏهن منهنجو هيءُ سنڌي ڪتاب سنڌو ڪناري نئون تاريخي باب پڙهي پورو ڪندين تڏهن واپس !...ايندس

......دانهن ڪندي چيائين الله ڙي! اهو شرط نه

منهنجو ته اهوئي شرط آهي. چيائين اهو !...مون کيس چيو سنڌ يونيورسٽيءَ جو گريئجوئيٽ آهين سنڌي نه پڙهي سگهندين !......ته ڏکيو شرط آهي، ڪتاب جي پُنيان ڪويتا پڙهڻُ شروع ڪيائين، چيائين ان ۾ ته ڪافي وقت لڳندو ان وچ ۾ ڪانتيش سنڌو سان گڏ پهچي ويو. منجهند جو پونم فرسٽ ڪلاس لنچ ناهي، گڏ چٽيٽا دهيوڙا به هئا، ڪالهه جي سيروسفر جو حال احوال ڪندي مون چيو اڄ ڪٿي به نه نڪرنداسين. هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ڪندي ڪانتيش چيو هلُ توکي ياد هوندو مميءَ سان گڏ هليا هئاسين. مون چيو ياد ته نه آهي ڏسڻ سان ياد اچي (Aranjuez) ته اران خوئيٽ هلون ويندو، پر اڄُ نه هلنداسين...! ها نه ها نه جي جڳهه جڳهه ۾ وقت وڃي پيو نڪرندو نيٺ تڙ تڪڙ ۾ چانهه پي نڪتاسين اجان ڪي ميٽر فاصلو طئه ئي نه ڪيو ته ڪانتيش سنڌوءَ کي ڪار ڊرائيونگ لاءِ ڏني منهنجون ۽ پونم جون دانهون، ڪار مان لهي اسان چيو اسان ڪونه هلنداسين ۽ پنڌ گهر طرف هلڻُ شروع ڪيو، ڪانتيش ڪار ڪٺي اسان جي پُنيان پُنيان اسان ٻئي ٻُڌو اڻٻُڌو ڪندا اڳتي وڌندا پئي وياسين هو ڪار ڪٺي پُنيان پُنيان... چيائين ٺيڪ آهي توهانجي ڳالهه ٿيندي هن کي ڪار .هلائڻ ڪونه ڏيندوس، اسان ٿوري آناڪانيءَ ڪانپوءِ هن جي ڳالهه وڃي ڪري مڃي

کي ڏسڻ وڃي رهيا هئاسين اُها ڪارلوس ٽئين نهرائي هئي. جڏهن هو مئڊرڊ طرف (Carolus III Palace) اڄ جنهن محل ايندو هو ته وچ ۾ آرام لاءِ هو اتي وچ واٽ تي اچي ڪيما ڪوڙيندو هو. اتي جي ماڻهن هن جو جنگ ۾ ساٿ ڏنو هو انڪري کين خوش ڪرڻ جي لحاظ کان به اتي پهنجي موجودگيءَ ۽ اُنهن سان پنهنجائپ جو احساسُ ڏيارڻ لاءِ هيءَ يادگار محل

يعني شاهي رستو آهي جو ان شهارا تان ڪارلوس (Camino Real) جوڙايو، ان طرف ويندڙ واٽ جو نالو ڪامينوريائل چاليهن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي، (40)لڳهندو هو. اڄ اسين به ان قومي شهارا تان گذري رهيا آهيون، مئدرڊ تقريبن جي هئڻ ڪري One way شاهي شهارا جي هڪ غلط موڙ وٺڻ سان، اسان جو اڌ ڪلاڪ کان مٿي وقت جو نقصان ٿيو ڪافي دير ڪانپوءِ ڪٽ اچي پيو. پنج سال اڳ انهيءَ روڊ تان ڪيونڪا ويا هئاسين، جيڪو جهولن جي گهرن طور مشهور آهي، جهولي وارا گهر انڪري پيا چون جو اها تاريخي ۽ تفريحي جڳهه اونچي پهاڙين تي آهي، ان جي چوطرف گهر اڏيا Casa)ويا آهن، اهي گهر ائين ڄڻُ پهاڙين تان جهولي وانگر لٽڪي تاثر ڏين پيا اهو علائقو جهولن جي گهرن وارو چيو ويندو آهي. اتي مٿي هڪُ تاريخي قلعو به آهي. سفر دواران گفتگو جو سلسلو به جاري هو (Colgantes ڪانتيش جو ننڍو پُٽ دويشُ فوٽبال راند جو بيحد شونقين آهي، ۽ پنهنجي اسڪول جي ٽيم جو سُٺو رانديگر به آهي، هو اسڪول جي ٽيم ۾ ڪيترا پيرا چونڊيو ويو آهي. اسپين وارا اصل فوٽبال راند جا ڪوڏيا آهن. جيئن اسين ڪرڪيٽ راند جا ديوانا آهيون ( پر هاڻي جڏهن کان وٺي مئچ فڪسنگز جو معاملو هليو آهي ماڻهو رانديگرن کي شڪ جي نگاهه سان ڏسن پيا......!) اسپين جون مشهور ٽيمس آهن :-

(1) Real Madrid (2) F.C. Barecelona (3) Corunia Valencia (4) Ateletico-de-Madrid (5) Valladolid

هتي فوٽبال ڪانسواءِ روايتي شونق ۽ مشغولي آهي بُل فائيٽنگ يعني ڍڳن جي ويڙهه جيڪا پيڙهي در پيڙهي اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. ڏاندن جي ويڙهه کي پلا سادي تورو چوندا آهن.

جيئن مٿي مون ذڪر ڪيو آهي ڪارلوس ٽري اهو محل ٺهرايو هو، اتي يادگار شيون ۽ پينٽنگ وغيره رکيون ويون آهن. ان پئلس ۾ ٻاهر خوبصورت ڦوهارن وارو باغ آهي، وٽن جون قطارون، ان باغ وچ مان ٽاخوس ندي وهي ٿي، جيڪا ندي ڪيونڪا جنهن جو مٿي ذڪر ڪري آئي آهيان ته جهولن وارن گهرن طور مشهور آهي اتان وهندي وڃي لسبن ۾ چوڙ ڪري ٿي. رومن ان نديءَ کي تاگوس چوندا هئا، اسپينش وري ان کي تاڪوُس چون ٿا. ان پئلس جي باغ مان وهندڙ نديءَ ۾ اڇيون ڪاريون بدڪون موج مستيءَ ۾ لهرن کي نازانداز سان چيريندي ٽٻي ويون، ٻئي طرف پٿرن سان ٽڪرائجندڙ پاڻيءَ جي آواز ۽ لهرن سان اک ٻوٽ ڪندي مڇيون ڪڏهن پاڻيءَ اندر ته ڪڏهن پاڻيءَ کان ڦٽُ مٿي ٽپا ڏينديون ڪيڏي رهيون هيون، مڇيون نه ٻلڪ پلا وڏا وڏا پلا پنهنجي جباپي واري جل سان انگل آرا ڪري رهيا هئا، ها سچ پلن تي ياد آيو اسان وٽ سنڌ ۾ روهڙيءَ جو پلو مشهور، حيدرآباد سنڌ ڄام شوري پرسان وهندڙ درياهه وٽ ڪجهه فاصلي تي المنظر ريسٽورينٽ آهي، جتي ميزبان پنهنجي مهمانن کي پلا ڪارائڻ وٺي ويندا آهن، روهڙيءَ جي پلي جي چشڪي جي واه! واه!! پيا ڪندا آهن. مونکي به حيدرآباد ۾ پلي کائڻ جي دعوت ظفرحسن تنوير جوٽيجو ڏني هئي مون انڪار ڪيو هو، مان پلا ويجيٽيرين... پلو ۽ مان، ٻئي هڪٻئي جا جاني دشمن... بيٺو نه سهون. هيءَ پلا روهڙيءَ وارن پلن کان ڪيترا سوادي هوندا ان جي چشڪي لڳائڻ جو اندازو مون لاءِ لڳائڻُ ناممڪن آهي...! جو مون لاءِ پلو حرام......!! ها هڪ ڳالهه ضرور چوندس ان خوبصورت ڏيکه کي ڏسي من ۾ خوشيءَ جي لهر اُبري رهي هئي، اڇيون ڪاريون ۽ چٽ ڪمريون بدڪون پاڻيءَ جي لهرن جي سنگيتميه تال تي خالق طرفان خلقيل ٽرڪندڙ انهن جيون کي ڏسي انوکو آنند اچي رهيو هو. ٻگهن قداور وڻن ۽ ڦوهارن جي مڌهر جهنڪار وارو ماحول روماني منظر هو، ان روماني منظر کي مون به پنهنجي ڪئمرا ۾ محفوظ ڪرڻُ شروع ڪيو، ڪاش! من جي ويڻا جي تار جي جيڪا جهنڪار ان وقت پيدا ٿي رهي هئي اُن تي آذارت ڪا سنگيت جي رچنا خلقي سگهان هان...... اها خواهش ۽ حسرت ئي رهي ......!! بقول قمرشهباز -

وڻ وڻ ۾ ويڻا وڃي، پن پن ۾ پڙلاءُ

اهڙا ڪئي انسان هوندا جن کي اهو ڏانو ۽ ڏات هوندي... اهڙي ئي ڏات جي نعمت سان مالامال هو اُتي جو مشهور معروف ڪلاسيڪي دنيا جو سورداس ميوزيشن خوڪين رادريگيٽ جنهن ان خوبصورت واٽڪا کان پريرڻا حاصل ڪري سنگيت جي هڪ يادگار ڌن تيار ڪئي. ان حسين منظر کي ڏسي ڪري اتي ڪيترا پيرا اوپيرا به منعقد ڪيا ويا آهن، اسپين جي باري ۾ ڪيتريون ڳالهيون ۽ چاڻ مونکي ڪانتيش ڏني آهي، جيڪا هن سفرنامي ذريعي سپني سان وندي رهي آهيان. هڪ دکه دائي حادثي جي باري ۾ ٻُڌايو ته هڪ واري اسپين جي سينيئر سٽيزنس کي اتي گهمائڻ لاءِ وٺي آيا، هڪ

بزرگ جو حادثي ۾ موت ٿيو.

اجان گهمڻ گهتڻ پوروئي ڪانه ٿيو هو ته سنڌو دويش فرمائش ڪئي ته اسانکي ڪجھ کائڻو آهي. هڪ ريسٽورينٽ ۾ وڃي ڪري ويٺاسين، سامهون ٽي.وي.ءَ تي بُل فائيٽنگ هلي رهي هئي هڪُ ٿلهو ڪارومتارو ڏڳو ان تي وار ڪندڙ نوجوان جنهن کي رنگبرنگي ڳاڙهي سُنهري رنگ جو لباسُ ۽ ٽوپي پهريل هٿن ۾ ڳاڙهو ڪپڙو ڏيکاري ڏڳي کي مچرائي رهيو هو، اسٽيڊيم ماڻهن سان کچاکچ ڀريل هئي، سندس ٻئي هٿ ۾ چهنبدار ڀالو هو، اُهو زوردار وار ڪري ڏڳي جي پٺيءَ تي وهائي ڪڍيائين، جيڪو سڌو ڏڳي جي پٺيءَ ۾ کپجي ويو، هڪ ٻيو ميدان ۾ لٿو اُن به زوردار نموني ڏڳي تي ڀالي سان وار ڪيو، ان طرح چار ڇٽا ميدان ۾ لٿا، مکيه بُل فائيٽر تي اگر ڏڳو وار ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي پيو ته ٻيا اُن تي وار ڪري اُن جو ڌيان اُتان هٽائين پيا، انهن پنج ڀالا ڏڳي جي پُٺيءَ م چپي اُن کي رتورت ڪري ڇڏيو. ماڻهن جون زوردار تاڙيون هيون، مروئان موت ملونڪا شڪارُ، نيٺ چُهنبدار تلوار سان اُن کي گهايل ڪري ڪيرائي ڇڏيائون، ۽ بُل فائيٽر فخر وچان ڳاٽ اونچو ڪري ڪاميابيءَ جو سهرو سِر تي بڌي تاڙين جي گڙگڙاهٽ ۾ مُسڪرائيندو رِنگ کان ٻاهر وڃي رهيو هو. منهنجا هٽ حاضرين جيان نه ئي تاڙين لاءِ کڄا ۽ نئي وري لبن تي واه! واه!! پر افسوس ضرور ٿيو، اها کهڙي بهادري جو جانور کي ڇتو ڪري مارجي. اولھ جا مُلڪ ايشيائي مُلڪن ۾ جانورن تي ظلم ۽ بيدردي تي ته خوب هاءِ! گهوڙا ڪندا آهن پر اسپين جي ان بي رحم تشدد ڀري راند کي بند ڪرائڻ جي اڄ ڏينهن تائين جريت ڪانه ڪري سگهيا آهن. اسپين ۾ هنڌ هنڌ بُل فائيٽنگ جي شو جا وڏا وڏا پوسٽر لڳل هئا. اتي 4 جولاءِ تي ڏاندن سان ويڙھ جنهنکي پلاسادي تورو چوندا آهن هڪُ وڏو شو رکيل هو. انساني حقن ۽ جانورن جي دردشا تي تنظيمون ايشيائي مُلڪن ۽ ننڍي کنڊ ۾ جانورن يا ٻين جي اذيتن جي باري ۾ ته وڏيون دانهون ڪوڪون ڪن ٿيون پر، جهڙي انداز ۾ ٿلهن متارن ڏڳن کي ڏسندي ڏسندي اذيتون ڏيئي رتورت ڪري مارين ٿيا اُنهن تي نه ئي اڄ ڏينهن تائين روڪ لڳي آهي نه وري ڪا اپٽري عالمي سطح تي واءِويلا ٻُڌڻ ۾ آئي آهي، عربن طرفان ننڍن ٻارن کي اُٺن واري راند ۾ ڇيلھ سان ٻڌي اڌ مئو ڪرڻ تي به ڇپن کي ڇُنو لڳائي رکيو آهي. اهڙن هنڌن تي ڪُڇن ته موچڙا کائين. بنگلاديش، پاڪستان ۽ ڀارت جي مُسلم آباديءَ وارن علائقن مان عرب ٻار خريد ڪن ٿا، عورتن جا واپار ڪيا پيا وڃن.

اسپين ۾ ٽي ريلوي اسٽيشنس آهن. اسپين جي پهرين اونچي عمارت اُتي جي پوسٽ آفيس هئي. پر هاڻي ٻي نئين عمارت ٺهي آهي. منهنجو ڪئي پيرا اشوڪ سان گڏ پلازا-ايسپانيا وڃڻ ٿيو، جتي پارڪ جي وچ ۾ اسپين جي مشهور معروف جڳھ پرسد ناول نگار ميگيل دي لا سروانتيس جي ڪردارن تي آڏارت مورتي آهي. گهوڙي تي سوار آهي دان ڪيخوتا پرسان گڏهه تي سندس نوڪر سانچو پانچا آهي. پلازا واري اونچي عمارت کان ٻي عمارت تائين نوڙيءَ تي موٽرسائيڪل هلائيندڙ موٽرسائيڪل هلائي ڪرتب ڏيکاري رهيو هو، پر هن پيري حادثي جو شڪار بڻجي ابدي ننڊ جي آغوش ۾ هليو ويو.

اسين پلازا اسپانيا واري علائقي مان ٿيندا ٻئي روڊ تي آياسين جتي سنيما گهر تي نظر پئي اُتي هڪ اسپينش فلم هلي رهي هئي. دير رات تائين گهمي گهتي موٽياسين، گهر اچي فلم ڏسي کائي-پي سُمهياسين.

**قرطبه! عشق سي تيرا وجود**

( 3 - جولاءِ 1999ع )

اڄُ صبح جو گرنادا، قرطبه، ۽ سويجا وڃڻ جو پروگرام هو. اشوڪ چيو جمع تي هلنداسين هڪ رات سويجا ۾ رهنداسين هڪ رات پورچوگال ۾ رهنداسين، آرتوار يا سومر تي واپس مئڊرڊ ايندا سين... پر پروگرام ان طرح بڻجي نه سگهيو، جو اشوڪ کي سومر تي هر حالت ۾ بزنيس ڪري واپس مئڊرڊ موٽڻو هو، جمع تي هو ڪنهن ڪم ڪري آفيس مان نڪري نه سگهيو. ٻئين تاريخ گهر ورڻ تي هن چيو مون سويجا ۾ هوٽل بُڪ ڪرائي آهي، سڀاڻي صبح جو هلنداسين. ٽئين تاريخ صبح جو ساڍي ائين ڏاري سنڌو دويش کي ساڻ وٺي نڪتاسين. پهرين قرطبه هلون ٿا، اڳين پيري گرنادا ڏسي آئي آهين، گرنادا 388 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. انڪري قرطبه جي مسجد جيڪا هن وقت ڪئٿڊرل آهي اُها ڏسڻ وڃان اٿيئي، الحمبرا جو قلعو مون اڳي ئي ڪانتيش سان وڃي ڪري ڏٺو هو، گرنادا جي قلعي جي باري ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو ته ائين صديءَ ڌاري اتي سُلطان آيو هو، اهو اسپين جو آخري علائقو آهي جتان اسلام جي پوئلڳن جا پير اُکوڙيا ويا هئا ۽ عيسائي

مذهب اُتي آخر ۾ پهتو. الحمبرا ۾ جيڪو حمام موجود آهي ،اُن بابت چيو وڃي ٿو ته سُلطان جي بيگم جو هڪ سيناپتيءَ سان پريت جو پيچ پيو، ان قلعي اندر هڪُ شاهي وڻُ آهي جتي عشق محبت جي داستان وڌيڪ پروان چڙهي، هڪ ٻئي سان عهد-وفا ڪيا ويا. جڏهن سُلطان کي اها ڄاڻ پئي ته هن پنهنجي بي-وفا زال ۽ اُن جي معشوق کي حرم ۾ قتل ڪيو، جن جي خون جا داغ اڄُ به اُتي موجود آهن، ڪن جو چوڻ آهي ته داغ وقت جي وڇوٽي جي پٿرن جا آهن... گرنادا پهاڙي علائقو آهي، جتي ڪيترا اسڪيٽنگ ڪرڻ ويندا آهن، اتي جي برفيلي چوٽين جي اُنهائي يورپ جي ٻين حصن کان وڌيون بيان ڪيون پيون وڃن.

اسان پروگرام ڦيري ڪري پهرين قرطبه جي مسجد ڏسڻ جو رکيو. اسان نئشنل هاءِوئي (4)فور وارو روڊ ورتو، 120 ڪلوميٽرن جي رفتار سان ڪار شاهرا تان فاصلو طئه ڪندي اوسي پاسي جي منظرن کي پٺتي ڇڏيندي اڳتي وڌڻ لڳي. سفر دوران سنگيت ۽ گفتگوءَ جو سلسلو جاري هو.

اندوليسيا اسٽيٽ جا اٺ (8) پراونس آهن، سويجا ان جي راڄڌاني آهي. ايراضيءَ جي لحاظ کان اندوليسيا جي ايراضي وڏي ۾ وڏي آهي اسٽيٽ جي ڪيترن پراونس ۾ يادگار تاريخي عمارتون آهن. ارنخواس ۾ سورج مُکي گل جي وڏي پوک ٿئي. ان علائقي ۾ آلئويه آئل جي وڏي پوک ڪيل هئي. ٻنهي پاسي وڏي تعداد ۾ وڻ هئا، دنيا جي وڏي حصي جي اهي پُورت ڪن ٿا، ڄڻُ گهاٽو جهنگ لڳو پيو هو، مون چيو ها ڄڻُ ٻيلو لڳو پيو آهي. اشوڪ چيو ٻيلو لفظ وڌيڪ ٺيڪ آهي منهنجي مُراد به اها ئي هئي. اسپين جو مشهور شراب بالدي پينيا وائين به ان علائقي جي دين آهي. اسپين ۾ ان طرف ويندي روڊن تي عربي ٻوليءَ ۾ لکيل بورڊ به نظر ايندا، اتي عُبيدا نالي ڳوٺ به وچم پوي ٿو. ڏکڻ اسپين ۾ جهجهي تعداد ۾ تاريخي عمارتون آهن، ان پاسي الجيريا ۽ ٻين مُسلم مُلڪن جا ڪافي مومن ايندا آهن جنهنڪري اُتي عربيءَ ۾ بوردن جا نالا اُنهن جي سهوليت لاءِ لکيا ويا آهن، اڙدو ۾ سنڌي اکرن ڄاڻ ڪري اهي بورڊ اسين به سولائيءَ سان پڙهي رهيا هئاسين.

الجزيراه علائقي وٽ هڪ به واٽو اچي ٿو هڪ طرف قرطبه ته ٻئي روڊ طرف گرنادا وارو روڊ وڃي ٿو، جتي تاريخي الحمبرا جو قلعو آهي. ان قلعي اندر جيڪو نقاشيءَ جو ڪمُ ڪيل هو اُهو اسلامي اڏاوتي نموني وارو هو، نيرو ۽ اڇو رنگ استعمال ڪيل هو، مٿي قلعي جي چوطرف پٽين تي قلمعو لکيل هو، عربي آئيوتا ۾ سُهڻي (ڪئليگرافي) خُوشِ نويسي ڪيل هئي. اتي وڏي تعداد ۾ ٻليون گهمندي ۽ راند روند ڪندي نظر آيون، ڪٿي اڳين زماني ۾ اهي حرم جون باندي ڪنيزون ته نه هيون...! فضا ۾ ٽهڪن جي گونج! منهنجي اسپين ۾ موجودگيءَ دوران مئنچسٽر ۾ ون-ڊي وومين ڪرڪيٽ مئچ هلي رهي هئي، رانديگرياڻين جو جڏهن ڪلنٽن سان تعارف ڪرايو ويو ته هن جي عاشق مزاجيءَ جا قصا به اتي نڪتا، 2001ع ۾ ٽيندڙ ورلڊ ڪرڪيٽ مئچ ڪئنبا ۾ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

اسان قرطبه وارو روڊ ورتو، ساڍي ٻارهين ڌاري اسين پهچي وياسين. ننڍڙين ننڍڙين سوڙهين گهٽين مان ڪار ڪٽندي اچي مسجد وٽ پهتاسين. قرطبه جي هيءَ ڪئٿبرل- مسجد جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اها اولهه جي اسلام جي عظيم ترين يادگار آهي. هن وقت مقدس سان گڏوگڏ اهم ترين تاريخگاهه ۽ قيمتي آرچالاجيڪل مونومينٽ ليکي وڃي ٿي، جيڪا اٺين صديءَ کان به اڳ جي فني آرچيٽيڪ جي مهارت جي نشاندهي ڪري ٿي. هيءَ مسجد عبدالرحمان پهرين جوڙائي هئي. اُنکانپوءِ عبدالرحمان ٻئين، الحاڪم ٻئين ۽ المنظور اُن کي موجوده روپ عطا ڪيو هو، جيڪو هن وقت تائين برقرار آهي. اندر اندر ٺهلن جي سهاري اڌ گول جي ٻن رنگن واريءَ ڪمان جون قطارون ...داخل ٿيڻ وقت عجيب ڪيفيت طاري ٿئي ٿي آهن، اڌ گول وارين ڪمان جون قطارون ائين نظر ايندیون جو آخري ڪڙيءَ تائين هر هڪ دروازو صاف نظر ايندو هر هڪ ڪمان صاف نظر اچي ٿي، جنهن ڪنڊ کان وڃي ڏسون ڪمان جي هڪجهڙائي سڀ جو سڀ نظر پيون اچن ڪا به اُن دور جو هيءُ نادر نمونو دل کي ڇُهي رهيو هو، اشوڪ چيو ڪمال جي .ٻيءَ پُنيان ڊِڪجندي نظر نه پئي اچي ڪاريگري آ! مان اڳي پيري اُميش(وڏو پاءُ) کي وٺي آيو هيس پر اها بند ٿي چُڪي هئي، اندر مان به پهريون پيرو ڏسي رهيو آهيان.

ڪوردوبا جي ان مسجد کي (16) سورهين صديءَ ۾ جو روپ ڏنو ويو. جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو ته عبدالرحمان ٻئين ۽ المنظور جي نگرانيءَ ۾ ان کي موجوده روپ ڏنو ويو، مسجد اندر سورهين ۽ سترهين صديءَ جا پٿر موجود هئا جن تي عربي ٻوليءَ ۾ اُنهن جا نالا اُڪريل هئا، تاريخي گواهين ۽ ورقن کي نظرن جي ڇُهاءُ سان محسوس ڪندي اُن دور جي قرطبه جي هن يگاني ڪئٿبرل اندر آبدي ننڊ ۾ آرامي ڪئٿولڪ !......اتهاس کي ماٽيندي منهنجا قدم اڳتي وڌنڌي پئي ويا ڌارمڪ شخصيتن جي مٿان فرشتن جي دعائن جا سنگمرمر جا تراشيل منظر ڏسندي...!! من اندر ڪئي ويچار پيدا ٿي

مسجد جي ڪاريگرن جو اُن دور ۾ باڪمال !!!!......رهيا هئا...!!! سوچن جي امرت منٿن مان واھ! ۽ هاءِ!! جو آلاپ
اڏاوتي فن جي ڪاريگريءَ جو سُهڻو نمونو ڏسڻ جو، هيءُ موقعو مُربي پائرن جي ٿورن سان ئي نصيب ٿيو نه ته ايڏن
ڪوھ ڪافن تي وڃڻ نه صرف مُشڪل پر محال ئي ٿئي ها. جنهن لاءِ مشهور معروف شاعر اقبال اسپين جي سرزمين تي
طويل نظم مسجد قرطبه لکي آهي. قرطبه تنهنجو عشق سان وجود آهي، عشق هڪُ لڳاتار سلسلو آهي، جنهن ۾ ڪو اچ وڃ
جو محتاج نه آهي، رنگ، پهاڙ، پٿر هجي / چنگه هجي جيڪو آواز ڪيندو هجي يا ڪي لفظ يا ڪو ٻيو آواز هجي. جيڪو
-: فن اُهو خوني جگر ٻڻائي ٿو. ڪاريگريءَ جي تعريف ڪندي شاعر اقبال مسجد قرطبه ۾ فرمائي ٿو

ایــہ حرم قرطبه! عشق سي تيرا وجود
عشق سراپا دوام جس مين نهين رفت و بو
رنگ هو يا خشت و سنگه چنگه هو يا صرف و صوت
!معجزه فن کي هئه خونِ جگر سي نمود

ڪئٿڊرل جي اڏاوت جو ڪمُ 1532ع ۾ بشپ ڊان- اِئلفنسو- مارڪينعو جي حڪم تي ڪيو ويو، ان تاريخي ڪئٿڊرل کي
ڏسندي روحانيت جو احساسُ ٿي رهيو هو، چند لمحن لاءِ چرچ ٻاهران ٻيل جو وڻ هيٺان وهڻ سان ٻاهريون وجود ڇڻُ
!!...ٻـڙيءَ ۾ منتقل ٿي ويو ...!...(0)شنيه
پاڻ هي پسي پاڻ کي پاڻ هي محبوب
پاڻ هي خلقي خوب پاڻ هي طالب تن جو (شاه)

اُن وقت ان ڪئٿڊرل جي اڏاوت ڪرائڻ تي بشپ- ڊان- اِئلفنسو کي ڪافي مخالفت سهڻي پئي. اتي پندرهين ۽ سورهين
صديءَ جون قيمتي شيون به موجود آهن، اٽالوي ڪاريگرن جي هٿ جون ٺهيل شيون، جرمنيءَ جي سوناري طرفان تيار
ڪيل قيمتي ٻـڙن جو تاج موجود هو جيڪو 1518ع ۾ جڏهن جلوس نڪتو هو تنهن ۾ پهريون ڀيرو استعمال ڪيو ويو هو،
اتي تمام شاندار پيئنٽنگ به موجود هيون. 15 - 16 صديءَ ۾ ته ان جي ڪافي مخالفت رهي پر هن وقت اهڙي ڪا ڳالهه نه
آهي. قرطبه تي ننڍي-ڪنڊ جيان جهونيون عداوتون ڏسڻ وٽان نه مليون ... مٿا پر پٽجن هاڻ ... اسين ڳالهه ڪريون صوفي -
لاڪوفين جي پر هٿن ۾ ... من ۾ ... اُتي اسلام جي اثر کي ڪئٿولڪ اُوسرڻُ نه ڏنو آهي. اسپين ۾ صرف ۽ صرف
.ڪئٿولڪ ويچارڌارا آهي. اسلام اُسريو پر اُن جي اثر کي گهٽايو ويو
ڏاڏي سائين جو پهاڪو ٻيو ياد اچي. ڪڏ ڪُڪُڙ دائري کان آنا ٿي لاهي! قرطبه مان ڪجھ سوکڙيون خريد ڪيون.
عربيءَ ۾ لکيل مُواد واريون ٽي-شرٽس آتي گهٽيون هيون، اُتي هڪُ ٽاور آهي جنهنکي اندران ڏسڻ جي صلاح ڏني وئي،
اُتي پهچڻ تي معلوم ٿيو ته شام جو ڇئين بجي کلندو. ڪئٿڊرل سامهون مسجد نالي واري هوٽل هئي اُتي ڪولڊ ـــ ڊرنڪ ۽
ٻارن آئسڪريم وغيره ورتي، اُتان ٿوري پنڌ تي رومن برج پار ڪري اسپيئنش سئِنگاگه ڏسڻ وياسين جيڪا چوڏهين
صديءَ ۾ اُن دور جي مقبول طرز تي ٺاهي وئي هئي. ان جي هيٺين پٽين جا چاپوڙا لهي چڪا هئا باقي مٿين حصي تي
جهوني ڪاريگري اڃان موجود هئي. اندر هڪُ هال هو ٻنهي پاسي ٻئنچون پيل هيون وچم ميڻ بتين جو اسٽئنڊ هو. ٻئنچن
تي ويهي هرڪو ڏٽيءَ جي عبادت ڪندو هو. سامهون يهودين جو پريسٽ ويهي پرچار ڪندو هو. ٻاهر هڪ پٿر جي وڏي
مورتي هئي جيڪا قرطبه جي هڪ وڏي فلاسفر ۽ ميڊيڪو جي هئي جنهن جو جنم 1135ع ۾ ٿيو هو. واپس ورڻ تي اڳتي
ڪجھ فاصلي تي قلعو هو، ان روڊ تي ڪجھ ڪوچوان گهوڙي گاڏيون ڪٽي ان سڄي علائقي جو سيلانين کي سير پيا
.اڳيرو هڪُ باغ هو .ڪرائين
اشوڪ چيو ان وچ ۾ لنچ ڪري ٿا وٺون، وڻ جي ڇانو هيٺان ڪجھ ڪارون پارڪ هيون اسان به اُتي ڪار پارڪ ڪئي.
منهنجي ڪري پونم روٽي ٺاهي ڏيندي هئي، اشوڪ چرچو ڪري چوندو هو پونم تون وينا کي ڪارائي ڪارائي هتان ٿلهو
ڪري انڊيا موڪلينس. پوڙيون به هونديون هيون پڪوڙا به ته چيز، پيز پُلاءُ سلاد مطلب ته واھ جا طعام ٺاهي ڏيندي
هئي، ٻار ڪائڻ کان ڪترائين، اشوڪ ۽ مان ... پونم کي چوان پونم! ايترو چو ٿي ٺاهي ڏين ٻار ته ڪائن نه ٿا... پر پونم

ويجيٽيرين جي لحاظ کان مطلب ته هر طعام ٺاهي فرسٽ ڪلاس پيڪنگ ڪري ڏيندي هئي. جيئن پکوان کي نانا پرڪار جا پڪوان ارپڻ ڪيا ويندا آهن تئين ملندا هئا. هوٽلن ۾ ته سچي جا سچا جانور ٽنگيل نظر ايندا هئا ڪائڻ تي من ئي نه ڪندو هو. هاڻوي تي مان صرف چانهه يا ڪولڊ ڊرنڪ ڪانسواءِ ڪجھ نه وٺندي هيس، ان لحاظ کان شُڪر ڪريان جو اُتي گهر مان ته وري انڊو به نه کاڌَ، 1990ع ۾ جڏهن آمريڪا وئي هيس ته .هو نه ته يورپ ۾ ويجيٽيرين لاءِ اصُل مُصيبت آهي مونکي ايڏي ڪمزوري اچي وئي جو سانا جي ميمبر ادي بشير پانڊ ڊائٽ جون گوريون وٺي ڏنيون، جن جو سهارو وٺڻو .پيو

اسان قرطبه جي يونٽي - ٽاور کي ڏسڻ لاءِ اندر داخل ٿياسين. اندر مختلف زبانن ۾ ان متعلق رڪارڊنگ ذريعي ڄاڻ ڏني پئي وئي. اشوڪ ۽ پارن اسپئنش ۾ ۽ مان انگريزيءَ جي رڪارڊنگ ٻڌي رهي هيس، جيئن ئي اندر داخل ٿياسين ته اندر ميڊيڪل جا اوزار موجود هئا جنهن جو ايجاد اُتي جي ماهرن ڪيو هو وڏي ڳالهه اها هئي جو اُهي ايڏي عرصي بعد اڄُ به آپريشن ۽ علاج وغيره لاءِ استعمال ٿي پئي سگهيا، اڳتي زرعي ٽيڪنالاجي ۽ پاڻيءَ جي سرشتي جي نظام جا ماڊل موجود هئا. ڪنن تي لڳل هيڊ - فون، ڪئمينٽريءَ ذريعي ملندڙ ڄاڻ ال- اندلوس جي رهڻي ڪرڻي تهذيب - تمدن، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تمام ئي سُهڻي ۽ دلچسپ ڄاڻ ملي. اتي اسلامي خليفي جي دعوت جو منظر جنهن ۾ ڪئٿولڪ پير جي آمد جو منظر هو. ان کان علاوه، المبرا جي قلعي جو ماڊل ۽ اُن متعلق ڄاڻ، الڳ الڳ منزلن تي موجود هئا. هيٺ واپس لهڻ تي ساڄي پاسي تي ٽي آدم قد کان به ڊگها وڏا انسانن جا ماڊل موجود هئا، اهي يهودي، عيسائي، مُسلمان شخصيتن جا هئا جن جا پنهنجي پنهنجي مذهب جي ايڪي، پائيچاري ۽ ميل ملاپ جي قولن ذريعي سڪيا جا پيغام بيان ڪري رهيا هئا،هي شئوُ لائيٽ ۽ سائونڊ تي آڌارت هو، پهرين لائيٽ يهودين جي شخصيت واري ماڊل تي وڌي وئي، ان ڪانپوءِ ايل فئنسو تي، تنهن ڪانپوءِ ال - عربي جي ماڊل تي، ان طرح هر هڪ مذهب واري ماڊل تي روشني پوڻ سان گڏوگڏ اُنهن جي مذهبن جي مُقدس پيغامن جا قول بيان ڪيا پئي ويا. انسانن ۾ پائيچاري، پريم ۽ برابري قائم ڪرڻ وارا ويچار جن جا نالا هن طرح لکيل هئا :-

(1). Averroes (2). Alfanso X (3). Maimonides (4). Al-Arbi

قرطبه جي ان يونٽي - ٽاور ڏسڻ ڪانپوءِ ٻاهر وزٽر- بوڪ رکيل هو، اُن تي جڏهن تاثرات لکڻ چاهيم ته سچو سائينءَ جو هيءَ شعر لبن تي آيو :-

آئون جو هي آهيان سو هي آهيان
هندو مومن نه آهيان ڙي يار

.اسان جي صوفي سنتن، درويشن، فقيرن به پريم، پائيچاري جا پيغام ڏنا آهن

مذهبن مُلڪ ۾ ماڻهو مُنجهايا

**سويجا تنهنجو شانُ نرالو**

شام جو ستين بجي سويجا پهتاسين، هوٽل اڳ ۾ ئي بُڪ ٿيل هئي. ٿورو آرام ڪري چانهه پاڻي پي ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪتاسين، پهرين ڪِيوي نديءَ مٿان اڏيل پُل پار ڪري، اُن برج مٿان لگهندي ٻئي طرف وياسين. ندي ڪناري چهل پهل هئي. هڪ طرف ته هوٽلون هيون جتي ماڻهو کائي پي رهيا هئا، ٻئي طرف سامهون عمارتون ۽ دڪان وغيره هئا. ٻارن جي پسند تي اُنهن کي آئسڪريم پيزا وغيره کارائي هوٽل جي ڪمري ۾ ڇڏي، اشوڪ چيو هل ته توکي هتي جي مڪاني ڊانس ٿو .ڏيکاريان. سويجا ۾ ائين پيو لڳي ته ماڻهو ڏينهن جو سُمهندا هوندا ۽ رات جو جاڳندا هوندا
هن هوٽل ۾ روز رات جو وڏي تعداد ۾ ٽوئرسٽ اچي لوڪ سنگيت جو مزو ماڻيندا آهن، هٽن ۾ سپني کي ڊرنڪ نظر ايندا،

رقص ڪندڙن سان گڏ ٻاهريان ماڻهو به شامل ٿي وڃن. ان جي مالڪياڻي هڪ عورت آهي جا پاڻ به ڳائيندي ۽ نچندي سپني کي سندس جو انتظار هوندو آهي. ڀهرين نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون آيا، تن رنگ ڄمايو، اشوڪ منهنجي لاءِ .آهي ڪولڊ ڊرنڪ وٺي آيو، شايد ان هوٽل ۾ مان ئي هڪ اهڙي هيس جيڪا ڪولڊ ڊرنڪ پي رهي هيس باقي سپني جي هٿن ۾ ... اُنڪانپوءِ آئي اُها مالڪياڻي اُن سان گڏ هڪُ وڏي عمر جو ماڻهو تنهن تمام ئي ڪلي گلي سان لوڪ گيت ڳاتو، واه جو رنگ ڄمايو. ڳائيندڙن جي تاڙين سان ور ور ڪري آجيان ڪئي پئي وئي. ردم به هو ته آواز ۾ نرتيه جو تال ميل به هو. اُتي جيڪي ٽوئرسٽ موجود هئا سي به لوڪ گيتن جي تال تي موج مستيءَ جي عالم ۾ دنيا جي رنج و غم کان پري سويجا جي ان شام ۾ رڱجي ويا، اُنهن هڪُ گيت ڳاتو، سويجا تئنئين اُنوُ ڪُولُور اِسپيشال...... جنهنجي معنيٰ سويجا تنهنجو جيئن اسين گيتن ۾ سنڌ ۽ سنڌوءَ جو نالو ٻُڌي ٺرندا آهيون تئين سويجا واسين جي چهري تي به ان گيت ......رنگ نرالو .رونق آڻي ڇڏي. پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ ۾ ڪيڏي نه وڏي طاقت آهي

ماروئـڙن جو ساھ به تون آن / چاھُ به تون آن،
خوشيون توسان / ڏک سک توسان،
گيتن جي گونجار به توسان ( قمر شهباز )

اتان جڏهن اسين واپس هوٽل وريا‌سين ته سنڌو - دويش ڇيو توهين انڪل اسان تي ناراض ته نه ٿيندا...؟ اشوڪ ڇيو نه! ٻنهي ڄڻن ڇيو اسان مئڊرڊ فون بُڪ ڪري ممي پاپا سان ڳالهايوسين، اسان وٽ ان لاءِ ڪو جواب نه هو، بس اسان جو هوٽل کان نڪرڻ ۽ هنن جي پُٺيان ڪا نه ڪا شرارت... مئڊرڊ کان نڪرڻ مهل ئي سنڌو ڇيو انڪل فون ڪريون، ممي پاپا کي اسان جو فڪر هوندو. مون ڇيو نه اُهي فڪر نه ڪندا جو اُنهن کي ڄاڻ آهي ته توهين اسان ساڻ آهيو، اشوڪ کان موبائيل فون وٺي مان پنهنجي پرس ۾ وڌو هو. پر ٻنهي ڄڻن ٻي تڪنيڪ استعمال ڪئي... اها عمر به اهڙي هوندي آهي .جو ٻار جنهن ڳالهه تي چڙهن اُها پوري ڪري ڏيکارين

سويجا جون ڇوڪريون عالمي سُنهه واري چٽاڀيٽيءَ ۾ زور شور سان حصو وٺن، اتي جي ڇوڪرين جا وار ڪارا، .روئنش ٺاهوڪا ۽ فِگر سُٺي، اُتي جون ڪيتريون ڇوڪريون اِنڊين ڇوڪرين جيان پيون لڳن

**ٽـاور آف گـولـڊ**

( آرتوار 4 جولائي 1999 )

هوٽل مان سامان ڪار ۾ رکي نيرن ڪري سڀ کان ڀهرين اُتي جي مشهور چرچ ڏسڻ جو پروگرام رکيو، آرتوار ڪري چرچ ٻئين بجي کولڻي هئي جو ٻارهين بجي چئپل ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ، اتي جا مڪاني ماڻهو پراٿنا لاءِ وڃي رهيا هئا، اُن جي پرسان ئي پئلس هئي ڀهرين اُن کي ڏسڻ جو پروگرام رکيوسين. اندر داخل ٿيڻ تي هڪ شوڪيس ۾ طرح طرح جا وڃٽا نظر آيا، جيڪي شاهي خاندان وارا استعمال ڪندا هئا، اهي فرانس، چائينا، جاپان، اسپين، تولودو مطلب ته مختلف علائقن جا الڳ الڳ ڊزائين وارا جهجهي تعداد ۾ موجود هئا. اهو شاهي محل ڪنگه ڊان پئڊرو وڏي شونق سان ٺاراهيو هو. جنهن ۾ مُسلم ۽ عيسائي فن جو سنگم هو، ان لاءِ تولودو، گرناڊا ۽ سويجا جي ڪاريگرن کي اڏاوتي ڪم ۾ جوڙيو ويو هو. اتي هڪُ هال هو سامهون هڪ ميز ۽ ڪجھ ڪرسيون رکيل هئيون، پُٺيان مختلف جهنڊا هئا، دراصل هيءُ هالُ فوجي حڪمت عملي تيار ڪرڻ وارو اِهم هال هو، جتي نه صرف فوجي حڪمت عملي تيار ڪئي ويندي هئي پر الڳ الڳ ايراضين جي آف - آمريڪن جي - کوج لاءِ به اتي اهم ميٽينگس ڪيون ويندئيون هيون. القصار جي پرسان چرچ جي ٻئي پاسي هائوس آرڪائيز آهي. جتي آمريڪا جي کوج وارا دستاويز ان آرڪائيز ۾ محفوظ آهن. هن شاهي محل ۾ ٻئي پاسي هڪ وڏي هال ۾ پٽين تي ڪپڙي تي وڏيون شاهي پينٽنگس ڏسڻ ۾ اينديون، جن ۾ شاهي خاندان جي شادي مُراديءَ جو ڏيکه، اُن دور جي جنگين جا چتر چٽيل ۽ ٻيا منظر نظر ايندا جنهن مان اُن دور جي واقعن جي ڄاڻ پوي ٿي. 1740ع ۾ ڪنگه فلپ پنجون هو هن محل کي 1755ع ۾ لسبن ۾ ڌرتي ڌوٻڻ ڪري جيڪو نقصان ٿيو هو، اُن جي وري مرمت ڪئي وئي هئي، ۽ وچ واري

دور جي تعمير ڪنگه ائل - فئنسو ڏهين ڪرائي. ائين هر دور دوران جنهن ان جي اڏاوتي سلسلي ۾ جيڪي اڏاوتون ڪرايون هئيون تن جا تفصيل هئا.

ٻاهر هڪُ وڏو باغ هو، هيٺ هڪ طرف شاهي خاندان جي بيگمات جي وهنجڻ لاءِ حمام هو، ڪاٻي ساڄي پاسي ننڍڙا ڪمرا هئا، حمام ۾ اُن وقت ڪجھ پاڻي موجود هو، ان جي اڏاوت انگريزيءَ جي اُبتي يوُ وانگر ڪمانن ذريعي ڪيل هئي. حمام جي آخر ۾ پٽ تي وڏا جارا هئا، جن جي پُٺيان پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ باھ وغيره جو بندوبست ٿي پئي سگهيو، اُن دور جون شاهي بيگمات اسٽيم باٿ وٺي نه صرف پنهنجي جسم جي ٿڪاوٽ لاهينديون هونديون پر پهنجي سُندرتا ۾ اضافو به ڪنديون هونديون.

جئين ته چرچ ٽوئرسٽ لاءِ ٻئين بجي کُلٽي هئي اسان وٽ ڪافي ٽائيم هو. اسان اُن دوران بوٽنگ ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو، لانچ جي سير لاءِ ٽڪيٽون وٺي ٽاور-آف-گولڊ وٽان اهو سفر شروع ڪيو. ٽاور-آف-گولڊ ان جو نالو انڪري پيو جو اهو تيرهين صديءَ (13) جو ٽاور آهي. ان .ٻاهران جيڪو سون ۾ ٻيو جيڪو سامان ايندو هو اُن کي اِتي لاٿو ويندو هو ان .نديءَ جي ٻنهي طرف جيڪي عمارتون هيون، اُنهن جي چاڙ سيلانين جي سهوليت لاءِ مختلف زبانن ۾ ڏيئي رهيا هئا نديءَ جي مٿان ڪافي پُلين جي اڏاوت ڪئي وئي هئي، ڪي تمام جهونيون هئيون ته ڪي ويجهڙائيءَ ۾ تعمير ڪيون ويون هيون. اسان سڀ کان پهرين واريون ڪُرسيون والاريون. صبح جو ايتري پيڙ ڪانه هئي باقي رات جو لانچ اصل ڪچاڪچ ڀريل هئا.

نديءَ جي صاف شفاف پاڻيءَ کي چُهندڙ تازي هوا جا جهوٽا تراوت ۽ تازگيءَ سان گڏ خوشگوار من جي اُمنگن ۾ وڌيڪ ئي موج مستي پيدا ڪري رهيا هئا. جڏهن اسان جو لانچ پُل جي هيٺان لنگهي رهيو هو ته هوا جي رفتار تيز ۽ وڌيڪ ٿڌي ٿي پئي وئي. هڪ طرف من جون موجون هيون ته ٻئي طرف لهرن کي چيريندڙ لانچ جي رفتار......! ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي ماضي ۽ حال جي اڏاوتن جي گوهي ڏيندڙ عمارتون...... 1931ع جي تعمير ڪيل هڪ برج کي 1964ع ۾ عام جي آمدرفت لاءِ ڪوليو ويو هو. اُنڪانيوءِ هڪُ سورهين صديءَ جو اسڪول هو، سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ قائم ڪيل اسيمبلين جون عمارتون، اهي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي نظر اينديون، سُهڻو نظارو ۽ منظر پيش ڪري رهيون هئيون. لانچ پاڻيءَ کي چيريندو ٻه سئو ميٽرن واري ڊگهي برج کي ظئه ڪندي اڳتي وڌي رهيو هو. اها برج 1852ع ۾ تعمير ٿي هئي، ان جو نالو گنيز بوڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ درج ٿيل آهي، جيڪا هن وقت آمدورفت لاءِ بند آهي. اتان عام ماڻهو پيرين پنڌ ته وڃي سگهي ٿو پر موٽر گاڏين جي اچ وڃ جي اجازت نه آهي، ڪالھ اسان اتان پيرين پنڌ سير ڪندي نديءَ جي ٻئي ڪپ طرف ويا هئاسين. اتي ڪيترا تمام ئي تيزرفتار سان موٽربوٽ ۽ ننڍڙين ٻيڙين ۾ ائڊوينچر ڪندي نظر آيا.

اتي هڪُ وڏو اوُپن-ايئر-آبيٽوريم آهي، جتي ڇھ هزار حاضرين هڪ ئي وقت پروگرام جو لطف ماڻي سگهن ٿا. جيڪو ان طرح جو يورپ ۾ وڏي ۾ وڏو آبيٽوريم آهي. جيئن جيئن اڳتي وڌي رهيا هئاسين تئين تئين دلچسپ معلومات پلئه پئي رهي هئي. پندرهين صديءَ ۾ جنهن جهاز دنيا جو چڪر لڳايو هو اُن جو (ريپلڪا ماڊل) نقُل رکيو ويو هو. سويجا ۾ ايڪسپو- ايگزيبيشن لڳي هئي جتي سڄي دنيا جا بزنسمين ۽ ٻين ڪمپنين حصو ورتو هو اُن نُمائش دوران ڪيترين نئيون عمارتون ۽ پُليون تعمير ڪيون وئيون، تن مان هڪ هئي ايڪسپو- برج. هتي پارت ۾ به جڏهن ايشيائي رانديون منعقد ٿيون هئيون اُن وئليج ۾ ڪيترا نوان روڊ ۽ ٻيو اڏاوتي ڪمُ ڪيو ويو هو. پهرين مواصلاتي نظام جو نقُل، وڏي - دوران دهليءَ ۾ ائشين ڳالھ ته اُتي جيڪو اميوزمينٽ پارڪ آهي ان اندر جيڪي جادوئي نظارا آهن سي نه صرف ٻارن پر وڏن کي به اچرج ۾ وجهي ٿا ڇڏين. 1990ع ۾ جڏهن پهريون پيرو مان آمريڪا ويس ته ڊزني ورلڊ ڏسڻ ويس، اُتي وِچ - هائوس ڏٺم، جتان لنگهڻ وقت ماڻهو خوفزده ٿي وڃي ٿو. اُن وقت ايم.جي.ايم اسٽوڊيو به ڏٺم جتي ٻارن جي ڪارٽون فلم تيار ڪرڻ جي مرحلي کان علاوه فلم ۾ جيڪي ائڊوينچر نظر ايندا آهن تن جي شوٽنگ ڪيئن ٿيندي آهي، اُن جو به تجربو رهيو. اُن وقت سئو ڊالر کن ٽڪيٽ لڳي هئي. ريل ۾ سفر ڪرڻ وقت اوچتو ٽرين ۾ باھ لڳڻ وارا ائڪشن، باھ جون چيپون ائين پيون اڳيان اچن جڻُ جسم کي شعولن جي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏينديون، ساڳيءَ طرح هڪُ جهاز اندر بمبازيءَ وارو ائڪشن اوچتي ٿيڻ ڪري چرڪ ڪڍي ڇڏيو.

سويجا ۾ جيڪي نئيون برجون تعمير ڪيون ويون هئيون تن ۾ هڪ تيرڪمان جيان يا ائين چئجي سنگيت جو وڄائڻ وارو واد (ائنسٽرومينٽ) وانگر هئي جيڪا هڪ سئو چاليھ ميٽر (140) اونچي ۽ ڇھ سئو پنجاھ (650) ميٽر ڊگهي سئو ميٽرن

جي نيويگيشن ۾ اٺ (8) ميٽر اُونهائي واري هئي.
نديءَ جي سيروسفر کانپوءِ چرچ گهمڻ جو پروگرام رکيو. چرچ جي هڪ خاص ڳالھ اها هئي ته مٿي ٽاور تي چڙهڻ لاءِ
قطب مينار جيان ڏاڪا هئا، ان اونچائي واري ٽار تان سڄي اندوليسا شهر کي ڏسي ٿئي سگهياسين. ان ٽاور جي اڏاوت
خليفي ابو يعقوب يُوسف پنهنجي اسيسٽنٽ ابن بطوطه کي ڪرائڻ لاءِ چئي هئي، هن اُن جي چوڻ تي اهو ڪمُ شروع ڪيو.
مشهور سيلاني ابن بطوطه موراڪو جي شهر تنجہ جو رهندڙ هو جيڪو هندوستان پاڪستان سنڌ تائين عربن جي دور
دوران آيو هو، اسپين جي مشهور شهر الخيئيرا تنجہ وچم جهاز ذريعي سفر ڪرڻ لاءِ صرف ٽي ڪلاڪ لڳن ٿا. جيڪو
شهر اصل ۾ عربي اکر الجزيراه آهي. 580 هجري ۾ 13 تاريخ صفر جي مهيني ۾ هن شروع ڪيو هو. يعني 26 مارچ
1184ع ۾ ڪيو ۽ هجري مطابق 593 ربي اُلُ مهيني يعني 19 مارچ 1197ع ۾ مُڪمل ٿيو.
ابو يُوسف المنصور جي راڄ ۾ وري ان ۾ ڪجھ ڦير گهير آندي 1968ع ۾ مٿيون حصو جوڙيو. جيئن قطب مينار تي الڳ
الڳ فلور آهن. هتي چوٿيھ منزلون آهن. مٿي پنجٽيهين تي چوطرف وڏيون وڏيون شيخون آهن جيئن پئرس جي ٽاور تي مٿي
شيخون آهن. هتي به پنجٽيهين ماڙي تان سيلاني اندوليسا شهر جي اُتر اولھ، ڏکڻ ۽ اوڀر وارن حصن کي ڏسي سگهن پيا.
شهر جو تمام سُهڻو ايئريل ويو ڏسڻ ۾ اچي پيو. هڪ منزل تي 1248ع ۾ ٺهيل چوغو، هڪ منزل تي وڏو دروازو ۽ ان
وقت جو پٿر هو ته هڪ ٻي منزل تي وري اسلامي دور جا ڪجھ ڪئنورا (لوٽا)، ڪي لوهي ڪُرپا، هٿوڙا، ڪُهاڙي،
لوهي اوزار، ان طرح جا سازوسامان الڳ الڳ منزلن تي رکيل هئا. جيڪي اُن دور جي تاريخ بيان ڪري رهيا هئا. اڳاٽي
دور جو هڪُ وڏو گهڙيال رکيل هو، جنهنجو ڪانٽو اُن وقت ڏھ لڳي ويھ منٽ ڏيکاري رهيو هو. انهن اسلامي ۽ آڳاٽي دور
جي شين جي باري ۾ هڪ هنڌ لکيل هو ته اها عيسائين جي فراخدلي آهي جن انهن کي سليقي سان باحفاظت سنڀالي رکيو
آهي. اسپين مان عربن ۽ اسلام جي اثر کي ڪئٿولڪ ائين پٽي ڪڍيو جو انهن جو اتي وري ڦهلاءُ نه ٿئي. وئلينسا جي هڪ
علائقي مکيه بازار ۾ عيسائين جي سوڀ جو هڪُ جشن ملاهيو ويندو آهي، جنهن ۾ 1276ع جي يادگار حادثي کي اُن دور
جون پوشاڪون پهري اڄُ به ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. ٻن ڌرين ۾ ويڙھ ڏيکاري ويندي آهي ۽ هڪُ اُن طرز
جو بناوٽي قلعو اڏيو ويندو آهي. پهرين ان تي موز جو قبضو ڏيکاريو ويندو آهي، اُنکانپوءِ عيسائين جي قلعي تي فتح جو
پرچم بلند ڪيو ويندو آهي، ته دشمنن کي ڪيئن اتان ڀڄائي ڪڍيو ويو. ست سئو سالن کان اهو جشن اتي هلندو پيو اچي.
ان ٽاور جي هڪ ڳالھ اها سُٺي هئي جو ڏاڪڻ بدران سِرن ذريعي مٿي چڙهڻ لاءِ واٽ گهڙي هئي. جنهن ڪري مٿي
چڙهڻ تي هروڀرو ايتري اُپساهي نه ٿي رهي هئي، پر آخري منزل تي چڙهڻ تائين ٿورو ساهُ ضرور چڙهي ٿو.
چرچ جي ٻاهران ڪافي گهوڙي گاڏيون بيٺيون هيون، اسپين جي ڪرنسيءَ موجب پنج هزار پسيتا وٺي رهيا هئا، يعني
اسان جا پنج سئو روپيا. انهن گهوڙي گاڏين جا ڪوچوان ٺلها متارا لڳا پيا هئا. اهي ان طرح جون چوچاڪيون گاڏيون
هيون جيڪي راجا مهاراجائن يا هتي ڪنهن قومي تاريخي ڏينهن تي صدر جي سواري لاءِ نڪرندي نظر اينديون آهن.
انهن چوچاڪي گاڏين جي باري ۾ امڙ وقت به وقت ٻُڌائيندا هئا. ڪراچيءَ ۾ سندنُ وٽ گهر ۾ چوچاڪي گاڏي هوندي هئي،
ان چوچاڪي گهوڙي گاڏي جي سير جو مزو به نئين هوندي ماڻيائون، ان کان علاوه ڪراچيءَ ۾ ٽرام جي سُٺي سروس
جي باري ۾ ور ور ڪري ذڪر ڪندا هئا. انهن گهوڙي گاڏين کي اتي ڏسي ڪراچي ۽ سنڌ جا نظارا ور ور ڪري اکين
اڳيان اچي رهيا هئا.

تنهنجي پيار جون پاڙون بيٺل، منهنجي هانوَ ۾ آهن،
ڪيڏيون قرب وندبندڙ هيرون، تنهنجي چانوَ ۾ آهن،
سر تي سايو تنهنجو گهرجي، ٻي ڪا ناهي لوڙ،
پيو تون جيئن شال!
( بردھ سنڌي )

اسان چائينيز ريسٽورينٽ ۾ لنچ ڪري جوس ۽ آئسڪريم کائي تنُ تازو ڪيو. سادي پنجين ڏاري سويجا کي الوداع ڪري
قومي شهارا وارو روڊ ورتو، اڳتي هلي ٿورو چانھ ڪافي پيتي، رات جو سادي ڏهين ڏاري سنڌو دويش کي چڏي ڪالاباسا

طرف رخ ڪيو. ٿڌي هوا لڳي رهي هئي، گهمڻ جي مستيءَ وارو عالم مٿان سنڌ جو هڪُ لطيفو ياد اچي ويو. مون چيو اشوڪ توکي سنڌ جي وڏيري جو هڪُ قصو ٻُڌايان، تو وڏيرن جي لئه جون ڳالهيون ته ٻُڌيون آهن. هڪ وڏيري وٽ وڏو پئسو هو، وڏيرو شونقين هڪ مهاجر اچي پاسو ڏنس ته سائين اوهين فلم ڪيو، وڏيري هامي ڀري، بس پوءِ ته حسينا ۽ دوشيزائن جي لائين لڳي وئي، وڏيرو به هِرُ ٿي ويو. فلم جي شوٽنگ شروع ٿي گروپ ڊانس جو سين هو، ڊائريڪٽر گول دائري جي ليڪ ڪڍي ڊانسرس (رقاصائن) کي چيو ته اوهين ان جي اندر ئي مومينٽ ڪندا پوءِ ان کان ٻاهر نڪري ويندا، جيئن ئي شوٽنگ شروع ٿي، ته ڊانس ڪندي ڪندي ڪا نه ڪا ڇوڪري ليڪي اندر رهجي وڃي هو ور ور ڪري اهي شاٽ وٺي رهيو هو، ڪين ليڪي کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ رن- آئوٽ چئي رهيو هو، هن کي پنهنجي پسند جو شاٽ ئي نه پيو ملي. گهڙي گهڙي ڪٽ ڪٽ ڪري روڪي ڇڏي. وڏيري جي بيزارگي وڌي رهي هئي، هن خارن وچان چيو : وري !......کهڙي رن ليڪي کان ٻاهر وئي... رن- آئوٽ ٻاهر نڪرڻ کي وڏيرو رن

بس منهنجو اهو وڏيري جو لطيفو پورو ڪرڻ اشوڪ جا ٽهڪن مٿان ٽهڪ. مون اڄُ ڏينهن تائين اشوڪ کي ان طرح زوردار ٽهڪ ڏيندي نه ڏٺو. مان به کلان گڏ چوان اشوڪ تون ڊرائيوُ ٿو ڪرين پاڻ سنڀال، کلي کلي اصل پيٽ ۾ سور پئي پوءِ ته ٻنهي چٽن سنڌيءَ جا !!......پيو، چيائين واه! جو وڏيري جو قصو ٻُڌايه، وري کهڙي رن ليڪي کان ٻاهر وئي ٺيٺ لفظ هڪ ٻئي کي ٻُڌائڻُ شروع ڪيا. هن گهر ۾ ڪتا پاليا ڪارو رنگ واريون اصل ڪاريون ڪِٺِ قد جون ٻندريون پاتي ۽ اوُليويا. صبح شام ٻاهر سير لاءِ ته نڪرنديون هيون. الائي جي ڪٿان وري اُنهن جي ڳالهه نڪتي، مون چيو اهي پاتي ۽ اوُليويا ٻئي ڏاڍيون ڇُڙواڳه اٿيئي. هن جي کل بند ئي نه ٿئي. چيائين واه! جو ڇُڙواڳه اکر ٻُڌايو اٿئي، مون کان ته اهو لفظ وسري ويو هو گهر پهچڻ تي هن زال کي چيو اچ واه! جو وينا کلايو آهي. هن جا ٽهڪ ،ماريا کي اسپينش ۾ هن ......ترجمو ڪري ٻُڌايو. اُن رات سنڌ ۽ سنڌ جي وڏيرن جون ڳالهيون ۽ اسان جا ٽهڪ

**( ننڍو ديش وڏا ڪوجنيڪ )واسڪو جو وطن - پورچگال**

(جولائي 1999ع ڇنڇر- آرتوار 11 - 10)

اسان صبح جو اٺين ڌاري گهران نڪتاسين، قومي شهارا جو روڊ نمبر (5) پنجون وٺي هڪُ سئو ويه ڪلوميٽرن جي رفتار سان سفر طئه ڪندي واٽ تي ڪيترن منظرن کي پُٺتي ڇڏيندي منزل طرف وڌڻ لڳاسين. جتان اسين گذري رهيا هئاسين اُهو اسپين جو تيرهون ريجن هو. اسپين ۾ شهارائن تي ڪئي ڪلوميٽرن تان ڪاري رنگه جو وڏو پٿر جو ڍڳو ، مٿي پهاڙين تي اٺين بيٺل نظر ايندو جو هيٺان روڊ تان لنگهندڙ گاڏيون ۽ اسين ڇڻُ رانديڪا پيا لڳون. هيءُ علائقو سخت زمين وارو آهي. جنهنجي ڪري ان کي ائڪسٽريم هارڊ ڪري بيان ڪيو وڃي ٿو. اها راڪي يعني پهاڙي ايراضي ڪري بيان ڪئي وڃي ٿي. ان جو اسٽيٽ باربر اندولسيا آهي. قومي شهارا تان هڪ واٽ تلاويرا جي علائقي مان به گذري ٿي. ان علائقي جون چينيءَ جون پليٽون مشهور آهن. اتي نيري رنگ سان چٽيل پليٽون ائش ٽري يا ان طرح جو ٻين سوکڙين وارو سامانُ، چينيءَ جا ٿانو وغيره مشهور آهن. مئڊرڊ کان 250 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي تاريخي شهرُ ميٽريدا به پوي ٿو. اهو شهر باداخوس کان اڳ پوي ٿو. اسپين جي ڪيترن شهرن ۽ علائقن جي نالن کي پڙهندي سنڌ جي ڇڻُ بروهين جي اکرن .جي ياد پئي اچي. لسبن کي هتان جا ماڻهو لسبوئا چون اتي وري واٽ تي اسپين لاءِ اسپانيا جو لفظ ٻُڌڻ ۾ ايندو

باداخوس جي سرحد ڪانپوءِ پورچوگال جي حد شروع ٿيڻ تي هڪُ اهڙو روڊ آيو، جيڪو قومي شهارا وارو نه پيو لڳي پر ننڍڙو روڊ هو، پريشاني ٿيڻ لڳي ته اسين واٽ ڀُلجي رهيا آهيون. هڪ شخص کان پُڇيوسين ته لسبو وڃڻ وارو کهڙو روڊ آهي. اُن شخص وراڻيو اوهين صحيح روڊ تي آهيو. پورچوگال جي حد اندر داخل ٿيڻ تي، ڪارو ڪوٺ ۽ هيئٹ پهريل .ماڻهوءَ جو شاهي ڪٽ آئوٽ نظر ايندو

ان نالي سان پورچوگال جو مشهور (وائين) شراب آهي. نارٿ ۽ سائوٿ پورچوگال ۾ داخل ٿيڻ کان (Sandeman-Porto) پهرين هڪ وڏي پُل اچي ٿي. ان برج تان لنگهندي تمام سُٺو منظر نظر ايندو، پل جي ساڄي کاٻي پاسي ڪيترا لانچ نظر ايندا. ڪناري تي جهوني دور وارا جهاز لنگر هٽي بيٺا آهن. جيڪي پورچوگال جي سامونڊي جهاز راڻيءَ جي تاريخي بابن جي ياد ڏياري رهيا آهن. اُن وقت هر اُٿندڙ ڇولي ڇڻُ تاريخ جو هڪُ ورق ورائي رهي هئي. واسڪوڊيگاما جي سامونڊي

مُهمن جي سوپن جا باب ذهن نشين ڪرائي رهي هئي. ان پُل تي 25 اپريل انقلاب واري تاريخ جو نالو ڏنو ويو هو. جنهن پُل تان شهر جو خوبصورت ۽ وڻندڙ نظارو روح ۽ اکين کي راحت بخشي رهيو هو، ان کان پهرين هڪ شاهي سنگمرمر جي مورتي ٻئي ٻانهون ڦهلائي شهر طرف مُنهن ڪري بيٺي هئي، ڄڻُ ان علائقي جي ماڻهن کي ٻنهي ٻانهن سان پنهنجي پناهه جي گهيري ۾ رکيو هو...

اتان لنگهڻ ڪانپوءِ اسان سائوٿ طرف رخ ڪيو. واٽ تي هڪ ٻن کان هوٽل جو پتو پُڇيوسين. هوٽل اڳ۾ ئي مئدرڊ کان بُڪ ڪرائي هئي، نيٺ هڪ چيو مان اوهان کي ساڻ هلي ٿو پُهچايان. هن کي ڪار ۾ وهاريوسين هن ٺيڪ آٽي هوٽل جي سامهون بهاريو. اشوڪ هن کي ٽپ ڏني. اشوڪ چيو ڏس نه هيءَ هندوستان پاڪستان کان غريب مُلڪ آهي، تڏهن به هتي ترقي نظر ايندي.

هوٽل ۾ سنانُ پاڻي ۽ آرام ڪري فريش ٿي چانهه پاڻي پي، سي.اين.اين. تي نيوز ٻُڌي سين جو ڪارگل واري جنگ جي نتيجي جو انتظار هو. جنهن ۾ ايران جي شاگردن جي انقلاب ۽ پارت - پاڪ جي ڪارگل واري جنگ جي باري ۾، پارت طرفان ڪاميابيءَ جو داعو ۽ ميان نوازشريف جي ڪلنٽن سان ڪيل اقرار موجب گوريلن کي واپس گهرائڻ جي اعلان واري خبر هئي، ٻئي طرف گوريلن طرفان پُٺتي هٽڻ کان انڪار ڪرڻُ، اُنڪان علاوه آمريڪا ۽ چين جي رانديگراڻين وچ ۾ جوش واري راند جا ڏيک ڏنا ويا. ٻئي ڏهاڙي جڏهن سي.اين.اين. جي نيوز ٻُڌي سين ته چاڻ پئي ته آمريڪي رانديگراڻيون کٽي وئيون. عورتن جي اها چٽاپيٽي امريڪي صدر بِلِ ڪلنٽن خود ڏٺي. عورتن جي راند هجي ۽ ڪلنٽن وقت نه ڪڍي اها ڳالهه پلا ڪيئن ٿيندي...؟ ڪوڙو ئي نه ٿو لڳي!

ها سو ڳالهه ٿئي ڪيم ته اسين هوٽل ۾ ڪجهه دير آرام ڪرڻ ڪانپوءِ ڪار کي هڪ هنڌ پارڪ ڪري پنڌ ۽ سير ڪندي ڪندي، پلازهه وٽ پهتاسين، جتي پيئنٽر پورٽريٽ ڪڍي رهيا هئا ڪيترا ٽوئريسٽ پنهنجا پورٽريٽ تيار ڪرائي رهيا هئا، اُتان ڪجهه ئي فاصلي تي سمُنڊ نظر اچي رهيو هو. اسين سمنڊ جي ڪناري واري پٽ سان گڏ لنگهندي، جتي فئري لاءِ ٽڪيٽون وڪامي رهيون هيون. اتان ڪجهه ئي فاصلي تي ميوزيم هئي، اسان اُتان گهمندي روڊ ڪراس ڪندي گفٽ آئيٽم ڏسندي هڪ اسٽريٽ وٽ آياسين جتي هڪُ سردار بيٺو هو، اُن کان انڊين ريسٽورينٽ جي باري ۾ پُڇيوسين، جنهن اسان کي هريانا ۽ دهلي هوٽل جو ڏسُ ڏنو. اُتي جيڪي چوڪرا بيٺا هئا تن مان هڪ سردار کي چيو ته تنهنجي ڪزن جي هوٽل آهي نه تون هنن کي وٺي وڃ. هن اسان کي هوٽل جي اڳيان هلي ڇڏيو. هيءُ نوجوان چوڪرو جرمنيءَ مان هتي پورچوگال ڇئن سالن کان وٺي رهي رهيو هو جيڪو پنجاب جي هڪ ڳوٺ مان هتي آيو هو. هن اسان کان پُڇيو توهين ڪٿان آيا آهيو، مون چيو دهليءَ مان، هن سوال ڪيو ڪڏهن آيا آهيو، مون وراڻيو مهينو ڪنُ ٿيو آهي. هڪدم ڪارگل جي جنگ جي باري ۾ پُڇيائين. هن وقت ڪهڙي پوزيشن آهي. مون وراڻيو، هندوستان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، ان تي نوجوان چيو هندوستان کي گهُرجي ته پاڪستان سان هڪ هڪاٽي ڪري. هاڻي هميشـه جي لاءِ فيصلو ٿيڻ گُهرجي، روز جي پريشاني ٿي پئي آهي سندس ڳالهائڻ مان صاف ظاهر هو ته پارت چاهي پارت کان ٻاهر رهندڙ ڪيترا انسان هڪ هڪاٽي چاهين ٿا.

اسان ان هوٽل مان ڊنر ڪائي ٻاهر اچي ٽيڪسي ورتي، رات جو ساڍي يارهين ڌاري مندر پهتاسين. دير ٿيڻ ڪري مندر بند ٿي چُڪو هو. مندر ۾ هڪُ گجراتي نوجوان مليو تنهن چيو صبح جو آرتيءَ تي ايندا. ڳالهين ڳالهين دوران هن ٻُڌايو ته هو ويجهڙائيءَ ۾ موزيمبق مان آيو آهي. پورچوگال ان ٻئنڪ کي ڇڏيندي اُتي جي گجراتي سماج ۽ ٻين کي پورچوگال اچڻ جي نينڊ ڏني. ڪيترا لڏي اتي ويجهڙائيءَ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. هن پنهنجو ڪارڊ اشوڪ کي ڏنو. هو اليڪٽرانڪ ۽ واچن وغيره جو بزنيس ڪري رهيو هو. هن سان گڏ ڪار ۾ سندس ماءُ به هئي جنهن سان اسان جو تعارف ڪرايو. چيائين مان توهان کي هوٽل ۾ ڇڏي ٿو اچان. اسان کي هوٽل تائين پهچائي پوءِ گهر طرف روانو ٿيو.

صبح جو تيار ٿي مندر ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو. اشوڪ چيو نيرن ڪري هلون! مون چيو مان نه ڪندس مان مندر ۾ نيراني ويندس. مندر ۾ درشن ڪري نڪتاسين ته رات جيڪو مئنيجر مليو هو تنهن اسان کي مندر جي رنڌڻي (ڪچن) ۽ ٻين حصن کي ڏيکارڻ ۾ رهنمائي ڪئي. تمام وڏو اليڪٽرانڪ جو پريشرڪوڪر هو جيڪو هن ٻُڌايو لنڊن مان خاص پنڊاري لاءِ گهرايو آهي. اندر شاهي ڪچن هو، ٻيا جيڪي بلاڪ ٺهن پيا تن جي باري ۾ به چاڻ ڏني. مندر جو پلاٽ تمام ئي وڏو هو جيڪو پورچوگال سرڪار کين ڏنو هو. مئدرڊ ۾ مون ٽي.وي. تي ان جو اُدگهاٽن ڪندي اُتي جي صدر کي ڏنو هو. گجراتي سماج جي طرفان پومي پوڄا ڪندي ڏسي اُن ڏينهن دل ۾ تمنا جاڳي ڪاش! مان پورچوگال جو اهو مندر ڏسي سگهان

مونکي خبر ڪا نه هئي ته ايشور منهنجي تمنا ايترو جلد پوري ڪندو. اُن ڏينهن هڪُ گهوٽ ڪنوار ڪي اُتي مندر ۾ پيري جتي جتي ويا آهن اُتي پنهنجي ڪلچر ڪي زندهه .پوائڻ وٺي آيا. گجراتي سماج دنيا جي الڳ الڳ حصن ۾ وچي آباد ٿيا آهن رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مونکي ته سچ پچ انهن جي ڪيترن ڪمن تي فخر ٿيندو آهي. جنهن جو اکين ڏٺو مثال منهنجي اڳيان ڪراچيءَ جو سوامي نارائڻ مندر آهي. اڄ جيڪي اُتي رهن ٿا تن اُن جي سارسنڀال ۽ مينٽينس ايترو سُٺو نه ڪيو آهي.

پورچوگال جي ان مندر جي اڏاوت جو ڪمُ اڃان هلي پيو. ان مندر جي ٻاهران، هڪ وڏي ڪاري پٿر جي پارڪ ۾ مورتي آهي جنهن جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان ۾ مهاتما گانڌيءَ سان گڏ ڪستوربا گانڌي به ساڻُ آهي. جڏهنڪه اڄُ ڏينهن تائين گانڌيجيءَ کي اڪيلوئي ڏيکاريو ويندو آهي. ان ڳالهه طرف رات جيڪو گجراتي مليو هو تنهن خاص ڪري اسان جو اُن طرف ڌيانُ ڇڪايو. اهو به چيائين ته مورتيءَ جي پٺ روڊ طرف آهي. پهرين اسان کي عجب لڳو ته مين روڊ تي پارڪ ۾ مورتي لڳائي وئي آهي. مهاتما گانڌي ۽ ڪستوربا جي پُٺ آهي، پر پوءِ اُن پُٺيان مقصد جي ڄاڻ پئي ته سُٺو لڳو. ان ۾ ٻنهي کي مندر طرف قدم وڌائيندي درشن ڪرڻ جي پاونا سان ڏيکاريو ويو آهي. اُن مهل هلڪي بوندا باندي ٿي رهي هئي. اسان .اُن منظر کي پنهنجي ڪئمرا ۾ قيد ڪيو

مندر مان درشن ڪري خريداريءَ لاءِ شاپنگ سينٽر جو رخ ڪيو جيڪو مندر جي سامهون ئي هو. تمام سُٺي جڳهه تي مندر جو وڏو شاهي پلاٽ پورچوگال سرڪار کين ڏنو آهي، جتان ڪجهه شرٽس وغيره سيني لاءِ خريد ڪيون سين. ننڍو ديش .پورچوگال جي ڪرنسي اسپين جي سڪي جي پيٽ ۾ سستي آهي. مالي طور پورچوگال سگهارو مُلڪ نه آهي ع تي ايستوريل روانا ٿياسين. اهو علائقو 11.7.1999وڏا کوجنيڪ. شاپنگ کانپوءِ هوٽل مان چيڪ آئوٽ ڪري آرتوار سُٺن رهائشي گاهن ڪري مشهور آهي. اسين صبح جو اُتي هئاسين، پر رات جو اُتي ڪسينو ۾ موج مچندي آهي. اسان جهڙن صوفين لاءِ اها جاءِ ممنون..... پر منهنجي جڳهه تي ڪو پيو هجي ها ته اشوڪ کي دعائون ڏئي ها ته قرب ڪر رات اتي ئي رهون. اُتي ڏينهن جو ننڍ ته رات جاڳندي آهي. حسينائون ۽ دوشيزائون ڪسينو ۾ رات جو ئي جلوه افروز ٿينديون آهن. عام انسانن جي زندگيءَ کان الڳ ٿلڳ دنيا. ڪسينو انسترول کان اڳتي وڌي اسان ڪار هڪ بئنڪ جي اڳيان .پارڪ ڪئي

روڊ جي ٻنهي طرف کجيءَ جي وڻن جون قطارون، انهن جي وچان وچ سمنڊ طرف ويندڙ واٽ، جا سمنڊ جي ڪناري تي وڃي چوڙ ڪري ٿي. جيئن جيئن اڳتي قدم وڌي رهيا هئا تيئن تيئن سيلانين جي پيڙ، ريسٽورينٽ ۽ گفٽ شاپ جي موجودگي...... اسان روڊ ڪراس ڪري بيچ تي پهتاسين. ساحل جي ڪناري هر طرف سوئمنگ ڪاسٽيوم ۾ ڪي...... ٻار بيچ تي راند ڪري رهيا هئا ته ڪي ڏُبيون ڏيئي رهيا .اونڌهين مُنهن ته ڪي سڌيون واريءَ تي مرد زالون سَتا پيا هئا هئا. انسانن جا ميڙاڪا ئي ميڙاڪا هئا. اسان اگر ننڍي هوندي واريءَ ۾ راند ڪندا هئاسين يا هڪ ٻئي جي وارن ۾ واري وجهندا هئاسين ته موجڙا پوندا هئا. چريا آهيو ڇا واريءَ ۾ گڏهن جيان ليٽڙيون پائي آيا آهيو. پر هتي ته هڪ به نه پر گهوڙيءَ کي ئي گهمرو هو. واريءَ تي ساحل ڪناري آدم جي پيڙ جا منظر اولهه ۾ اسان کي عام جام نظر ايندا. انهن جي هاليڊي ملاهڻ جو هڪُ اهم حصو آهي. هتي اسين سائوٿ ۾ گوئا ۽ ٻين بيچن تي هاليڊي لاءِ وڃون پر ساموندي ڪنارن ۽ .ٿڌي هير کي ماڻڻ جو انداز اسان جو پنهنجو آهي

اشوڪ سوئمنگ ڪاسٽيوم پائي پورچوگال جي ان بيچ تي پنهنجي سوئمنگ جي ڪوتا پوري ڪئي. مان پري کان ٻهي نظارو ڏٺو، هن چيو گهٽ ۾ گهٽ پير ته پُسائي. مان مڙيئي سُگِهن ڪيو. هيءُ بيچ ايترو صاف نه هو جيترو اسپين جو. ان انسترول جي واٽ تي .کان اڳ اسان جون لنڊن ۾ رهندڙ ڪزنس اُما جيٽلي ۽ وينا جيٽلي اشوڪ سان اچي چُڪيون هيون ڪاشڪائي نالي علائقو پوي ٿو. ان علائقي ۾ ڪيتريون ئي مشهور معاروف هستيون رهي چُڪيون آهن. اسپين جي ڪنگ .جو پيءُ، جنهن کي فرنڪو قبول نه ڪيو هو. جنهن جا فرنڪو سان اختلاف هئا، اُن اُتي اچي پناهه ورتي هئي

اسان ساموندي ڪناري کان ڪار ذريعي ٽاور آف بيلم وٽ پهتاسين. اهو ٽاور سمنڊ ڪناري کان ٿورو اڳيرو پاڻيءَ ۾ ٺهيل آهي. لوهي پُل جي سهاري اسين اُن ٽاور تائين پهتاسين. جا پُل انگريزيءَ جي لفظ ايل جي اُبتي آڪار واري هئي. ان جي ويڪر ئي فُٽ کن مس هئي لنگهڻ وقت پاڻيءَ جون چوليون اُچلون ڏيئي قدم چُمي رهيون هيون. جڏهن پُل تان لنگهي ٽاور ۾ اندر داخل ٿياسين ته ٽاور اندر چئني طرف ننڍيون دريون هيون، جن جي پرسان توبون رکيل هيون. جنهن جو مقصد هو پورچوگال جي ساموندي حدن اندر دشمنن جي داخل ٿيڻ تي يا حملاآورن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ اُنهن مٿان

توبن جا وسڪارا. ان ٿاور جي 14 اپريل 1846ع تي مرمت ڪرائي وئي هئي. اسان مٿي ٿئين ماڙي تائين وياسين، مٿي
.تمام ئي سوڙهو لنگهه هو. هڪ مهل هڪُ ئي ماڻهو لنگهي ٿئي سگهيو. اگر ڪو ٻيو اچي پيو ته پوءِ ڦلهي گس پئي ٿي
اتان ٿي ڪجهه ئي فاصلي تي سمنڊ ڪناري تي ڊسڪئوريز جو مونومينٽ هو. ڳولهي لهندڙن جو يادگار. جن پورچوگيز
ڪوجنائون ڪيون تن جي ياد ۾ اڇي رنگ جو اهو يادگار هو. جن تي ڪوجنيڪن جا چهرا اُڪريل آهن تمام ئي خوبصورت
ان ڪان ٿورو پري سامهون 25 اپريل جي انقلابي برج نظر اچي رهي هئي. وڻن جون قطارون... ٻئي پر .لڳي رهيو هو
ڳوڻاٽين آبادين جو منظر... سمنڊ تي سير ۽ آمدرفت ڪندڙ ٻيڙين جا نظارا. ٿڌين هوائن جا جهوٽا ذهن جي درين جي تاڪن
ڪي کوليندي حيراني ۽ راحت جو احساسُ ڏياري رهيا هئا. عجيب ڪيفيت هئي، ڪيترو ننڍڙو مُلڪ جنهن جي رهواسين
دنيا جي ڪيترن مُلڪن ڪي پنهنجي هٿ وس ڪري اُنهن ڪي پنهنجون ڪالونيون (بئنڪون) بڻائي پنهنجا جهنڊا
ڦهرائي...... قبضي ۾ ڪيل ڪالونين جي قدرتي وسيلن ڪي مال غنيمت سمجهي پئي لٽيو. انگولا، موزمبق، گوئا، دمن ديو
ٻيو ته برازيل جهڙي وڏي سائوٿ آمريڪي مُلڪ ڪي پنهنجي بئنڪ، ڪالوني بڻائي ڇڏيو. هانگ ڪانگ پرسان مڪائو ۽
هاڻي تمور خبرن جو مرڪز بڻيل آهن. ننڍي ڪنڊ جا ماڻهو واسڪوڊيگاما جي نالي ڪان بخوبي واقف آهن. آمريڪا جي ڪوج
ڪندڙ ڪرسٽو-بال-ڪولن جي ته دنيا واسين ڪي ڄاڻ آهي. اسپين ۾ جولائي مهيني ۾ آءِ-ايس-جوهر جون فلمون ٽي.وي. تي
ائنڊ - گوئا به شامل هئي. ان فلم جو هڪُ مقبول گيت آهي نه ڪوئي رها هئه نه - ڏيڪاريون ويون، جنهن ۾ جوهر ۽ محمود
ڪوئي رهيگا...... نه سالازار رهئه گا...... بيشڪ گوئا دمن ديو مان پورچوگيز ڪي هڪالي ڪڍيو ويو پر هتي هڪ
.ڳالهه ضرور چوندس ته ننڍڙي مُلڪ پورچوگيز جي ڪوجنائون ڪندڙ ڪٿي ڪٿي وڃي پهتا
گوئا جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اُها ڀڳوان پرسرام جي مقدس سرزمين آهي، ان تي 1510ع ۾ پورچوگيز قبضو ڪيو، ۽
ع ۾ گوئا، دمن، ديوو ڪي پورچوگيز جي چمبي مان ڀارتي فوجن آزادي 1961 .چار سئو ايڪونجاهه سال (451) راڄ ڪيو
ان ڪي 1987ع ۾ اسٽيٽ جو درجو عطا ٿيو. اتي سٺ سيڪڙو هندو آهن، پنجٽيهه سيڪڙو ڪن ڪئٿولڪ ڪرستان .ڏياري
۽ باقي ٻيون جاتيون آهن. نارٿ ۽ سائوٿ گوئا ڳنڍيا پيا آهن. اتي مانڊوي ندي ۽ ٻيون نديون به آهن. گوئا تي پورچوگيز جو
اثر اڄُ به نظر ايندو ڪيترا گوئا واسي اڄُ به پورچوگيز ٻولي ڳالهائي ڄاڻن. اسپين ڪان واپس ورڻ تي مان ۽ سوزانا گوئا
وياسين، هوٽل اندر داخل ٿيڻ تي پورچوگيز جون نشانيون ۽ اسٽائيل برابر نظر اچي ٿي، مونکي پورچوگال جو سفر ياد اچي
مان سوزانا ڪي گوئا جي .هتي پورچوگال جي سفر جو ذڪر ڪندي مان گوئا ڪي نظرانداز نه ٿي ڪري سگهان .ويو
ريڊيو اسٽيشن گهمائڻ وٺي ويس، جتي جي اسٽيشن ڊائريڪٽر اسان ڪي چانهه پاڻي پياري، پورچوگيز جي باري ۾ ٻُڌايو ۽ اُتي
جي اسٽاف جا ڪيترا ميمبر پورچوگيز ٻولي ڳالهاين پيا، جو اُتان ڪونڪوني ۽ پورچوگيز جي ٻوليءَ ۾ باقاعدي 1961ع
تائين نشريات ٿيندي رهي. مانڊوي نديءَ تي شام جو سير، فئبروريءَ ۾ ڪارنيوال جا جشن، ڊسمبر ۾ ڪرسمس، اُن موقعي
تي گيت سنگيت تي انهن جو اثر اڄُ به نظر ايندو. اتي 90 سيڪڙو ته برجس نظر ايندين، ڊوناپولا برج ٻئي طرف وهندڙ
نديءَ ۽ پُل جي باري ۾ ٻُڌايو ويو ته پورچوگيز جي دؤر دوران پورچوگيز وائسراءِ جي ڌيءَ جو هڪ مڪاني ڇوڪري
سان عشق ٿي پيو. جنهن ڪي نينهه جو ناتو نڀائڻ لاءِ روڪيو ويو ۽ هُن ۽ هُن جي محبوب اتي ٽپو ڏيئي آپگهات ڪيو. ان
لورس برج تي ڪئي پريمي زندگي پر ساٿ نڀائڻ جا انجام اقرار ڪندا آهن، ڪن جا واعدا وفا ٿيندا آهن ته ڪن جا......
ڪئي عشق محبت جا قصا ٻُڌڻ لاءِ ملندا. ان جي راڄڌاني پنجي آهي. اتي چار سئو ايڪونجاهه (451) ڳوٺ آهن. هڪ سئو
ع ۾ جهونو پورٽ اگوئداس ٺاهيو هو. اتي انهن طرفان هڪُ 1612پنج (105) ڪوسٽ لائينس ڪنارا آهن. پورچوگيز
.لائيٽ هائوس ٺاهيو ويو، جتان اهي پنهنجي دشمنن جي ايندڙ جهازن يا ٻي ڇُرپُرن تي نظر رکي سگهن
منگيشڪر مندر ڪان پهرين گوئا جي قديم .گوئا ۾ منگيشڪر ٽيمپُل (مندر) آهي. اهو منگيشڪر ڀڳوان شو جو ڀڳت هو
چرچ آهي. اتي زرعي مرڪز به آهي. سينٽ زيويئر جو ڪفن ۾ خاڪي جسم رکيل آهي، جيڪو مان پائيان ٿي ڏهين ڏهين
سال ڪانپوءِ ڪڍيو ويندو آهي. دنيا جي مُلڪن جا ڪئي شرڌالو اچي گڏ ٿيندا آهن. ان ديول جي باري ۾ چيو وڃي ٿو
1541ع ۾ شروع ٿي 1605ع ۾ پوري ٿي. هڪ واري سينٽ زيويئر جو تابوت ٻاهر ڪڍيو ويو هو ته هڪ عورت اُن جي
پير جي آڱوٺي ڪي چڪُ پاتو جنهن مان رتُ وهڻ لڳو اُن ڪانپوءِ اُن جي لاش ڪي ڪفن جي باڪس ۾ بند ڪري ڪڍيو
ويندو آهي. هيترن سالن گذرڻ بعد به اُتي وارن جو چوڻُ آهي، هن جو لاش ۽ صورت اصلي روپ ۾ برقرار آهن. اُنهن جو
چوڻ آهي ته ان مها پُرش جي لاش ڪي اصلي صورت ۾ بچائي رکڻ لاءِ ڪو به ڪيميڪل استعمال نه ڪيو ويو آهي.

جيڪو قدرتي ڪرشمو آهي.
پورچوگال ۾ سالازار جي گذاري وڃڻ کانپوءِ انقلاب آيو ۽ ان جو سچو هٿ هو ڪائتانو، جيڪو پورچوگال جو مشهور وڪيل هو، جنهن لا (قانون) جي پروفيسر طور ڪمُ ڪيو. هن کي جلاوطن ٿيڻو پيو. جيئن ته برازيل انهن جي ڪالوني هئي انڪري برازيل ۾ ان کي پناهہ ڏني وئي. هُن اُتي ئي دم توڙيو، آخري ساهُ کنيو. هن وقت سوشلسٽ وزيريه ـ اعظم آهي ۽ ٻي ڌُر جو صدر آهي، جنهن جا پورچوگال ۾ اصلُ ٿيپي ٿيپي تي فوٽا لڳا پيا آهن.
ها مون ذڪر پئي ڪيو ڪوجنا ڪندڙن جي يادگار جو، ان اڇي رنگ جي يادگار تي ٻنهي پاسي ڊسڪوريز ڪندڙن جون مورتيون آهن. پهرين جي هٿ ۾ ٻيڙي آهي. ان يادگار جي وچم لنگهُ آهي جتي 1960 - 1460 جي تاريخ اُڪريل آهي. سنترا پئلس ۽ ٻيون ڪيتريون گهمڻ جو جڳهيون آهن. اتي جا ماڻهو سي-فوڊ گهڻو واپرائيندا آهن. اتي جي چرچ به مشهور آهي.

**پـاردو ميـوزم**

( جولائي 1999 13 )

اڄُ ڪانتيش سان گڏ پاردو ميوزم ڏسڻ جو پروگرام هو. مون اشوڪ کي چيو مان هفعتو کن ڪانتيش وٽ وڃي رهان ٿي. مان هن جي آفيس وڃڻ کانپوءِ ٽي.وي. کولي ته پاڪستاني گيت اچي رهيا هئا. هڪڙو گيت مڙيئي هو ٻيو آيو ته نڪ چپ موڙيندي چيم هيءُ پارتي هندي فلمن جي ڪاپي ته ڪن ٿا، پر اڃان دلي دور است...... هيرو هيروئن هڪُ رومينٽڪ گيت ڳائي رهيا هئا هيرو هڪ طرف ته هيروئن ٻئي طرف اصل ٽن فُٽن جي فاصلي تي نچي رهيا هئا... ٻئي طرف باليوُڊ ۾ آ...! جهپيان جهپيان پالئيه هم!! اکيون ڪي پيچ لڙائين هم...!!! پاڪستاني هيرو اگر هيروئن جي چهري تان زلفون هٽائيندو ته مُلان مار ڏيندس. مان ٻنهي فلمي صنعتن جي پيٽ ڪري رهي هيس ٺيڪ اُن وقت پاڪستاني گيتن جي ڏسو نه ماڻهو چوندا آهن ته پاڪستاني گيت عالمي معيار جا نه آهن، هيءُ گيت -:ڪمپيئرنگ ڪندڙ ميزبان خاتون چيو ڏسو ٽاپ ٽين جي قطار ۾ اڄُ به پنهنجي پوزيشن برقرار رکيون پيو اچي. جنهن لاءِ وڏي تعداد ۾ فرمائش آئي آهي. هيءُ گيت ڪمپيئر جي ان اظهار تي منهنجا ڪن کڙا ٿيا ٻُڌان ته ڪهڙو گيت آهي اکيون ٽي.وي. .بيحد مقبول آهي وغيره وغيره اسڪرين تي کُپي ويون. برفيلي واديءَ ۾ چوڪرين جي گروپ روماني انداز ۾ گيت جي شروعات ڪئي. گيت جا ٻول هئا؛ هو سڪي تو ميرا ايڪ ڪام ڪرو، شام ڪا اِڪ پهر ميري نام ڪرو...... ان سِٽ منهنجي آڏو ماضيءَ جا ڪئي منظر ع ۾ دهليءَ ۾ ڊاڪٽر سُليمان شيخ آيا هئا، جن ٻُڌايو ته هو پاڪستاني رانديگر عمران خان جي لاهور 1998 .آٽي چڙهيا واري ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ويو هو اُتي نوجوان سنڌي شاعر جو گيت اڙدو ۾ ٽرانسڪرائيب ٿيل هلي رهيو هو جيڪو ٻُڌي کين ڏاڍو سُٺو لڳو. سنڌيءَ ۾ ته اهو گيت منهنجو ٻُڌل هو شام جو هيءُ پهر...... پر مئدرڊ ۾ هيءُ گيت اُڙدوءَ ۾ ٻُڌي مونکي 1998ع ڪراچي سچل ڪانفرنس جي ياد اچي وئي، اکين آڏو ڪئي منظر رقص ڪرڻ لڳا...... اڄُ جڏهن اُڙدوءَ ۾ هيرو جي واتان سنڌي شاعر جو اهو گيتُ......
هو سڪي تو ميرا ايڪ ڪام ڪرو،
شام ڪا اِڪ پهر ميري نام ڪرو......
ميري جذبات ڪا احترام ڪرو......
هن گيت دوران ماضيءَ جا خوشگوار پل رنگ برنگي گلن جي سُنهن تي پوپٽن جيان مستيءَ ۾ جهومي اُٿيا. ڪن پل ۾ منهنجي ميڊيائي تخليقڪار من پنهنجي ڪلپنا سان ويڊيو فلم تيار ڪري ورتي...... مان لهندڙ سج جي لاليءَ واري حسين هيڊلائينس منهنجي -دلڪش وادين جي منظر ۾ ڪوئجي ويس ڪيترو وقت گذري ويو ڪل ئي ڪانه پئي، اوچتو نيوز دلڪش خيالن کي ٽوڙيندي هند-پاڪ جي ڪارگل واري جنگ طرف توجه مرڪز ڪرائي ماضيءَ جي خوشگوار يادين جي نازڪ زنجيرن جي ڪڙين مان پاڻ کي آزاد ڪندي، ايندڙ پيڙهين جي عداوتي ماحول ۾ جيئڻ واري دل دهلائيندڙ تصور خوفزده ڪري ڇڏيو. انسانيت کي امن جي پناهہ ڏئي...... امن جي اوُسيئڙي ۾ اکيون ٽڪجي پيون آهن. پروردگار نفرتن کان نجات ڏئي، ائٽمي بارود جي

دوزق کان جهانِ - عالم کي بچائي هن ڪائنات کي
! بهشت بڻاءِ

مان پنهنجو پاڻ سان گفتگو ڪرڻ لڳس. تنهائيءَ مونکي سوچن جي خوراڪ سان ڀرِ ڇڏيو. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ٽي.وي. تي ويجيٽيرين سُوپ جي باري ۾ خانا خزانا تحت چاڻ ڏني پئي وئي. مان ڪائڻ جي .ذائقي جي سفر جو سلسلو شروع ٿيو معاملي ۾ سڀ کان پُٺتي آهيان. جڏهن هن چيو هيءُ تمام سولو آهي مان يڪدم پنو ۽ پين ڪنئين. انٽيلين سُوپ جا ڪجھ اسم لکڻ ڪانپوءِ جڏهن واري آئي ناهڻ جي ترڪيب جي ته دروازي جي گهنٽي وڳي، منهنجو سلسلو ٽُٽو، ٻاهر ڪانتيش بيٺو .هو. سُوپ سکڻ کي تلانجلي ڏيئي، ميوزيم کي ترجيح ڏني

اسين پاردو ميوزيم ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. ميوزيم جا ٻه گيٽ ٽڪيٽ لاءِ کولي رکيا هئائون. تيرهين جولائي 1999 منجهند جو هِڪ بجي ڏاري اندر داخل ٿياسين، هر هڪ جي ٽڪيٽ 500 پسيتا هئي. جنهن گيٽ وٽ اسين هئاسين اُن جي اڳيان ڪاري رنگ جي پينٽر جي پٿر جي مورتي هئي. سندس هٿ ۾ برش ۽ رنگن جي پليٽ ڏيکاريل هئي. ٻئي گيٽ وٽ جن پينٽرس جون پيئنٽنگس اندر موجود هيون تن جا نالا ڏنل هئا. گريڪو، گويا، مُوريجو، رويرا وغيره. ان ميوزيم اندر مِڊيويل صدي اِٽلين اسڪول (15-16 (16 - دورجون اسپينش جون پيئنٽنگس، گريڪو، جرمن اسڪول، فليمش اسڪول (15 صدي) ڪلاسيڪل رينيسنس ۽ 17 صديءَ جي ڊچ اسڪول جون موجود هيون. اندر داخل ٿيڻ تي خوبصورت رنگن جي ميل واري شاهي پيئنٽنگ ڏسي منُ ٺري پيو. جنهن ۾ انساني چهرن جا تاثرات ائين هئا ڄڻُ پيئنٽنگ نه بلڪه جذباتن سان سرشار زنده انسانن جي صحبت ۾ آهيون. جڏهن بُت تراشيءَ واري هال ۾ داخل ٿياسين اُتي آدم قد کان وڌن شاهي بُتن کي ڏسي، اهو احساسُ ٿيو ته اُن دور جا ماڻهو قداور جسم جا جانٺا روئنش سُٺا ،نڪ چهنبدار ،منهنُ چئوڙو، ڪنهن جا به ڦٽل انهن جا .مُنهن يا نڪُ نظر نه آيو. وار گهنڊيدار، وڏيون نوُڪون رکيل هيون، ته ڪِن جي وري ڏاڙهي هئي. جسم اُگهاڙا قد بُت ڏسي، اڄ جي دور جي انسانن طرف ڌيانُ ويو. اڄُ جي انسانن جا قد بُت وچن ٿا سُڪڙجندا. اِن ميوزيم ۾ ڪن عورتن جا مُجسما به هئا، جن جا چهرا ۽ نقش وڻندڙ. مُجسمن واري هال ۾ جڏهن اُگهاڙن جسم وارن مردن جي مُجسمن کي ڏٺم ته، امڙ جو هڪُ جهونو جملو ياد اچي ويو. ننڍي هوندي پائر جڏهن ڇڍي(نڪر) پنهنجو پاڻ پائڻ تي ضد ڪندا هئا ته امڙ چڙي چڙيندي هين، پوءِ نِڪر پائڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن بئلنس هيٺ مٿي ٿيڻ وقت اُگهاڙا ٿي پوندا هئا ته امڙ حياءُ جو پوندبو هٽندي چوندي هين، پُٽ جڏهن اُٺ اُگهاڙا گهُمن ٿا ته اوهانکي ڪهڙو مهٽو، شرم وچان جلدي نڪر مٿي کسڪائي وٺندا هئا. مون ڪانتيش کي چيو توکي مميءَ جو اُهو جملو ياد آهي نه؟ هن چيو ها! ميوزيم ۾ مردن جي اُگهاڙن بُتن کي ڏسي چيو جڏهن اُٺ اُگهاڙا گهمن ٿا ته پوءِ هنن کي ڪهڙو مهٽُو. ٻئي طرف عورتن جي جسم تي چادر هئي پر اُها ان طرح جو اڌ ڇاتي .ساڳيءَ طرح پيئنٽنگ ۾ به هو .ڍڪيل اڌُ اُگهاڙي

اتي ميوزيم ۾ مئڊرڊ شهر جي ماضيءَ .اڄُ کان پنجويهه سال اڳ مئڊرڊ جو روپ رنگ پيو هو. هاڻي ڪافي ترقي ٿي آهي جي هِڪ پيئنٽنگ هئي جنهن ۾ هڪ ڳوٺ مثل پئي لڳو. پيئنٽنگ واري سيڪشن ۾ عيسيٰ مسيح جي زندگي ۽ صليب تي لٽڪائڻ واريون ڪئي پيئنٽنگس، مدر ميري پنهنجي پُٽ کي پيار ۽ پاٻوه وچان سيني سان لڳايون ويٺي آهي. عيسائين جي مذهبي زندگيءَ جون جهلڪيون. هڪ ۾ غير عيسائيءَ کي عيسائي مذهب تسليم ڪرڻ واري رسم ادا ڪندي ڏيکاريو ويو اسلام(مسلمان) ۽ عيسائي پنهنجي مذهب کي ڦهلائڻ لاءِ زور شور سان لڳل آهن، هڪُ ڏنڊي جي زور تي ته ٻيو شيوا .آهي سُڌار جي ناءُ تي، ننڍي کنڊ ۾ مذهب جي ناءُ تي - ٽونيشن ٿيوريءَ جي آڌار تي ورهاڱي ڪرڻ جي باوجود من کي اجان شانتي نه آهي. مون ان ڳالھ تي افسوس پئي ظاهر ڪيو ته هڪُ جملو ٻُڌڻ وٺان مليو جنهن منهنجا ڪن ڪڙا ڪري ڇڏيا. !...اگر ٽئين مهاڀاري جنگ لڳي ته اُها مُسلمانن ۽ عيسائين وچ ۾ لڳندي

ٻارن کي لاٺون راند ڪندي .هڪ تمام تمام ٿلهي چوڪريءَ ۽ هڪ چامري جي پيئنٽنگ توجه مرڪز ڪرائيندڙ هئي ڏيکاريو ويو هو ته هڪ ٻئي ٻار کي گهور ڪندي ڏيکاريو ويو هو. هڪ پيئنٽنگ ۾ اسٽيڊيم ۾ گهوڙن جي داخل ٿيندڙ قطار ۽ اسٽيڊيم جي چئني طرف تماشبينن جو منظر، جنهن ۾ هڪ عورت جي ان ۾ دلچسپي گهٽ وارو موڊ ڏيکاريو ويو هوءَ زندگيءَ جي هر پهلوءَ جا چٽر چٽيل هئا، ڪن ڪن تصويرن جا فريم .پنهنجي ٻار سان ۽ ڪائڻ پيئڻ ۾ مست ڏيکاري وئي پندرهن کان ويھ ڦٽن جا هئا، جي تمام ڪشش ڪندڙ ۽ ڪلا پريمن جو ڌيان ڇڪائي رهيا هئا. ڪن پيئنٽنگ ۾ ڏاڍُ ۽ ڏمر ته ڪن ۾ عورتن کي زوريءَ ڪٽڻُ ۽ لچ لُٽڻ، امير جو غريب تي حاوي پوڻ جا چٽر چٽيل هئا. هڪ طرف پئينٽر جي اسٽوڊيو

جو ڏيکهُ ته ٻئي طرف، لوهار جي پيشي جي منظر ڪشي، شڪاريءَ جو شڪار هٿُ ڪري ناٺ سان پنهنجي شريڪي حيات سان گڏ شڪار جو چشڪو ماڻڻ، شڪاريءَ جي گهر ۾ طرح طرح جي شڪار ڪيل جانورن جي موجودگيءَ وارو چترُ. پاردو ميوزم ۾ انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي سچائي جو بيان جهلڪي رهيو هو. هڪ ۾ زندگيءَ جي هن ڏرتيءَ تي اکه پٽڻ يعني ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين جي چڪر جي ڪڙي هئي، ٻالپڻ اُن کانپوءِ جوانيءَ جي جنون ۾ نازنين ۽ مست بهارون اُن کانپوءِ وقت جي چڪيءَ جي چڪر ۾ پيسجندڙ ٻُڍاپي جو روپ انت ۾ خوفناڪ موت جي چاٺنٺ تي انساني ان طرح اسان جي ٻه شاسترن ۾ ۽ جئنين جي مندرن ۾ ٻه سنساري چڪر شروع ٿيڻ کان آخر تائين جي ......ڪنگال ڊانچو ڪڙي نظر ايندي.

هڪ تمام ئي خوبصورت ميز هئي. چئن شينهن جي پاون تي بيٺل، رنگ برنگي ڊزائين مٿان قيمتي ٻُڙا جُڙيل هئا، سُنهري نيري ۽ پيلي رنگن جي سنگم سان گول ۽ چڪنڊن واري آقار جون ڊزائينون. نهايت ئي سليقي ۽ حفاظت سان اُن جي اصلي روپ کي برقرار رکيو ويو هو. اسان وٽ ان طرح حفاظت سان رکڻ وارو ڪمُ ڏکيو مرحلو آهي. اسين پنهنجي ورثي طرف خبر ناهي ڇو ايڏا لاپرواهه آهيون؟ هتي ٿوريون گهڻيون راجائن مهاراجائن جي محلن جي ميوزم ۾ نظر ايندي. ايڏي وڏي تعداد ۾ پيئنٽنگ ڪنهن هڪ ميوزم ۾ اسانکي ڏسڻ وٺان گهٽ ملنديون. هندوستان ۾ ان ڪلا کي ايتري ترقي نه ڏياري وئي آهي جيترو ان فن يورپ ۾ ترقي ڪئي آهي.

ميوزيم ڏسي گهر اچڻ کانپوءِ نائين بجي ڪانتيش چيو هل ته سگيووئيا ڏسي اچون. اتي 9 بجا شام پئي لڳندي. هيءَ اسپين جي هڪ ٻي پراوينس آهي. الڪورون مان اٽڪل 95 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. اسين سوا نائين ڌاري نڪتاسين ۽ نئشنل هاءِوي وٽ پهتاسين، سگووئيا واري روڊ تي هڪ وڏو ٽنل (سُرنگ) آهي گوادرراما، تقريبا ساڍا ٽي ڪلوميٽر ڊگهي جنهن اندران لنگهندي ساهُ اصلُ مُٺ ۾ اچي ويو. اتي هڪُ چيتاوٽيءَ جو بورڊ لڳل هو، هيءَ اُها ايراضي آهي جتي وڏي تعداد ۾ وائيلڊ ٻُل (جهنگلي ڍڳا) آهن. مُسافرن کي اتان خبرداري سان لنگهڻو آهي. اجان ٿورو اڳتي وڌياسين مس ته روڊ جي آمهون سامهون .کاٻي ۽ ساڄي پاسي وڏي تعداد ۾ اچا ڪارا ڍڳا نظر آيا. روڊ ٻه تمامُ سوڙهو صرف هڪ ئي لائين هئي ٽريفڪ هئڻ ڪري رفتار ٻه ڍلي هئي. اسين ساڍي ڏهين کانپوءِ ئي پهتاسين. سگيووئيا وٽ هڪُ وڏو دروازو آهي، جيڪو رومن ايئڪيوڊڪ جهوني دور ۾ پاڻيءَ جي وهڪري لاءِ بند طور جوڙيو ويو هو.

هيءُ تمام ئي وڏو شاهي بند آهي. اتان پاڻيءَ جي سپلائي ڪئي ويندي هئي. اتي سيلانين لاءِ هوٽلون ۽ شاپنگ سينٽرز وغيره آهي. اسان پيزا کائي مٿي قلعي ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو. مٿي وڃڻ کان پهرين پلازا مئيور جو چڪر لڳائي ننڍين ننڍين قلعي جي پٽ وٽ ٻهي هيٺ سگيووئيا جو رات .گهٽين مان جيڪي پڪسريون ٺهيل آهن اُتان ٿيندا، اچي قلعي وٽ پهتاسين جو منظر ڏٺوسين، هيٺ لاهيءَ تي روڊ جي ٻنهي طرف جگ مگائيندڙ ٻتيون ٻري رهيون هيون، پهاڙي وڙ وڪڙ واري روشن راهه دلڪش منظر پيش ڪري رهي هئي. ڪجھ دير تائين يڪ ٽڪ اهو نظارو پئي ڏٺو.

هيٺ لهڻ کانپوءِ اجان ڪجھ فاصلو مس طئه ڪيو ته پيٽرول ختم ٿي ويو. وري موٽ کاڌي، ڊپُ ٻه لڳي رهيو هو پر ائڊوينچر ڪرڻ جو ٻه مؤڊ هو، نيٺ رات جو هڪ بجي گهر پهچي سُک جو ساهُ کنيو.

جاکو راکي سائين، مار سڪي نه ڪوئي.

**سٽي پئلس**

( جولائي 1999ع 16 )

اڄُ جمع ڏهاڙي ساڍي ٻارهين ڌاري نڪتاسين پهرين چرچ ڏسڻ جو پروگرام هو، ڪار پارڪ ڪري ٻن منٽن جي فاصلي عيساين جي ان ديويءَ جي هنج ۾ ٻار ڏيکاريل هو. 712 , ان جي هيٺان .تي آل-مُدينا-گابيس (ديوي) جي مورتي هئي 1085 سنه لکيل هو. چيو وڃي ٿو ته مُسلمان حملاآورن جي خوف کان 712 ۾ ان ديويءَ جي تصوير لڪائي وئي هئي. ان کانپوءِ اها مريڪل گابيس (معجزي واري ديوي) 1085 سنه پرگهٽ ٿي وڏو معجزو ٿيو. اتي موجود دروازي کي مُسلم گيٽ چيو وڃي ٿو. جو ان شاهي دروازي وٽان ئي مُسلمان اندر داخل ٿيا هئا.

چرچ اندر ڪي هستيون دفن ٿيل آهن. ڪي جايون اجا ٻه ڪن لاءِ محفوظ خالي ڇڏيون ويون هيون، جن کي اتي جڳهه

ملندي سي وڏ پاڇ وارا ٿيندا. اسين قدم قدم سنپالي هلي رهيا هئاسين ته ڪٿي زمين اندر ابدي ننڊ ۾ آغوش ۾ سُتل پاڪ اسان ڏنو ته ڪي سيلاني اُن .روحن کي نه لتاڙيون جو فرش تي صرف نالا اُڪريل هئا. قبرن جيان ڪونه ٺهيل هيون فرش کي لتاڙيندي ٿئي ويا.

هڪ بزرگ چرچ اندر برندڙ بلبن جي پرسان رکيل پيٽيءَ ۾ ڪجھ رقم وڌي ته هڪُ بيو بلب ٻري اُٿيو. مهيم ممبئيءَ ۾ هڪ چرچ آهي جتي من جون مُرادون پوريون ٿيڻ تي ميڻ بتيون ٻاريون ويندون آهن. سينٽ ماريا يا ميري؟ ڪئٿڊرل جتي ختم ٿئي ٿي اُتي ٻئي پاسي مئبرڊ جو محل آهي. هڪ طرف مُسلم گيٽ ته ٻئي طرف اها پئلس. مُسلم گيٽ اندر داخل ٿيڻ تي ڪاٻي پاسي چرچ ۽ ساڄي پاسي مُسلم گيٽ جا ڪي ڏٺل آثار جيڪي ڪاين چپريءَ سان ڍڪيل هئا.

اسين پئلس وٽ پهتاسين، ڪانتيش ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ ويو، ان وچ ۾ مان پئلس جي پت وٽي اڳتي قدم ڪڍندي ويس. هيٺ ڪيترا گهوڙا نظر آيا جن کي وِهنجاري رهيا هئا. پئلس اندر داخل ٿيڻ وقت رئيال الخصار جيان وچ ۾ جاءِ خالي هئي. ٻاهر هڪُ دفتر آهي. پئلس ۾ داخل ٿيڻ وقت هڪُ هالُ اچي ٿو. شاهي خاندان جي رائل گارڊ جي جوابداري جنهن جي هٿ ۾ هئي، اُن جو ڪمرو (هالُ) ان ڪانپوءِ 1879سنه شاهي جشن لاءِ استعمال ٿيندڙ هالُ 1985سنه ۾ جڏهن اسپين يورپي برادريءَ ۾ شامل ٿيو هو ته سرڪاري طور شامل ٿيڻ واري رسم اتي ئي ادا ڪئي وئي هئي. ان کي 30 آڪٽوبر 91سنه ۾ مڊل ايسٽ پيس ڪانفرنس لاءِ ڪتب آندو ويو. ان ڪانپوءِ اچي ٿو تختگاھ وارو ڪمرو، 1764سنه ۾ ڪنگ ڪارلوس ٽئين ان کي پنهنجي رهائشگاھ ۾ تبديل ڪيو. اُڻويهين (19) صديءَ ۾ ٿوري ڦير گهير ڪئي وئي. اڳتي ڊرائنگ روم ۽ به لونگه روم آهن، جتي ڪنگ(راجا) ۽ ڪوئين(راڻي) جا به وڏا شاهي پورٽريٽ آهن.

ڪمرن جي خاصيت اها هئي جو هر هڪ جو رنگ ڊزائين الڳ الڳ هئا. ڇت تي پيئنٽنگ ۽ هر هڪ جي پردن جا رنگ ۽ ڊزائنُن جي چونڊ نرالي ۽ ڪشش ڪندڙ هئي. قالين هُجن چاهي فرنيچر يا ڇتين تي ڪيل پيئنٽنگ واھ جا هئي. هڪ ۾ چيني طرز واري پيئنٽنگ هئي. جنهن ڪمري ۾ ڪارلوس ٽيون ڊريسنگ روم هو. ڪارلوس ٽئين 1788سنه ۾ جنهن ڪمري ۾ آخري ساهُ کنيو اُن جو رنگ گرئي ڪلر جو هو. پٽين تي ستارن واري ڊزائين هئي. اُن ڪانپوءِ يئلو روم هو جيڪو هن جو اسٽيڊي روم هو. شاهي ڊرائينگ روم جنهن ۾ 29 نومبر 1879سنه شاهي خاندان جي بادشاھ جي شاديءَ دوران انهيءَ ڊائينگ هال ماني کاڌي وئي هئي. هڪ ڪمري ۾ شوڪيس ۾ سئو کن مختلف دورن جا سِڪا ۽ بِلا هئا. اسپين جڏهن يورپي برادريءَ ۾ شامل ٿيو ۽ جنهن پين سان اُن اقرارنامي تي صحيح ڪئي وئي اُهو تاريخي قلم اُن شوڪيس ۾ رکيو ويو آهي. چرچ جي پيڙھ جو پٽر جنهن کُرپي سان کوٽي ڪري وڌو ويو، اُهو انکان علاوه چانديءَ جا باسڻ برتڻ، ٽرافيون ۽ شيلڊس وغيره چينيءَ جا باسڻ ڪراڪري. هر هڪ ڪمرو الڳ الڳ اسمن سان سجايل هو. هڪُ ڪمرو سازن جو هو، هڪُ آرڪ وانگر ساز پهريون پيرو ڏسڻ ۾ آيو.

اُن جي ٻاهران به وڏيون مورتيون هيون، هڪ راڻي ايسابيل-لا-ڪئٿوليا، جنهن ڪولمبس کي اُن جي ڊسڪوريءَ لاءِ مدد ڪئي. ڪولمبس راڻيءَ کان مدد گهري هئي، راڻيءَ اُن جي ڪوجنا واري ڪم لاءِ ڪيس گهربل سهڪار ڏنو، ٻئي طرف فرنڊو ڪئٿوليڪا، جنهن راڻيءَ جي دور ۾ ان جي مدد ڪئي.

پئلس مان نڪرڻ وقت ڪانتيش ٻُڌايو ته جڏهن بينظير ڀُٽو وزيراعظم هئي ته اُن جي شاهي ميزباني واري هال ۾ ميزباني ڪئي وئي، هن سان ساڻُ آصف علي زرداري به هو. مون ڪيس چيو بينظير ميزباني ڪائي وئي ته ٻئي بينظير سفرنامو لکڻ لاءِ هتي آئي آهي.

پئلس جي سامهون اوُپيرا آهي. ٻاهر سئو پارڪ آهي. جنهن ڏينهن اسان ويا هئاسين، اُن کان هڪُ اڌ ڏينهن اڳ مئبرڊ واسين جي لاءِ داخلا فري هئي. هفتي ۾ هڪُ ڏينهن اُنهن کان ٽڪيٽ نه ورتي ويندي آهي، شناختي ڪارڊ ڏسي وڃڻُ ڏيندا آهن.

**شاهي محل**

مئبرڊ کان ڪجھ فاصلي تي نئون شاهي محل آهي، جيڪو اسپين جي شاهي خاندان جي ڪنهن وقت رهائش گاھ هو. هن وقت ثقافتي، تحقيقي مرڪز طور استعمال ٿئي ٿو. اتي وڏي آرڪائيز آهي جيڪا صرف تحقيق ڪندڙن لاءِ آهي. اربع ڏهاڙي يورپي اقتصادي برادريءَ وارن مُلڪن جي شهرين لاءِ ڪابه داخلا ٽڪيٽ نه آهي، جڏهن ڪي سرڪاري جشن وغيره هوندا آهن ته پوءِ عام جي داخلا بند ڪئي ويندي آهي. سرڪاري فنڪشنن جي اسپين جو ڪنگ صدارت ڪندو

.آهي. ان جي سارسنيال جي جوابداري قومي ثقافتي عملي جي آهي
شاهي خاندان جي هٿيارن واري ميوزيم لاءِ چيو وڃي ٿو ته اُن طرح جي هٿيارن جي ميوزيم دنيا جي ٻن ٽن مُلڪن ۾ ئي آهي. هن وقت جتي هٿيارن جي اها ميوزيم آهي اُها اتي 1893ع کان وٺي قائم آهي. هٿيارن جو ڪافي حصو اسپين جي بادشاهه جي شاهي ڪليڪشن مان آهي. انهن مان ڪيترائي املهه هٿيار سويجا جي اللخصار ۾ ڪئنٽولڪ ڪنگ جا آهن. جنهن ۾ ڪنگ چارلس پهرين، فلپ ٻئين، ڪنگ فردبند. ان کان علاوه جنگين ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار، خيما، لباس، ان شاهي هٿيارن واري ميوزيم ۾ ڏهه هزار ان طرح جون شيون موجود آهن. ڪنگ فلپ ٻئين جي دور دوران قائم ڪيل فارميسي جيڪا 1594ع ۾ قائم ڪئي وئي هئي. هن وقت جتي موجود آهي اُها اتي 1874ع ۾ آندي وئي. ان جي پرسان، ان دواخاني ۾ استعمال ٿيندڙ ٿانوَ، ڪُنا، برتڻ وغيره موجود آهن، جن مان ڪافي تعداد ۾ 18 صديءَ جا تلويرا جي ڪُنڀرن جا آهن.
.ان طرح جي ٻي به قيمتي ڪليڪشن وغيره موجود آهي، جيڪا ڏسڻ سان ماڻهو ماٽي سگهي ٿو

**ايسڪوريل**

( جولائي 1999 چنڇر 24 )

ٻاونجاهه ڪلوميٽرن جي فاصلي تي رائل (52) تقريباً ڏهه لڳي پنجيتاليهن منٽن تي گهران نڪتاسين. مئدرڊ کان اتڪل مانيسٽري آهي. اُن ڏينهن 30-32 کن ڊگريون درجي حرارت هئي، مون سفر ۾ سنگيت کي همسفر بڻائڻ لاءِ سنڌي ڪئسٽ لڳائي، جهولي لال جو پڇن اُن ڪانپوءِ امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جو ڪلام 'نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو'...... سنڌي گانن جي ولائت ۾ سُڳنڌ ماڻڻ ڪانپوءِ جهونن گانن جي ڪئسٽ لڳائي جيڪي هميشه ئي نوان پيا لڳندا آهن. ايندڙ دور ۾ به ايتروئي دلين تي ڇانئيل رهندا جيترو هن وقت آهن. جڏهن محمد رفيءَ جي آواز ۾ گيت شروع ٿيو، 'يئه بهار ڪئسي آئي جو خزان بهي ساٿ لائي'...... ان وقت من جون مُندون متجڻ لڳيون...... بهار...خزان... مئدرڊ ۾ هاٽي داٽو ڪٽو پورو ٿي رهاٽيون ...واپس دهليءَ وڃڻ جو وقت قريب اچي چڪو هو... ڪي يادون ... ڪي لمحا ... ڪي ڳالهيون .چڪو هو بهار جي مُند ۾ گُل ٽڙيو پون، قدرت جي ...... ... پرچڻُ روسڻُ ... ڏوراپا ... ڪئي سلسلا هڪ ساٿ ذهن ۾ اُڀري آيا بهار جي مُند سان ائين ته اسان سڀني جو رشتو رهي ٿو، پر منهنجو ان سان، هن ...... حسين منظرن کي ڏسي دل ٺري پوي سرزمين تي اک پٽڻ سان ئي نينهُ لڳي ويو. جڏهن بهار جي مُند جو اعلان ٿيو، اُن سان ئي منهنجو جنم ٿيو. منهنجي امڙ جو به بهار جي مُند سان خاص لڳاءُ هو. بهار جي مُند ۾ منهنجي آمد سان کين ڏيءَ جي ڄمڻ جي افسوس بدران وڌيڪ ئي خوشي ٿي، جو پنهنجي امڙ جي واتان ٻُڌم، تنهنجي اچڻ سان تنهنجي پيءُ کي نه صرف چونڊن ۾ ڪاميابي ملي پر مالي طور به فائدا حاصل ٿيا. ڇنڻي به پُٽن وانگر ملهائي. ٻين پائرن پينرن جو جنم ڪراچي، شهدادڪوٽ ۽ مُمبئي ۾ ٿيو پر منهنجو ئي جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. لاڙڪاڻي سان اُن وقت جون سندن جون ڪئي مٺيون يادون به جُڙيل هيون. امڙ جو بهار جي مُند سان، قدرت جي حسين منظرن، نباتات ۽ ڪائنات سان بيحد پيار جنهن جو اثر سندن شخصيت تي عيان هو، رنگن کي ڪٽي بُرش ذريعي پيا چتر چٽيندا هئا. دهليءَ ۾ باغيچي ۾ ويهي پيا گُلن تي آيل بهار کي ماڻيندا هئاسين. بهار جي مُند اچڻ .تي چون، مون ۾ جڻُ نئون ساهُ پيو آهي
امڙ جي جوانيءَ جون تصويرون ڏسي لبن تي واهه! واهه!! اچيو وڃي، اکيون وڏيون ويڪريون، رونش ٺاهوڪا، قد بُت تمام وقت وڏو راڪاس آهي، ڪيئن انسان کي ڳرڪائي وٺي ٿو، ڪل ئي نه .سنو، چهرو چنڊ جهڙو، خوبصورت عورت هئي ٿي پوي. اياز جون چند سٽون هن وقت ياد ٿيون پون، 'گوري توکي گُنجه پيا يا روپ ڏنو رهنبوتو'...... وقت جو چمبو ڇهري جو اصلي روپ ئي بگاڙي ٿو وڃي. خوشبو سان ته کين بيحد پيار هو، پرفيومس، سُرها تيل صابڻ، پائوڊر...... اڄ به لنڊن مان سندن لاءِ آندل ڪيترا ياردلي جا صابڻ ۽ ڪراچيءَ مان آندل پائوڊر پيا آهن. پاڻ کان وڌيڪ مون لاءِ گڏ ڪرڻ اڃان آفيس لاءِ نڪرندي نه هيس تنهن کان اڳ ئي گلاب ۽ موتيا جا گُل .جو چاهُ، هڪُ گُنندو نه هو ته ٻيو اڳ ۾ ئي موجود پٽي ڏيندا هئا. مونکي لڳي ٿو کين منهنجي روپ ۾ سندن ماضيءَ جا ڪي يادگار ڏينهن جا تروڙا نظر ايندا هئين. جنهن بهار جي مُند سان کين ايڏو پيار هو تنهن بهار جي مُند ماڻڻ کان اڳ ئي هن سان بهار بيوفائي ڪئي. جنهن زندگيءَ اُن کي چاهيو اُن کان ئي مُنهن موڙي ڇڏيو. ان بهار واري مُند ۾ مون پنهنجي بهار واري مُند ۾ ايندڙ سالگرهه جي بهار کي ئي خداحافظ

ڪيو...... منهنجي خيالن جي سلسلي کي 'يئه بهار ڪئسي آئي جو خزان پي ساٿ لائي'...... جي گيت جي آخري لائين
ٿوڙي ڇڏيو.

اسين ساڍي يارهين بجي اُتي پهتاسين. پهرين آرچيٽيڪ واري ميوزيم ڏسڻ جو پروگرام رکيو، جتي ان محل جي اڏاوت جا
ان شاهي محل جي اڏاوت ۾ جيڪو سامان ڪُتب آندو ويو هو سو رکيل هو، پٿر. مرحلي وار نقشا ۽ اسڪيچ موجود هئا
ٿوڙڻ واري مشين، تگاريون، ڪُرپا، ڪوڏرون، ننڍا وڏا ڪوڪا ۽ ڪلا، اُن دور جا ڪجھ ٻچيل پٿر وغيره انڪانپوءِ
پيئنٽنگ واري آرٽ گئلري ڏٺي. اسپين جو فلپ ٻيواونهاري ۾ اُن محل کي پنهنجي موڪل ملهائڻ واري جاءِ طور استعمال
ڪندو هو. جتي اٿلي ۽ اسپين جي فني انسٽيٽيوٽ جي پينٽرن جون پيئنٽنگس هڪ سنت جي شهادت جو منظر جنهن کي ال-
گريڪو پنهنجي فني سوچ جي سهاري ڪئنواس تي اُتاريو هو. مذهبي زندگيءَ جي نُمائندگي ڪندڙ فنُ، شاهي خاندان جي
بيگمات جا ڇتر وغيره موجود هئا.

Juan Bautista کي ان خانقاه (مڙهي) لاءِ جاءِ جي چونڊ خود فلپ ٻئين ڪئي هئي. ان جي تعمير جو ڪمُ تولودو جي
سونپيو ويو هو. اڳتي هلي خوان-ڊي-هريرا کي ڏنو ويو. ان جي شروعات 1563ع ۾ ڪئي وئي، 21 سالن تائين ڪم هليو.
جنهن جي نگراني هن خود ڪئي.

مزدورن کان مفت ۾ ڪمُ ڪرايو هوندائون :مون چيو اشو.

بانہ ڪري ڏيندا......!

ڪاٻي يا ساڄي!

وينا هتي ٻانهون مُفت ۾ پيون ملن!!

سنڌ وارا هتي لفظ ٻلا ڪٿي؟

ٻنهي جا ٺهڪ نڪري ويا.

ايسڪوريل جو دورو ڪندي جيئن جيئن قدم اڳتي وڌي رهيا هئا، ان محل جي تاريخ جا الڳ الڳ پهلو اُجاگر ٿيڻ لڳا. هڪ
هال ۾ فلپ ٻئين پنهنجي آرام گاھ ڪئي هئي. اُن ۾ وري چارلس ٽئين ٿوري ڦيرگهير آندي 18 صديءَ جي دور جي فئشن جو
سرمايو گڏُ ڪيو ويو هو. شاهي محل جي انهن حصن کي ڏسڻ کانپوءِ اڳتي قدم وڌائڻ سان اسپين جي بادشاهن چارلس پنجين
کان وٺي موجود بادشاھ تائين اُنهن جي دفنائڻ وارو تهخانو آهي. سنگمرمر جون ڏاڪڻيون لهندي هيٺ تهخاني تائين پهچجي
ٿو. هڪ طرف تهخاني طرف ويندڙن جي قطار ته ٻئي طرف واپس ورندڙن جو سلسلو. اندر داخل ٿيڻ تي هيٺ تهخانو
گول ڪمري وانگر آهي، چئني طرف ديوارن تي نظرون ڦرڻ لڳن ٿيون، فلپ ٽئين جي چوڻ تي 1617ع ۾ زيرزمين چئپل
ٺهرائي وئي. اها ان طرح ڊزائين ڪئي وئي آهي، جو وڏن وڏن تابوتن جي رکڻ وارا خانا ٺهيل آهن. ڪاري رنگ جي
سنگمرمر جا ٺهيل ڪفن رکڻ وارا باڪس جن تي سُنهري نقاشي ڪيل آهي، ڪفنن مٿان اها نقاشي اٽالوي فني ڊزائين کان
متاثر ٿي ڪئي وئي آهي. هيل تائين جيڪي به اسپين جا بادشاھ ٿي چڪا آهن تن جا خاڪي جسم آهن. مدر ميري ۽ جيجس
جي سائي ۾ ابدي ننڊ ۾ آرامي آهن. جن جي هيٺان اُنهن جا تفصيل چٽايل آهن. هڪُ ٻه ڪفن جا باڪس خالي آهن، جيڪي
هن وقت جي اسپين جي ڪنگ ۽ اُن کانپوءِ واري بادشاھ لاءِ خالي رکيل آهن. اُنهن لاءِ اتي جاءِ محفوظ ڪئي وئي آهي. جن
کي اڳتي هلي اتي دفن ڪيو ويندو. جيڪي بادشاھ نه بڻجي سگهيا تن جا ۽ شاهي خاندان جي ٻين فردن جا خاڪي جسم الڳ
الڳ حصن ۾ ابدي ننڊ جي آغوش ۾ سُتل آهن. ٻاهر گرمي هئي پر اندر تهخانو ٿڌو هو.

تهخاني کان ٻاهر نڪرڻ تي شاهي خاندان جي ٻين فردن جي آخري آرام گاھ جو سلسلو هو. شهزادن يا شاهي خاندان جون
عورتون جيڪي ڪن ٻين يورپي مُلڪن جي خاندانن جون هيون، جن جي شادي ان شاهي خاندان ۾ ٿي هئي.

وقت کان اڳ ٽڙندڙ گلن کي انساني باغبان جي الاهي مالهيءَ جي حڪم تي يمُ دوت ننڍڙن ابهمن ٻارڙن کي مائرن جي گود
مان ڦري الاهيءَ جي دربار ۾ وڃي پيش ڪيو هو. تن معصوم مُکڙين جون پرين جي سنگمرمر تي نقاشي ڪيل ڇترن سان
آرائستا ننڍڙيون قبرون هيون.

فلپ ٻئين جو جيڪو بيڊروم هو ان لاءِ بيان " Chambers of Dead. Royal Family & Infants Small Children. "
ڪيل هو ته جڏهن 1598ع ۾ هُن، هِن فاني جهان کي الوداع ڪيو اُن جي سامهون باغيچو هو، جيئن هن جي ننڊ مان اُٿڻ
شرط باغيچي تي نگاھ پوي. ٻئي طرف هُن جو اسٽيڊي روم هو. اسٽيڊي ٽيبل تي هن جا هٿ اکر ۽ آٽوگراف هئي. فلپ ٽئين

جي چوٽ تي 1617ع ۾ اها زيرزمين ديول ٺهرائي وئي هئي. بيڊروم کان پوءِ هڪُ وڏو شاهي ڪمرو هو جتي 16 صديءَ جا دنيا جا مئپس (نقشا) موجود هئا. انهن نقشن ڪي ڏسندي ڏسندي ايشيا وارن ۾ ڀارت جي نقشي تي نظر پئي. بس نظر پوڻ تي منُ ئي ٺري پيو. ڪوچين ۽ اوڙيسا تي نظر پئي. هڪ طرف اُن نقشي ۾ چينُ ڏيکاريل هو. هيٺ شري لنڪا. انگريزيءَ ۾ لکيل هو (INDOS-TAN).

اسپين جو ڪنگ ڪجھ وقت پنهنجي ٻارن سان اتي گذاريندو هو. ظاهر آهي ته هو پنهنجي ٻارن کي دنيا جي جاگرافيائي حدن کان واقف ڪرائيندو هوندو.

يورپ ۾ پينٽنگ وارو فنُ عروج تي آهي. ال-ايسڪيورل ۾ به اهو فنُ توجه ڇڪائيندڙ هو. اتي ال-گريڪو، ۽ ٻين فنڪارن جا ماسٽرپيس موجود هئا. هوڏانهن مذهبي مقصد لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪمرن ۾ 62 ڪن پينٽنگ هيون. اتي هڪ لائبريري به آهي جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته دنيا جي اهم ترين لائبريرين مان هڪ آهي. 15 کان 16 صديءَ جا پنجيتاليھ هزار شايع ٿيل ڪتاب آهن. ان لائبريريءَ ۾ پنج هزار عربي، لاطيني ۽ اسپينش دستخط آهن. ان جي ڇت تي سائنس ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ پينٽنگس آهن. ديوَل ۾ 45 صليب آهن.

شاهي خاندان جي هيءَ خانقاھ سيلانين جي ڏسڻ لاءِ سياري ۽ اونهاري ۾ مارچ کان آڪٽوبر تائين صبح جو ڏهين کان پنجين بجي تائين ۽ اپريل کان سيپٽمبر تائين ڏهين کان ڇهين تائين هوندي آهي. سومر ڏهاڙي اها بند هوندي آهي.

ايسڪوريل جي ٻاهر وڏو شاهي پڊر آهي. هاڻي ته ان تاريخي يادگار جي اوسي پاسي ۾ هوٽلون، رهائشگاھ لاءِ گيسٽ هائوس به ٺهي ويا آهن. ان کان پهرين ڪانتيش ۽ ٻارن سان گڏجي آئي هيس ته ايتري اڏاوت ڪانه هئي. گهران پڪنڪ لاءِ نڪتا هئاسين، سنڌو دويش اُن وقت ننڍا هئا. سنڌو لاڏلو ٿي پليو آهي، سو هر پيري چوي مان اڳين سيٽ تي وهان. اتي ٻارن کي ڊرائيونگ دوران اڳيان وهڻ جي منع آهي. فرمائش ڪيائين ته اڳيان وهان، پر فرمائش نه مڃي وئي. اتي جڏهن پهتاسين ته ماني کائڻ وقت ڊرائيو ڪرڻ واري اڳين سيٽ تي وڃي ويٺو. اوچتو پونم رڙ ڪئي جلدي اُٿ پوليس وارا ٿا اچن. مون چيو هلائي ٿوريئي ٿو گاڏي ته بيٺي آهي، چيائين اڳين سيٽ تي ٻارن جي وهارڻ ڪري چالان ڪندا. اُن ڏهاڙي مينهن جهڙ به ڏاڍو هو. اڄُ ڏينهنُ صاف هو. اڳين پيري چرچ ۾ ڪنهن جي شاديءَ جي رسم ادا ٿي رهي هئي. اڄُ به شاديءَ جي رسم ادا ٿي هئي. اُن وقت دويش ننڍڙو هو ٻوڙ پائي وڃي ڪنوار جي پر ۾ بيٺو. اسين پيا کلون ۽ هو موج مستيءَ ۾ هو.

گهمي گهتي نڪتاسين ته ٻاهر هڪُ ماٺهو پستا ۽ باداميون وڪٽي رهيو هو. اشوڪ به پيڪيٽ ورتا، چيائين کائي ڏسُ ڪرارا آهن. مون چيو اسان وٽ اهڙن هنڌن تي مگڦريون وڪڻندا آهن توهين زور ڇئبا هتي پستا باداميون پيون وڪامجن. مان پستا ڇليندي ٻاڙ به کائيندي پئي وڃان ۽ کيس به کارائيندي پئي وڃان. اشوڪ چرچي ۾ چيو هيءَ جو هيترو گهمندا هوندا ته انهن جا پئسا ڪيرُ ڀريندو هوندو؟

مون چيو : ڪنهن وري ڪنهن ڀريا هوندا؟ بيگار پورهيتن جي پگهر جو پورهيو هوندو. بادشاھ مفت ۾ پيا ڪمُ وٺندا هوندا.
نه ته ( سگُ ڏيڻُ ) ٻانہ ڪري ڏيندا......!
( فضا ۾ ٻڌن ٺهڪن جي گونج )

**وئـلي ـ آف ـ فالن**

ايسڪوريل کانپوءِ اسان جو ٻيو پڙاءُ وئـلي ـ آف ـ فالن يعني شهيدن جي ماٿري هو. جتي فرينڪو کي دفنايو ويو آهي. ان ماگ کي وئـلي ـ آف ـ فالن يعني شهيدن جي وادي انڪري ناءُ ڏنو ويو آهي جو اتي جيڪا 1936ع - 1939ع ۾گهرو جنگ لڳي هئي جنهن ۾ فرينڪو ۽ اُن جي مخالف ڌر وچم ڇڪريون لڳيون هيون، جنهن خانا جنگيءَ ۾ ڪئي ماٺهو مري ويا فرينڪو جڏهن گهرو جنگ کٽي ته هن حڪم جاري ڪيو ته ڪم .هئا، جن جي ياد ۾ هڪ يادگار وئلي قائم ڪئي وئي ڪندڙ پورهيتن کي به ائڪسٽرا پگهارون ڏنيون وڃن. جيڪو سلسلو اڄُ ڏينهن تائين جاري آهي. هڪ ائڪسٽرا پگهار جولائي جي مهيني ۾ ۽ ٻي ڊسمبر ڪرسمس تي ڏني ويندي آهي.

اندر داخل ٿيڻ تي گهاٽا (وڻن) ٻيلا آهن. وڻن جي قطارن وچم روڊ ٺهيل آهن، جيڪي مٿي پهاڙ طرف وڃن ٿا. جتي مٿي فرينڪو دفن ٿيل آهي. مٿي ويندڙ روڊ جي وچ مان هڪ به رستو ٻيو به نڪري ٿو، اهي واٽون ٻئي طرف نئين ٿيون پر اهي راهون ڦري گهري اُن روڊ سان ڳنڍيين ٿيون. پر انهن واٽن جي ڪري اگر غلط واٽ ورتي وئي ته گهاٽيءَ جو وڏو

چڪر ڪاٽڻو پوي ٿو. اسان به وچ مان ڪٽ ٿيندڙ رستي طرف نڪري وياسين جنهن ڪري وڏو چڪر لڳائڻو پيو. اسين شهيدن جي واديءَ جي پرڪرما ڏيندي موٽي وري انهيءَ ساڳي جاءِ تي اچي پهتاسين.

مٿي پهچڻ تي پهرين وڏو کُلو ميدان ايندو. سامهون اُن کان به مٿي اونچي پهاڙيءَ تي پري کان ئي وڏو صليب نظر اچي ٿو. پهاڙيءَ کي ٽڪي مٿي (وڏو گرجاگهر) ديوَل ٺاهي وئي آهي. ڪار پارڪ ڪري ڏاڪڻين تي چڙهندي ديوَل طرف قدم وڌايا، پهاڙ ٽڪي جيڪا وڏي سُرنگ ٺاهي وئي آهي، اُها تمام ٺڌي ايئرڪنڊيشن جيان گرميءَ جي درجي حرارت کي نارمل تي برقرار رکي ٿي. ٿورو مٿي گولائيءَ ۾ هڪُ هالُ ٺهيل آهي، ٻنهي پاسي ڪمرا آهن. ان گول ايراضيءَ جي عين وچ ۾ سُرنگ مٿان وڏو صليب آهي، غفا ۾ ئي اندر فرينڪو دفن ٿيل آهي. ٻئي طرف اسپين جي سياسي فلئنگسٽ پارٽيءَ جو پايو وجهندڙ هوسي انتينو دفن ٿيل آهي. انهن ٻنهي برک شخصيتن جي آرمگاهه آهي. ڪيترن اُن وقت گُلن سان عقيدت پيش ڪئي.

فرينڪو 1975ع ۾ گذاري ويو هو. اشوڪ ٻڌايو ته اُن وقت سندس سڪيلڊي ڌيءَ سوزانا چاول هئي. فرينڪو جي بيماريءَ جي خبر باهه وانگر ڦهلجي وئي. رستن تي ماڻهو سندس صحتيابي يا هن دنيا کي الوداع ڪرڻ وارين خبرن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ واءُ سواءُ لاءِ نڪري پوندا هئا. روز ڪو نه ڪو افواهُ هوندو هو. هڪ ڏهاڙي پنهنجي ڌيءَ کي پرئم ۾ ڪٽي ٻئي زال مُڙس نڪتا ته فرينڪو جي صحت جي باري ۾ تازين خبرن جي ٻُڌڻ جو ڪين به انتظار هو، افواهه ۽ خبرن ٻُڌڻ جي خيالن ۾ اشوڪ جيئن ئي سوزانا کي ڪڇ ۾ کنيو ته ٻار جي ڳاڏي ڌوءُ وجي اونڌهي ٿي، ڌيءَ لاءِ جيڪو کيرُ ۽ ٻي خوراڪ هئي سا ڪري وجي پٽُ پئي. جوٽس جون دانهون ته ڌيان نه ڏنوءِ کير ڪيرائي ڇڏيه، ٻنهي جي اچي پاڻ ۾ تو تو مين مين ٿي. اڄُ فرينڪو جي وفات جي خبر ٻُڌائيندي کلي پيو جو هن کي پنهنجو جهيڙو اچي ياد پيو. فرينڪو جي خبر ٻُڌڻ وارو نشو ئي رفوچڪر......

هن جو اِهو چوڻ هو ته هو ڪافي مقبول به هو عام کي انتظار، سياسي حلقن ۾ به سرگرمي ۽ انتظار هو. جنهن ڏينهن گذاري ويو وڏو جلوس نڪتو دنيا جي مختلف مُلڪن جي شخصيتن جي وڏي قطار جنازي ۾ اچي شرڪت ڪئي. جيئن ته اُن ڏهاڙي هلڪي نيري .ان کان اڳ به امڙ سان گڏ اتي اچي چُڪي هيس. اُن وقت مئين يادين اکين ۾ آلائڻ آڻي ڇڏي زبردست بارش هئي مينهن چوي اڄُ نه پوان ته ڪڏهن پوان .(آسماني) رنگ جي جارجيٽ جي پرنٽيڊ ساڙهي پهريل هئا.

ٻاهر نڪرڻ وقت پهاڙ جي چوٽيءَ تان ڪاٻي ساڄي نظر ڊوڙائي وڻڪار ئي وڻڪار هئي، پري پري تائين نظر ايندڙ رانديڪن جيان ننڍڙا گهر. اُن ڏينهن به قدرتي طور مينهنُ جُهڙُ طوفان هو. يادين جي طوفان منهنجو وجود ڌوڏي ڇڏيو. اڄُ به موسم جُهڙالي. گورڏن پارٽيءَ جو گيت ياد اچي ويو:

هُـتـڙي مينهن واسن هِـتـڙي نيڻ ٺمن

مونکي مارون جا پل پل پور پون...

دويش اُنهن ڏينهن ننڍڙو هو اسان کي خبر ئي ڪانه پئي ته چرچ اندر هڪ پاسي هڪُ ٻوُٿ ٺهيل هو اُن جي اندر هڪ پادري ويٺو هو، اُن سان اسپينش ۾ چپن ۾ گفتگو ڪرڻ لڳو. اتي پنهنجي انتر آتما جو آواز ٻُڌي فادر اڳيان گناهه قبول ڪري پڇتاءُ ظاهر ڪندا آهن. جڏهن دويش واپس وريو ته اسان پُڇيوسين اڙي تون فادر کي ڇا چئي رهيو هئين؟ چيائين مان فادر اڳيان ٽرو ڪنفيشن (سچ سچ ٻُڌايو) ڪيو. فادر مون هڪ چوڪري کي چاٽي واٽي ماريو هو، اُن جو ڪو ڏوهه به ڪونه هو هاڻي مونکي پڇتاءُ ٿي رهيو آهي مونکي ڏک آهي. مونکي پنهنجي غلطيءَ جو احساسُ ٿيندو آهي. منهنجي ڳالهه ٻُڌي فادر چيو: تو پنهنجو گناهه قبول ڪيو آهي، هاڻي ڌڻي توکي معاف ڪري ڇڏيندو.

اسپين جي هڪ هولي فئسٽيول ويڪ (ڌارمڪ هفتي) دوارن گناهگار پنهنجو گناهه بخشائڻ ويندا آهن، ڪاريون ٻگهيون ٽوپيون پهريل، مُنهن ڍڪيل (نقاب) صرف اکيون نظر ايندِيون، اسپين جي هر ڳوٺ جي چرچ مان جلوس نڪرندو آهي، هڪ هنڌ گڏ ٿي ويندا آهن وري واپس جلوس جي روپ ۾ چرچ مان موٽندا آهن، واٽ تي روڊ جي ٻنهي پاسي ماڻهن جون قطارون موجود هونديون آهن، مدر مئري ۽ عيسيٰ جي مورتين کي سينگاري ڪيندا آهن، ديويءَ جي سُندرتا جي تعريف ڪندا آهن، انهن جلوسن ۾ ٽن سئون کان ٽن هزارن کان به مٿي الڳ الڳ شهرن مان چهرا ڍڪيل !!ڪندا واهه! واهه گناهگار گناهه بخشائڻ ويندا آهن.

دويش جي سچائيءَ پنهنجي غلطي قبول ڪرڻ واري معصوميت، امڙ جي ان ساڳي هنڌ موجودگي، منهنجي اکين آڏو ماضيءَ جا اُهي پل اُڀري آيا. مٿان وئليءَ تان تمام سندر ايئريل ووئيو ڏسڻ ۾ ايندو. فرينڪو جي يادگار مونومينٽ ڏسڻ بعد

ڏاڪٽيون لهندي هڪُ دفعو وري اُن منظر کي نيڻن ۾ سمائي ماضيءَ جي مٺين درد ڀرين يادين کي دل جي هڪ گوشي ۾ محفوظ ڪري، واپس مئدرڊ طرف نڪتاسين. اڌ رستي تي اشوڪ چيو ٿوري دير ڪنهن ريسٽورينٽ ۾ ٿا وهون. ڪجھ فاصلو طئه ڪري هڪ هنڌ ويٺاسين، جتي مون سافٽ ڊرنڪ ورتي، اشوڪ پنهنجي ڊرنڪ گهرائي. چيائين ڪجھ کائيندينءَ؟ مون چيو نه هن وقت ضرورت نه آهي. ڳالهين دوران منهنجي نگاه هڪ ننڍڙي ڳاڙهي ۽ سُنهري رنگ جي لئمپ تي پئي، مون چيو اشو هيءَ لئمپ سُٺي آهي نه؟ چيائين توکي ڪپي؟ مون چيو نه! اهو علاالدين جي چراغ وانگر هو، اشوڪ چيو ته اها لئمپ ڏيڪارج، هن لائٽر نما چراغ کي ٻاري ڏيکاريو. مون چيو اري هيءُ لائٽر آهي، ان کي لائٽر طور ته استعمال نه ٿو ڪري سگهجي پر ڊيڪوريشن طور رکي سگهجي ٿو. اشوڪ هن کي چيو اهو پئڪ ڪري ڏئي. مان گهڻي آنا ڪاني ڪئي پر هن هڪ نه ٻُڌي ۽ منهنجي اسپين جي سفر جي آخري پڙاءُ جي پڇاڙيءَ واري سوکڙي علاالدين .جو چراغ هو

ڪاش! اهو چراغ ڊيڪوريٽر لائيٽر وارو چراغ جو چوغو لاهي اصلي علاوالدين جو چراغ بڻجي پوي. اي چراغ !وٺي هل هنگلاج، جيڪو سيڪنڊن ۾ اکل پنڌ هنگلاج جا طئه ڪرائي هنگلاج ماتا جو درشن ڪرائي ڇڏي. وٺي هل شاه سچل جي !درگاه تي، جنهن چراغ کان مان هر روز پنهنجي من پسند خواهش پوري ڪرايان... آمين

**خيتانو (اسپيني خانابدوش )**

اسپين ۾ شايد ئي اهڙو ڪو سياڳو ڏينهن هجي جنهن ڏينهن گهران نڪرڻُ نه ٿيو هجي، روز جُتلو پير ۾ هوندو هو. اتي عربن طرفان مئدرڊ جي وچ شهر ۾ ٻه ٽاور ٺاهيا ويا هئا، دراصل هن وقت اهي ٻئي ٽاور جنهن کي ٽُئن ٽاور چيا وڃن ٿا، ان طرح ٺهيل آهن جو ٻئي هڪ ٻئي سان ملن ٿا. هيٺان وچان ٽرئفڪ لنگهي ٿو. وڏي ۾ وڏين اُچين عمارتن ۾ پهرين نمبر تي آهن. ان جو اسپينش اُچار ڪميلوز معنيٰ جاڙا، توروز يعنيٰ ٽاور، جنهن کي هن وقت بئنڪن پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو آهي جو ويچارن ڪويت جي عرب مالڪن جا ڪن ڏيوالا ڪڍائي ڇڏيا، اتي ڪيترا اهڙا لفظ آهن جن جا اُچار عربي جيان آهن، نالا به ڪيترا اُن جي اثر وارا ملندا، مئدرڊ جو نالو ئي ڪٽي ونجي مخريت مان مئدرڊ ٿيو، ڪيترن لفظن تي زير زبر به اوُنو، ناٿو جو اوُنتو، ڪُواترو - چوٿين حصي - نظر ايندي، خميص کي خميض به چون، ڪي وري لفظ اُبتا جيئن يو.اين.اوُ کي چون، اوُنو هڪ کي، ٻئٽري جي سيلس کي پيلا، ويهي رهُ کي سينتتي، هلو! کي اوُلا، اسپينين جي هڪ عادت سُٺي، ڪير سُڃاڻي نه سُڃاڻي هڪ ٻئي کي اوُلا ضرور ضرور چون، سائين رام رام اسين چئون، هو چون اوُلا، گوڊ بائي جي لاءِ !آديئوس! هيڏي اڄُ بينگا بينگا جبرالٽرل جي اسلام سان وابستگي چئي وڃي ٿي، جابُل-ال-طارق خليفي جو جنرل هو اُن جي نالي پُٺيان نالو ڦري جبرالٽرل ٿيو، جيڪو سائوٿ آف اسپين يعني ڏاکڻي اسپين طرف پوي ٿو. ڪجھ عرصو پهرين .برطانيه ۽ اسپين وچم ان جي ڪنهن هڪ مُلڪ سان شامل ٿيڻ تي ڳالھ ٻولھ به ٿي هئي

هڪ واري اسان شهر کان ٻاهر ويا هئاسين اُتي جپسي عورتون ۽ مرد نچي رهيا هئا، اُنهن جي نرتيه، گيت سنگيت ۾ ڏاڍو رِدم هو، پير اصل ٿرڪن پيا. اُن وقت مونکي سنڌ جي پرٽ پريل سدري پئي هئي. جپسي عورتون پُڇڻ لڳيون، ڪانتيش کين اسپينش ۾ سدري جي پرت جي باري ۾ ٻُڌايو .اتي اسپينش ۾ انهن لاءِ خيتانو لفظ استعمال ٿيندو آهي. اتي جي جپسين يعني خانابدوشن جو چوڻُ آهي ته انهن جي بزرگن جو پنجاب ۽ چنديگڙھ جي علائقن سان واسطو هو. ڀارت جي هڪ راجا خيتانو يعني جپسين کي اتي آئي .انهن کي ايران جي بادشاه کي بخشيش ۾ ڏنو هو، اُتان انهن جي يورپ طرف لڏ پلاڻ ٿي هزار سال ٿيا آهن، هڪ هزار سال گذرڻ جي باوجود اهي پنهنجن ريتن رسمن تي قائم آهن. لوهارڪو ۽ ڪباڙيءَ جو ڌنڌو به پيا ڪن. انهن جي خاص ڊش آهي ڪوسيدو مدري لينئو يعني مئدرڊ جي خاص تيار ڪيل ڊش، چولن ۾ وڏا وڏا سوئر جي گوشت جا ٽُڪر وجهن ۽ گڏ پٽاٽا، ٻيو سي-فوڊ، سامونڊي خوراڪ مڇيون جهينگا طرح طرح جا سامونڊي جيو وڏي .شوق سان کائين

ڪئي پيرا بُل - فائيٽنگ واري اسٽيڊيم ٻاهران لنگهڻ ٿيو، ان راند کي ڏسڻ لاءِ ڪڏهن به دل ڪانه ٿي. اسپين ۾ هڪ فيسٽيول تمام مشهور آهي جيڪو فرمين درويش جي پُٺيان نالو ڏنل آهي، اُتي اها روايت هلندي پئي اچي، هڪ واڙي مان بُل (ڍڳا) نڪرندا آهن جن کي اسٽيڊيم ڏانهن ويندي ويندي ست اٺ منٽ کن لڳندا آهن. انهن ڍڳن جي اڳيان ڄاڻي واڻي ماڻهو ايندا آهن ڪي لتاڙجندا آهن ته ڪي پڇي پري ٿيندا آهن، ڪي وري وچون وچ انهن سان ڊوڙ لڳائيندا آهن، هيءُ ميلو ستن ڏينهن تائين لڳندو آهي، فرانس جي سرحد پرسان پامپولانا ڳوٺ آهي، اتي وڏي تعداد ۾ اچي ماڻهو گڏ ٿيندا آهن. اتان جو

ميئر ان جو بندوبست ۽ ميزباني ڪندو آهي. باسڪوس پراونس ۾ آهي. اتي علحدگي پسند عنصرن طرفان هلچل هلائي پئي وڃي، حالانڪ اڃان انهن جو ايترو زور ناهي. مان اسپين جي هر هڪ دِشا طرف ويس صرف ان علائقي طرف وڃڻ ڪونه ٿيو.

هڪ واري اشوڪ سان گڏ وڃي رهي هيس ته رستي تي ٽرئفڪ لائيٽ تي ڪار روڪڻ وقت بوسنيا ۽ ٻين علائقن جون زالون ماڻهن کان گذربسر لاءِ پيون گهرنديون هئيون، هڪ مائي اشوڪ سان ڪجهه ڳالهائڻ لڳي، مون ڏي ڏسي ڏاڍي انداز سان چيائين، گواپا! مان به ڪري ڪنڌ ڌوڻيو، ٽرئفڪ لائيٽ گرين ٿيڻ تي اسان جي ڪار اڳتي وڌي. مون چيو، اشوڪ ڇا پئي پُڇي؟ چيائين، تنهنجي لاءِ پُڇي رهي هئي، ڪير آهي؟ ڪٿان آئي آهي؟ مون چيو مانس، منهنجي ڀيڻ آهي. چيائين گواپا! مطلب؟ مطلب تنهنجي ڀيڻ سُهڻي آهي. مان چيو، مان مڙيئي سُهڻي آهيان؟ چيائين چو، منهنجي ڀيڻ گهٽ آهي ڇا؟ دراصل مونکي اُن ڏينهن زريءَ واري ساڙهي ۽ جوئلري وغيره پهريل هئي، جو ڏياريءَ جي فنڪشن لاءِ هوٽل ۾ انڊين ائسوسيئيشن جي عورتن جيڪو پروگرام رکيو هو، اُن ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهي هيس.

مئڊرڊ ۾ هڪُ وڏو اسٽور آهي لا-وگوئدا، اُتي ڪئي ڀيرا شاپنگ لاءِ وڃڻ ٿيو، اتي هڪ ريلوي اسٽيشن به آهي نارٿئي-بورگوس، اُتر پورچوگال-چمارتين، اُتان يورپ ڏئي گاڏيون وڃن ٿيون. سائوٿ لاءِ ٽرينس آتوچا، اندولسيا، مئڊرڊ کان سيويجا وغيره فاسٽ ٽرين 350 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي ٿي. اشوڪ سان گڏ هڪ ٻه ڀيرا فرينڪو جي رهائشگاهه واري ايراضيءَ طرف شهر کان ٻاهر وڃڻُ ٿيو.

ويندي ويندي وئلينسيا بيچ تان ٿي آياسين، ڪانتيش چيو هل ته بارسيلونا هلون جتي اسان ڪي ڄاڻ آهي راندين جي عالمي چٽاڀيٽي جي ميزباني ٿيندي آهي. پونم چيو وينا ديدي لاسپما مان ٿي اچو. ٽي ڏينهن هئا مون چيو نه مان نه ويندس جو مونکي امريڪا ضرور پهچڻو آهي. وڃڻ وقت دل سُست هئي مٿان وري اڳتي اڪيلو آمريڪا جي سفر جو فڪر.

## نيويارڪ

منهنجي دل ڪجهه مايوس هئي. اسپين مان 28 جولائي تي صبح جو ڏهين بجي جي ڪي.ايل.ايم. جي فلائيٽ وٺڻي هئي پهرين ائمسٽرڊيم ۽ اُتان فلائيٽ مٿائي نيويارڪ لاءِ ورتي. نيويارڪ کان پنجين بجي شام جو وري ٻي فلائيٽ آرلينڊو لاءِ وٺڻي هئي. هڪ ٽرمينل کان ٻئي ٽرمينل وچ ۾ ڪافي فاصلو هو. بورڊنگ ڪارڊ لاءِ وڏي لائين هئي. لڳي پيو ته فلائيٽ نڙي خشڪ ٿي رهي هئي. هن کان اڳ 1990ع ۾ امريڪا وڃڻُ ٿيو هو، اُن مِس ٿيندي. ڌڻيءَ جي مِهر ٿي، نيٺ نمبر آيو حالانڪ پهريون ڀيرو هو، وقت سنڌي ائسوسيئيشن-آف نارٿ امريڪا (سانا) جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ وڃڻُ ٿيو. ايتري گهٻراهٽ ڪانه ٿي جيتري هن سفر دوران محسوس ڪري رهي هيس.

اُن وقت اشوڪ مميءَ کي اسپين پنهنجي نئين گهر جي مهورت جي سلسلي ۾ دهلي وٺڻ آيو هو. مميءَ چيو تون امريڪا مان ٿي مئڊرڊ رڪڙيءَ واري ڏينهن تي ضرور پهچ، جو ستنارائڻ تي جاءِ جو مهورت آهي. دهليءَ کان رات جو ٽئين بجي جي فلائيٽ هئي. ست لڳي ويهن منٽن تي اتي جي مڪاني وقت موجب فرئنڪفرٽ پهتس ۽ منهنجي واچ ۾ سوا ٻارهان ٿي رهيا هئا. ڪجهه فارميلٽيز ڪانپوءِ اُتي اٺ پنجيتاليهه ٿيا هئا. دهليءَ کان فرئنڪفرٽ تقريبن ڇهه هزار هڪُ سئو ارڙهان ڪلوميٽرن جو فاصلو هو. وري اُتان فرئنڪفرٽ کان واشنگٽن ڊي.سي. ڇهه هزار پنج سئو پنجيتاليهه ڪن ٿيندا. پهريون ڀيرو آمريڪا سفر دوران جڏهن سمنڊ مٿان جهاز هلي پيو ته هيٺ پاڻي ڏسي جان نڪري رهي هئي. اوچتو واشنگٽن لهڻ وقت زوردار رڙيون واڪا، چيٽون ٿيون مان ڏڪي ويس الائي ڇا ٿيو، نه ڄاڻ ته فلائيٽ ۾ موجود ماڻهن سفر دوران سک سان پهچڻ تي خوشين جو اظهار ڪري رهيا هئا، ڀُنيان ڪيترا نوجوان ويٺا زوردار تاڙيون وڃائڻ لڳا. ڪجهه دير اڳ جيڪو ساهُ مُٺ ۾ هو، اُن مان نجات ملي، اڪيلائپ ۾ پنهنجو پاڻ تي ڪلي ڏنم. اُتان هاليڊي-اِن هوٽل ۾ پُهتس. ڊاڪٽر سرفراز ميمڻ سان ڳالهه ٿي. مان اُن ڪانپوءِ پلنگ تي وڃي ڪريس. ٻئي ڏينهن ڪمري جي فون جون گهنٽيون پيون وڃن، مونکي اصلُ هوش ئي ڪانه هو.

جولائي 1990ع کان 15 جولائي تائين سانا جي ڇهين سالياني ڪانفرنس هوٽل هاليڊي-اِن ۾ رکيل هئي. اُن ڪانفرنس ۾ 31 پروفيسر امينا خميساڻي، جناب عبدالله شاه، جناب حفيظ پيرزادو ۽ ٻيا ڪيترا آيل هئا. اُن وقت سانا جو پريزيڊنٽ جناب خالد هشماڻي هو. ڊاڪٽر دوداڻي، شنڪر لڪاني، آدرش سنڌي، ڊاڪٽر آفتاب قاضي، ڊاڪٽر سرفراز ميمڻ، ڊاڪٽر بدر شيخ، ڊاڪٽر رزاق ميمڻ، منظور ميمڻ، اقبال ترين، انور شيخ، عبدالرحمان سومرو، جاويد لغاري ۽ ٻيا ڪيترا جُڙيل هئا.

منهنجي سُٺي سارسنڀال لڌائون. ڊاڪٽر دوداڻي جا ٿورا، جن وقت به وقت ياد ڪيو آهي. بحث ۾ منظور ميمڻ، ڊاڪٽر وقاصي، جناب انور شيخ، مسٽر انصاري ۽ مٿين سڄڻن کان علاوه ٻين سڄڻن حصو ورتو. سائيم جي.ايم. سيد جي سياست ۽ ٻين موضوعن تي بحث رهيو، ڪجھ ذڪر پنهنجي آرٽيڪل ۾ اڳم ڪري چُڪي آهيان. مون جڏهن ويچار پيش ڪيا ته پروفيسر امينا خميساڻيءَ شاباس ڏني، ڪيس آواز به پسند پيو. بشير پنڊ طرفان ميامي جي دعوت رهي ۽ ڊزني-ورلڊ ڏسڻ جو موقعو مليو. ميامي ۾ هن سنڌ واري ڪچهريءَ جو بندوبست ڪيو هو. ڪاڏو به سنڌ وارو ۽ اُهو به پنهنجي هٿن سان تيار ڪيل، حالانڪ هن جو فاسٽ-فوڊ واريون موٽيلس هيون، سندس گرل فرينڊ حيران ٿي ته اهڙي ڪهڙي اهم شخصيت آهي جنهن جو هو خود ڌيان رکي رهيو آهي. پنهنجي ڳوٺ دادوءَ جا حال احوال ۽ امريڪا ۾ رهندڙ سنڌي نوجوانن جي پنهنجي سنڌ واري ماحول کي ياد ڪرڻ ۽ هتي جذباتي طور پاڻ کي دٻاءُ هيٺ محسوس ڪرڻ.

الطاف ميمڻ ۽ سندس گهرواريءَ ڪافي وقت ڏنو، نه صرف اهو پر جيجي زرينا بلوچ، اياز لطيف پليجو ۽ مونکي پنهنجي گهر هلي ٽڪڻ لاءِ چيو. شنڪر لڪاني پنهنجي گهرواريءَ سان مُلاقات ڪرائي، تمام سُٺو چوڪرو آهي، صبح جو سائنس ميوزيم، نئشنل ايئر ائنڊ اسپيس ميوزيم ۽ شام جو پوسٽ آفيس ايوينيو ۾ ان جي ٻارن سان گذري، پُٽن جا نالا سُٺا رکيا هئائين، هڪ جو نالو بيجل هو. هدايت بلوچ، اسرار انصاري ۽ لندن مان آيل سڄڻ ۽ ان جي بيگم سان گڏ شاپنگ لاءِ وياسين. واشنگٽن ۾ اسپيس ميوزيم ۾ ئي چڱو وقت نڪري ويو.

ويٽنام جي جنگ ۾ مارجي ويل آمريڪي فوجين جي ياد ۾ ويٽنام وئٽرنس ميموريل اڏيو ويو آهي. اُن وقت ڪيترون زالون وئٽرن - مرد پنهنجن پنهنجن وچڙي ويلن کي ياد ڪري رهيا هئا. ان جي خاص ڳالھ اِها آهي ته اهو يادگار ويٽنام جي وار جي چئرٽيبل تنظيم جي (27 اپريل 1979ع) سوچ جو نتيجو آهي. آمريڪا جي جيڪا جنگ تي پاليسي هئي اُن کان ڪنارو ڪري صرف شهيدن ۽ جيڪي جنگ ۾ لاپتا ٿي ويا، يا جن کي جنگي قيدي بڻايو ويو، تن جي ياد قائم رکڻ لاءِ اڏيو ويو آهي. ان يادگار لاءِ امريڪي ڪانگريس پهرين جولائي 1980ع تي منظوري ڏني، ان جي ڊزائين جي سلسلي ۾ قومي سطح تي کلي چٽاپيٽي رکي وئي جنهن ۾ ارڙهن سالن کان وٺي مٿي جي چمار جا ماڻهو شرڪت ڪري سگهن پيا. ان لاءِ 1421 داخلائون مليون جنهن مان اِيٽن جي 21 سالن جي هڪ چوڪري جيڪا يونيورسٽيءَ جي شاگرد هئي. مايا-ينگ-لئن تنهن جي داخلا عالمي طور تسليم شده فنڪارن ۽ ڊزائينرن تي آڌارت اٺن ججن جي پئنل منظوري ڏني. جيڪي پٿر جون مورتيون آهن سي واشنگٽن جي بُت تراش فئڊرڪ-هارٽ جون تيار ڪيل آهن. يارهين مارچ 1982ع تي ان ميموريل جي ڊزائين ۽ نقشي کي منظوري ڏني وئي. 26 تاريخ مارچ تي کوٽائي شروع ڪري ان ڀت (ديوار) کي آڪٽوبر ۾ مڪمل ڪيو ويو ۽ يارهين نومبر تي امريڪي صدر کي سونپيو ويو، جنهن تي 70 لک امريڪي ڊالر لاڳت لڳي، جيڪا رقم ٻه لک پنجهتر هزار رضاڪارانه تنظيمن، وئٽرنس جي يونين، ڪارپوريشنس، فائونڊيشن ۽ انفرادي طور آمريڪي فردن جي دان نومبر 1982ع تي سمرپڻ ڪيو ويو، 1984ع ۾ آدم قد نما هٿيارن (13) ذريعي گڏ ڪئي وئي. هيءُ يادگار قوم کي تيرهين سان ورديءَ ۾ فوجين جون مورتيون شامل ڪيون. ان ڀت جي ڊيگھ 246075 فُٽ آهي، ان لاءِ گرينائيڊ جو پٿر ڀارت جي بئنگلور شهر مان گهرايو ويو هو.

واشنگٽن جي پهرين صدر جي ياد ۾ واشنگٽن يادگار به سيلانين جي ڪشش جو باعث آهي. وطن لاءِ ڪيل خدمتن جي احترام طور اهو اڏيو ويو آهي. فوج جي ننڍي ٽڪڙيءَ جي ڪمانڊر طور جيڪو ننڍين ٻئنڪن جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو هو، جنگ جي پهرين ٽن سالن اندر ئي هن اهم سوڀون حاصل ڪيون. تاريخ ۾ اهم جاءِ والاري ۽ عوام جي دلين تي راڄ ڪيو. سندس قول هو : سالميت ۽ مضبوطي! ان جي ڊزائين رابرٽ ملس تيار ڪئي. ڪجھ ڦير گهير به ٿي. پنج سئو پنجونجاھ فُٽن کان مٿي آهي ۽ هيٺ ڀت جي ويڪر (ٿولھ) اٽڪل پندرهان فُٽ بيان ڪئي ٿي وڃي، ان يادگار جو وزن نوي هزار اٺ سئو چئونجاھ ٽاڻايل آهي. جارج واشنگٽن جي وفات وقت اهو ويچار ڪانگريس کي 1783ع ۾ آيو پر ان تي پيروي ڪانه ٿي، وري 1833ع تي برک شخصيتن ويچار کي اڳتي وڌايو، 1874ع ۾ ڪجھ سلسلي کي اڳتي وڌايو ويو، وري سياسي ويڙھ ڪري رنڊڪ پئي، اُتر ڏکڻ جي ناسازگريءَ جو نتيجو گهرو جنگ رهي جنهن ته ماڳي ئي تعميري ڪم کي ٺپ ڪري ڇڏيو. 25 سالن تائين اهو روڪيل رهيو. نيٺ 21 فئبروري 1885ع تي مڪمل ڪيو ويو. نائين (9) آڪٽوبر 1888ع تي عوام لاءِ کوليو ويو. اتي پهرين اِليويٽر ٻاڦ وارو هو، 1901ع تائين استعمال ڪيو ويو.

مان اُتان (17) سترهين جولائي تي .دنيا جي سُپر پاور مُلڪ جي رهائشگاھ وائيٽ هائوس جو درشن ڪرڻ به نصيب ٿيو

نڪتس. 19 جولائي تي مِيامي بيچُن جو سير سپاٿو. مِياميءَ ۾ هڪ ٻئي جي مٿان برجس ٺهيل آهن. ٽرئفڪ تمام ئي روانيءَ سان هلي ٿو. سيونمائيلس برجس اتي اُن وقت ٻُڌايو ويو ته تقريبن هڪُ هزار سنڌي رهن ٿا. ٻه سنڌي گُردوارا آهن، هڪ مسجد آهي. سنڌي ڪاروبارن ۾ پورا آهن، صرف ڌارمڪ ڏينهن چيٽي چنڊ يا ڏياريءَ وغيره جا فنڪشن ڪن ٿا. 18 جولائي تي ڪار ذريعي ڊيسني ورلڊ لاءِ روانگي ٿي. ادي بشير وٽ هڪُ جونيئر سنڌي ڇوڪرو اختر نالي سان هو، تنهن مئجڪ هائوس، ايم.جي.ايم. اسٽوڊيو جتي شوٽنگ جا اِفيڪٽس ورتا ويندا .تي ڊيسني ورلڊ ڏيکارڻ جي هن جوابداري رکي آهن ۽ ڪارٽون ڪيئن ٺهندا آهن اُهو مرحلو ڏٺو. ايم.جي.ايم. اسٽوڊيو ۾ مِني ريل ۾ جڏهن سير ڪرائي چاڻ ڏيئي رهيا هئا ته اوچتو ٻاهه جا اولا، ڇپيون جيان اسان جي قريب اچڻ لڳا، سپئي سيلاني ڊڄي ويا پر نقصان نه ٿيو، بگ-ٿنڊر-مائونٽين-ريل رود؛ اهو فلم ۾ هڪ ائفيڪٽ وارو سِين هو، ان ائڊوينچر ۾ ڪيترن جون شيون گُم ٿي وينديون آهن، ڪِن جا چشما، ڪِن جون هئٽس ڦهڪو ڪري، ڪري پون. سفر دوران انهن کي سنڀالي پاڻ وٽ رکڻ ۽ مقرر فاصلي تي رهڻ هدايت ٻه ڏني ويندي آهي. پاڻيءَ ۾ بمبازيءَ وارو اِفيڪٽ ساڳيءَ طرح مَلٽي اسٽوري بلڊنگ، ان طرح جي ننڍڙي هئي، ننڍڙيون اڄ پارٽ ٻه فلمي ڪيتر ۾ وڏي ترقي ڪئي آهي. ڊيسني ايم.جي.ايم. اسٽوڊيو جا .دريون، انهن جا ڪيئن ٿا اِفيڪٽس وٺن ائڊوينچر، والٽ ڊيسنيءَ جي ننڍپڻ کان وٺي ان جي موجود اڏڻ واري مرحلي تائين چاڻ، ڪن فلمن ۾ سنڊس آواز ذريعي بيان. اتي هال-آف-پريزيڊنٽس ۾ اَمريڪا جي تاريخ ۾ هيل تائين ٿيل پريزيڊنٽن جو احوال بيان ڪيو وڃي ٿو.

سميلن کان پهرين آرلئنڊو جي سفر جو مختصر ذڪر انڪري ڪيو جو پهريون پيرو اُتي 1990ع ۾ سانا جي ڪانفرنس ڪري اچڻ ٿيو. سن 1999 ۾ سنڌي سميلن جي ڪري وري اتي اچڻ ٿيو. 28 جولائي تي پنجي بجي نيويارڪ پهچڻ ڪانپوءِ مڪاني فلائيٽ ذريعي آرلئنڊو روانگي هئي. گلو خشڪ ٿي رهيو هو، فلائيٽ ۾ پهريون ڪمُ ٻه ٽي گلاس پاڻي ۽ جوس جا پيتم، دل ڌڪ ڌڪ پئي ڪري، رات ٿي چڪي هئي. ڏهين بجي فلائيٽ اتي پهچڻي هئي، سفر دوران جيڪي هوائي جهاز گولاٽيون کارايون تن اصلُ ساهُ مُٺ ۾ ڪري ڇڏيو، هيٺ پاڻيءَ تي نظر پوڻ سان هانوءُ ڪاچي ٿي ويو، مونکي ترڻ ايندو ڪونه آهي، من اندر ڪئي خوف...... چڻُ جي ترڻ اچي ها ته تري پار پوان...... پنهنجي نادانيءَ تي کهڙو ردي عمل ڏيان.

خير سان 28 جولائي رات جو ڏهين بجي اتي پهتس، هوائي اڏي تي سميلن جو ميمبر مسٽر هريش منگهناني وٺڻ آيو، تڏهن ڪجھ ساهُ پيو. هوٽل ۾ وملا تواري ملي جيڪا پڻ اُن وقت پهتي هئي، جنهن تي ڪلچرل پروگرام جي جوابداري هئي هن سان گڏ سنڊس مُسلم پاڪستاني ساهڙي ٻه هئي. رات جو ڪافي دير ڪانپوءِ ننڊ آئي ٿڪاوٽ ٻه زبردست هئي. اُتي لڪشمي ڪرپلاڻيءَ سان ٻه مُلاقات ٿي جنهن کي ڪويتا لکڻ جو شونق هو، ڪجھ ڪويتائون پڙهڻ لاءِ ڏنائين. ٻئي ڏهاڙي لنچ هڪ انڊين ريسٽورينٽ ۾ رکيل هئي.

جيئن ته سميلن جو بندوبست رتنا گدواڻيءَ کي ڪرڻو هو، اُن سان ڳالهه ٻولهه ٿي. صدر شري پريم لالواڻي ۽ وملا تواريءَ منهنجو سامان پنهنجي ڪار ۾ رکيو، ٻاهريان ڊيليگيٽس اچي چڪا هئا. ٽي چار ڪلاڪ ڪمري جي انتظار ۾ ان دوران ڪيترا چاتل سُچاتل مليا پر منهنجو ساهُ ته پنهنجي بيگين ۾ اٽڪيل هو، انڪري نه ته اُن ۾ ڪي هيرا جواهر هئا پر، اُن ۾ سميلن دوران جيڪو فئشن شو مونکي پيش ڪرڻو هو، اُهو سامان هو. پنهنجي پريشانيءَ جو کهڙو بيان ڪريان، بس لطيف سائينءَ جون هيءُ سٽون منهنجي اُن وقت جي حالت جون ترجماني آهن.

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪرايان ذري
لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ڏري. ( شاه )

**امريڪا ۾ سنڌڙيءَ جو سيرُ**

ٻن ڏينهن جو هيءُ ڇهون سميلن 30 جولائي 1999ع کان پهرين آگسٽ تائين هو. 30 جولائي تي ان جو افتتاح ٿيو. ان موقعي تي افسوسناڪ حادثو پڻ ٿيو آهوجا ڪٽمب جا ٽي ڀاتي ڪار حادثي ۾ گذاري ويا. سميلن ۾ شريڪ ٿيندڙ سڀني سندن پهرين ڏينهن تي انيلا سندر ۽ .آتما جي شانتي لاءِ ۽ ڪٽمب جي ٻين ڀاتين سان ڏک جو اظهار ڪندي شرڌانجلي پيش ڪئي ٻين ڪلاڪارن جو پروگرام رکيل هو. ڳائيندڙ فنڪارا تيجي پوڃواڻيءَ ۽ سنڌ جي ڳائيندڙ فنڪار مظهر حسين پنهنجي مخصوص انداز ۾ حاضرين کي موهي ڇڏيو. شاه لطيف جا ڪلام، انڪانسواءِ نج سنڌي سنگيت، جنهن ۾ مٽيءَ جي مهڪ

سمايل هئي ان جي رنگ ۾ سپني کي رنگي ڇڏيو. هڪ طرف تاڙين جي زوردار گونج هئي ته ٻئي طرف سنگيت جي لئه ۽ تال تي سنڌيت پريمين جي جُهمر ۽ جمالو هو، چنچر صبح جو دادا لڇمڻ چيلارام جو ڪيرتن ۽ گرٻاڻي هئي. سميلن ۾ آيل وڏي تعداد ۾ عورتن، مردن شرڌا ۽ پريم سان آساوادي ڪيرتن جو آنند ماڻيو.

چنچر ڏهاڙي مختلف سنڌي اڳواڻن سميلن کي خطاب ڪيو. پهرين سميلن جي چيئرمين شري پريم لالواڻيءَ سميلن جي باري ۾ ۽ اُن جي ڪمن تي روشني وڌي. انڪانپوءِ مشهور قانوندان ۽ وزير شري رام چيٺملاڻي خطاب ڪيو، جنهن پنهنجي تهذيب تمندن ۽ ٻولي کي زنده رکڻ ، سنڌي جاتيءَ کي ايڪي قائم رکڻ جو سڏ ڏنو. ڪشمير ۾ شهيد ٿيل نوجوانن کي عقيدت پيش ڪندي، پاڙيسري مُلڪ کي پنهنجي ناپاڪ ارادن کان باز رهڻ لاءِ چيو. ميمبر پارليامينٽ شري سُريش ڪيسواڻي، دنيا جي مشهور معروف ڪُٽمب هندوجا پائرن مان شري پرڪاش هندوجا ۽ ڊاڪٽر ستيش روهڙا به خطاب ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر گُل آغا سنڌ جا تاريخي ۽ ٻيا مرڪز سُهڻي نموني پروجيڪٽر تي ڏيکاريا. يوٿ پروگرام الڳ رکيو ويو، دراصل اُن پُنيان مقصد زندگيءَ جي همسفر جي چونڊ وارو رهيو، جو اتي مٿي مائٽيءَ لاءِ مائٽن کي بيحد پريشاني ٿئي ٿي، اُنهن لاءِ هيءُ سميلن سُنهرو موقعو آهي.

سميلن ۾ سنڌي ڪتابن ۽ ڪئسٽن جو نماءُ ۽ وڪرو به ڪيو ويو. اسٽال تي آدرش سنڌي عرف الطاف ميمڻ، منور لغاري، ڊاڪٽر ستيش روهڙا سنڌي سنگيت ۽ ساهتيه جي ڄاڻ ڏيئي رهيا هئا. شام جو سنڌي لباسن تي آڌارت فئشن شو رکيل هو، جنهن لاءِ سميلن طرفان مونکي خاص نينڊ مليل هئي. اهو پروجيڪٽ تمام ڏکيو ۽ للڪار پريو هو. ان ۾ وڏو پورهيومنهنجي مُربي پيڻ پروميلا شرما جو شامل هو. مون ريسرچ ڪئي، مٽيريل جي چونڊ، سنڌ مان ڪپڙو، پرت پريل گج، ٽوپي، گُل واري جُتي، اجرڪون ڪٿو، پرٽ پريل روا گهرائڻ ڪو سولو ڪمُ نه هو. ان فئشن شو لاءِ رنگن جي چونڊ، آج جون ٻاهيون، زيور، مئچنگ پوتيون (چڪني جو رئو) سنڌي ٽوپيون، پڳت ڪنوررام جو جامو ۽ پڳ، لباسن تي آڌارت (ڪمينٽري) نريشن لکڻُ، جنهن ۾ لباسن متعلق شاه جي شعرن جي چونڊ، ان پروجيڪٽ ۾ منهنجي سياڻي پيڻ شالني به ٻانهه ٻيلي ٿي بيٺي، چوڻي آهي همٿين مردان مددي خدا. گجرات مان روايتي شيون آڻڻ جي جوابداري شالنيءَ تي وڌي، جئپور، اجمير، بڙودي جو ذمو مون پاڻ تي وڌو. پروميلا تي هر روز درزيءَ وٽ ٽن مهينن تائين اچ وڃ ڪرڻ جو ڪمُ ۽ چاندني ڊاڪٽر دوداڻيءَ جو شونق هو ته مان اهو پروجيڪٽ .چوڪ مان ٽوپيون ٺهرائي اچڻ ۽ ٻيو ڪمُ وڌو. ڪئي مرحلا هئا ڪريان، اڳين سميلن ۾ به هڪ طرح جي پروجيڪٽ جي صلاح ڏني، پر ان وقت عمل ۾ اُهو پروجيڪٽ ڪونه آيو. وملا تواريءَ جو خط ۽ به ٽي ڀيرا فون آيو. هڪُ ڀيرو رتنا گدواڻيءَ جو فون آيو ته ان طرح جو فئشن شو تون ڪنديءَ يا نه؟ ڊاڪٽر دوداڻيءَ فئبروريءَ ڌاري دهليءَ آيا مون سان ڪرزن روڊ تي روبرو گڏجاڻي به ٿي، اُنهن جو مون تي اعتماد، مون کين ٻُڌايو مميءَ جي طبعيت ٺيڪ به ڪانه آهي، توهان جو منهنجي ٽئلنٽ تي ڀروسو آهي، ان لاءِ توهان کي يقين ٿي ڏياريان ته اگر ڪمُ ڪٽندس ته نڀائيندس، مان وملا تواريءَ سان رابطو رکان ٿي. اها گڏجاڻي شايد ڪلاڪ کان به گهٽ رهي. ان وچ ۾ منهنجي امڙ مونکان وڇڙي پرماتما وٽ هلي وئي.

مان دهليءَ مان جون ۾ نڪتس، سميلن لاءِ تيار ڪيل ايڏو سامان ويه ٻاويه وڳا ۽ ٻيو سامانُ، سفر جا ڏک ڏولاوا، مٿان ٻيون فارميلٽيز، بيگون گهليندي گهليندي ٻانهون سُور ڪري رهيون هيون. مون پنهنجا ته صرف پنج ست ئي وڳا کنيا هئا، هڪ فلائيٽ مٽائي وري ٻي...... خير سان سميلن تي پهچي ويس. انڪانپوءِ آيو مرحلو ماڊل چونڊڻ جو. مسز رتنا گدواڻيءَ کي ڳولهي لهڻ مُشڪل ائين ته ماشاالله! ڀاري پرڪم جسم ڪا لکڻ جهڙي عورت ڪانه پر سميلن ۾ ايترو مصروف جو چوڻ کان ٻاهر. ڪمري جي انتظار ۾ ڪئي ڪلاڪ اُوسيئڙو...... سامان وملا تواريءَ جي ڪار ۾...... منهنجي دل ڌڪ ڌڪ پئي ڪري، ڪٿي ڪا چيز نه گم ٿئي ته سڄو سلسلو ٽٽي ويندو. مس مس ڪمرو مليو...... فهرست تيار ڪيم، ماڊل ملڻ مُشڪل، آخر پاڻ سميلن ۾ آيل چوڪرن چوڪرين، مرد زالن کي چوڻ شروع ڪيم، ڪن قبوليو... ڪن مجبوري ظاهر ڪئي...، ڪن رتنا گدواڻيءَ طرفان (مڪاني) آرلئنڊو جي ڪيترين شخصيتن کي نظرانداز ڪرڻ تي، اُنهن طرفان ، ڪيترن کي مون عرض ڪيو توهين مون ڏئي ڏسو، منهنجي مدد ......سميلن کان پري رهڻ واري مجبوري بيان ڪئي ڪريو، پنهنجي ٻارن کي هن سُٺي ڪم لاءِ همٿايو. نيٺ ڪن کي رحم آيو، چيائون توهان سنڌيت جو ايڏو وڏو ڪاريه ڪري رهيا آهيو توهانجي مدد ڪنداسين، ٻارن کي توهانجي ڪري فئشن شو ۾ شامل ٿيڻ ڏينداسين. فئشن شو جو مون کين !عنوان، 'اسان جو ورثو - سنڌ جا لباس' لکي موڪليو هو، اُن جي جاءِ تي صرف فئشن-شو لکيو ويو - خير هواڏانهن وملا تواريءَ اندو ميرا پوريءَ سان مُلاقات ڪرائي، تنهن به ڪن نوجوان چوڪرن چوڪرين کي حصو وٺڻ لاءِ

هِمٿايو، سچ پچ مان هن جي به ٿورائتي آهيان. ويه ٻاويه ماڊل ڇوڪريون ڪانپوءِ ڪين لباس ۽ ان جي پسِمنظر جي باري ۾ سمجهائڻ شروع ڪيم، ڪن کي سمجھ ۾ آيو ته ڪن کي سنڌي ٻولي ئي سمجھ ۾ نه پئي اچي. وڏي مُصيبت اها جو ريهرسل ڪرائڻ لاءِ ڪا جاءِ ئي نه ملي ته ڪٿي به منٽ ماڊلس کي هلڻ ۽ نماءُ وارو انداز چڱيءَ طرح سمجهائي سگهان، جي اسٽيج تي وڃن پيا ته انيلا سندر جو ڏنڊو کين لڳي پيو، ته هيڏانهن نه اچو منهنجو سامان ٿو چوري ٿئي، منهنجو شو ٿو خراب ٿئي. هڪ ڇوڪريءَ کي اهڙي دٻ ڪيائين جو اُها روئندي آئي، مون کيس چيو تون پنهنجو موڊ آف نه ڪر تنهنجي پيشڪش تي اثر پوندو، نيٺ کين ٻاهر لابي ۾ گڏ ڪري، مومينٽ ۽ ائڪشن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. تيار ٿيڻ لاءِ مئڪپ روم ۽ چينج فئسلٽي کان محروم هر هڪُ ماڊل، ليڊيز ۽ جينٽس باٿروم ۾ وڃي تيار ٿي پئي آيو. انڊيا مان دريانومل جاني آيو هو، تنهن کي اُن وقت گهلي رول ڪرايم. مٿان مُصيبت اها ڪڙڪي جو آخري گهڙيءَ تي هڪ ٻن چيو، اسين نه ڪري سگهنداسين، ٺپ جواب ڏيئي بيٺا. نيٺ سميلن جي وائيس چيئرمين جي نوجوان پُٽ کي اُن وقت ئي تيار ڪيم، هڪ ڇوڪريءَ کي چيم ته هاڻي مان توکي اجازت بلڪل نه ڏيندس، توکي هر حال ۾ شو ۾ حصو وٺڻو آهي. جن مرحلن مان گذرڻو پيو اُن جو هتي بيان ڪرڻ مُشڪل آهي.

جڏهن پروگرام شروع ٿيو، ته امر شهيد ڀڳت ڪنوررام جي صدابهار آواز ۾ نالي الک جي بيڙو تار...... جي ڪلام جي ائيفيڪٽس سان، ڪنور جي جامي ۽ ڳاڙهي پڳڙيءَ وارو لباس پهريل...... اسان جو ورثو - سنڌ جي لباسن تي آڌارت فئشن شو جو سلسلو شروع ٿيو...... سنڌ جي لباسن ۾ منچ تي ايندڙ ماڊل حاضرين جو منُ موهيندي ٿئي ويا. پيشگير ۽ جهبلو، پڙو پرٽ پريل رئو...... سوڙهن پاچن واري سُٿڻ، چريل ڪُڙتو ڦندڻن وارو رئو، ڏوتي ٽوپي بوڇڻُ پهريل اجرڪ ٽوپي... پرٽ پريل گج... مارون سان نيہ جو ناتو نڀائڻ واري ...ڪاڪو... ٽري گهگهرو... بروچڪو گهگو سنڌ جو پورهيت... هاري ...سُهڻي-ميهار ۽ آزادي جي دور جي ڪاڏهي ته ٻئي طرف انگريزن جي دور جو لباس ...مارئي ناري... سنڌ جا پرٽ... ورهاڱي کان اڳ فلمي دور جو سنڌ جي وڏ گهراڻين ڇوڪرين جي لباس تي پوندڙ اثر... پُنيان الغوزي تي لوڪ سنگيت جي ڌن ۽ جيجل جي مٺڙي ٻوليءَ ۾ انهن لباسن جو احوال.

مون سوچيو هو ته مان پردي پٺيان رهي آواز سائونڊ ائيفيڪٽس ۽ لائيٽنگ وغيره طرف به ڌيان ڏيندس، پر هتي ان طرح جي اسٽيج جي سهوليت نه ملي. آخر ۾ سڀني ماڊلن جي منچ تي موجودگي ۽ سدائين گڏ جي صدا، سنڌي تهذيب ۽ ڪلچر جي تاريخ ۾ هن انوکي يگاني ۽ ڀرپور طرح جي فئشن شو اَمريڪا جي ڇهين سنڌي سميلن ۾ سنڌيت پريمين جو من موهي ڇڏيو. سڀني ماڊلس جا ٿورا...... لک احسان! جن منهنجي تخليقي سوچ ۽ فن کي نڀائڻ جي ٿوري وقت اندر محنت ڪري پورهيو برثواب ڪيو. من ۾ مهراڻ جي ڇولين جون اُڇلون... ان جو احساسُ اُن وقت ٿيو جڏهن امريڪا ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيلن ڪيترن مُبارڪباد ڏني، ڇيائون پيڻ توهان ته امريڪا جهڙي مُلڪ ۾ سنڌڙيءَ جو سيرُ ڪرايو. ڪي ڇاتل سُڃاتل ته ڪن جي نالن کان اڻ واقف، اُن وقت مونکي خوشي محسوس ٿي ته ڊاڪٽر دوداڻي جنهن اعتماد ظاهر ڪيو مان اُن جي اُميدن تي کري ثابت ٿيس. سندس گهرواري تمام نيڪ عورت ٻنهي زال مڙسن کي سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر سان پيار آهي، سنڌي هئڻ تي ناز آهي. دادا لڇمڻ چيلارام چيو مونکي خبر ئي ڪانه هئي ته توکي اهڙي ذات ۽ ڏانو مليل آهي. ڪيترن بروقت لباس خريد ڪرڻ جي آڇ ڪئي. مون کين چيو اها پراپرٽي سميلن وارن جي آهي، توهين وملا تواريءَ کان خريد ڪيو. جنهن ڀڳت ڪنوررام جي ڀهراءُ جو شو ۾ نُماءُ ڪيو، تنهن چيو مان هيءُ لباس نه ڏيندس، هن سئو ڊالر وملا تواريءَ کيس سچو .کي هٿ ۾ ڪري ڏنا. مون وملا تواريءَ کي چيو توهان مونکان پنهنجي امانت مهرباني ڪري سنڀالي وٺو سامان ڏيڻ ڪانپوءِ ائين لڳو ڄڻُ سنڌوءَ ۾ ٽٻي لڳايم.

جن ماڊلس شرڪت ڪئي سي هئا : نانڪ لاهوري، ڪملا لالا، چندرا رام سنگهاڻي، نيتا ڪيملاڻي، دريانومل جاني، رنڪو منگناني، پنڪي نارواني، انيل درياني، پون خوبچنداني، بسنتي رچنداڻي، وشال ميرپوري، سنجيه گلاباني، پريتي ڪياڻي، ريما داسواڻي، نمرتا آڏواڻي، پرتاپ رام سنگهاني، ممتا آڏواڻي، لينا سوڪواڻي، پوجا ڪياڻي، جيا چنديراماڻي، ديپا ڪرپلاني ،مومل پنجابي آشا چاند جي ڌيءَ سندري ۽ آتم جي ڏوهٽي وغيره.

ڊاڪٽر دوداڻي هندواسيءَ ۾ ڇپيل پنهنجي سميلن واري رپورٽ ۾ لکيو : وينا شرنگيءَ سنڌي وڳن ۽ پوشاڪن جو فئشن شو جي تحرير ۾ پيش ڪيو. ڏيڍ سئوُ سالن ۾ سنڌي لباس ڪيئن بدليو هو، وندرائيندڙ نموني سنگيت ۽ سمجهاڻي ڏيندي پيش ڪيائين. شاباس اها به ته اصلي ڪپڙا لٽا ڪٺا ڪري درزين کي هدايتون ڏيئي ويس، دهليءَ ۾ تيار ڪرايائين ۽ هتي ٻن ڏينهن ۾ 21 زالون مرد ڪٺا ڪري منچ تي آندائين.

اندو ميراپوري اُن بعد گڻيش وندنا جو پروگرام ڏنو. ڪاروائي آشا چاند سُهڻي نموني هلائي، سنگيت سمراٽ آچاريه ماسٽر چندر جي وڏي فرزند گوپ چندر، مهيش چندر، گوپ چندر جي ٻارن آرتي، هريش ۽ انيل سنگيت پريمين جي دل جيتي چڏي. سنگيت جي لئه ۽ تال هئي، پلئه پائي سيني لاءِ پرارٿنا ڪئي.

ڊاڪٽر ستيش روهڙا جن چيو، تو جيڪو شو پيش ڪيو تنهن لاءِ توکي واڌايون. رات جو جڏهن مان هوٽل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويس، مون بيحد رُنو، مونکي اُن ڪاميابيءَ تي پنهنجي امڙ جي ياد آئي، ته اگر هو حيات هجن ها ته ٻُڌي تمام خوش ٿين ها ۽ مان به فون ڪري اڄ رات جو حالُ اوريان ها.

ٻئي ڏينهن به آساودي ڪيرتن ڪيو ويو جنهن ۾ تمام سُٺي تعداد ۾ سنگت شرڌا سان شرڪت ڪئي. اُنڪانپوءِ جڏهن ڊيليگيٽس نيرن لاءِ پهتا ته چيائون نيرن ڪونه آهي صرف منجهند جي لنچ ٿيندي، جنهن تي ڪن سڄڻن جو پارو چڙهيو. آرتوار تي ڊاڪٽر دودي مهيريءَ سنڌين سان ناانصافي ۽ ٻه اکيائي وارين حالتن کان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ايندڙ سنڌين کي واقف ڪرايو. ڊاڪٽر دودي مهيريءَ پنهنجي جيل جي ڊائري- پلصراط ۾ لکيو آهي ته سندس ڪنن تي سائين جي.ايم.سيد جي قومي حقن جو پراڏو پيو، جنهن کان متاثر ٿي هلچل ۾ گهريو. جيل ڊائريءَ ۾ لکي ٿو، ڪراچي جيل ۾ مونکي ٽي سال رهڻا پيا. ان دوران مون سان وڏو حادثو، منهنجي پيءُ جي حادثي موت جو الميو سامهون آيو. نوڙي ڦاٽڪ دوارن امڙ به مون لاءِ منهنجي راهه ۾ مون تان پنهنجو پاڻ واري چڏيو.

مون مسڪين ڪاڻ مارو رنا چون هوندا؟

روئي نيڻ تن جا پنا چون هوندا؟

سنگيت محفل کي ڳائيندڙ فنڪار مظهر رونڪ بخشي، اُتي جي ڪلاڪار هيمراجاڻيءَ به سنگيت جو پروگرام ڏنو. ڳائيندڙ فنڪارن ۽ شرڪت ڪندڙن جي لئه ۽ تال جي سنگم...... سنڌ جي جي شادآباد رهڻ! ۽ هو جمالو جي گونج سان ڇهين سميلن کي الوداع ڪيو.

سميلن ۾ شرڪت ڪندڙن... بانيڪار...... ۽ ڪن چاتل سُڃاتل... ته ڪن سان پهرين مُلاقات...... ۽ فئشن شو جي حوالي سان چاڻ سُڃاڻ ٿي. وڏي ڀاءُ اشوڪ جي همڪلاسيءَ مسٽر ٽيڪم مٽائيءَ کي جڏهن خبر پئي ته مان شهدادڪوٽ جي آهيان ته هڪدم اچي چيائين ته اشوڪ مون سان گڏ قمبر ۾ پڙهندو هو، ان منزل تائين پهچڻ تي مُبارڪباد! ڏيندي چيو، اڄُ مونکي اوهان سان ملي بيحد خوشي ٿي آهي. رات جو ڪمري ۾ وڃي مون پئڪنگ ڪئي جو صبح جو سوير شڪاگو لاءِ روانگي هئي.

پورهيو سندو پورهيتن جو والي ڪيم وڃاءِ

**مهربان زندگي ...!**

( شڪاگو )

پهرين آگسٽ جي رات ۽ ٻي آگسٽ جي صبح ننڊ نيڻن مان اُڏامي وئي. صبح جي ساڍي ستين بجي فلائيٽ هئي. مون هوٽل جي اسٽاف وارن کي 4 بجي جو الارم لڳائڻ لاءِ چيو. مونکي ننڊ نه پئي آئي، مان اُنهن جي اُٿارڻ کان پهرين ئي سُجاڳ ٿي وئي هيس. سامان ته رات جو ئي پئڪ ڪري چڏيو هو، صرف نائيٽ سوٽ ئي وجهڻو هو، مون چانهه ناهي پر مونکي مزو نه آيو ڏُڪُ پري چڏي ڏنم. پنجين بجي اشوڪ کي فون ڪيم، اُن وقت مئبرڊ ۾ منجهند هئي، مونکي پڪ هئي ته هن وقت آفيس ۾ هوندو، جيئن ئي فون ملائي اشوڪ جو آواز ٻُڌم، سڄي بدن ۾ سيئاندي پئجي وئي، مون چيو اشو مان آهيان، فڪر منهنجو ساهُ اصل تو ڪڍي چڏيو. مون توکي فون ڪيو، توڏي فئڪس ۽ ناراضپي وچان چيائين - وينا ڪمال ٿي ڪرين ڪئي تنهنجي ڪا خبر نه چار، هوٽل وارن مونکي ڏهه منٽ هولڊ ڪرايو، انهيءَ جي باوجود توکي ڳولهي نه سگهيا، مون مون چيو، اشوڪ مان توسان ڪانٽيڪٽ ڪرڻ پئي چاهيان پر. آرگنائيزرس سان رابطو ڪيو پر تنهنجي ڪا خبر نه چار هتي ٽائيم جي فرق ڪري توسان ڳالهه ڪانه پئي ٿئي، ان کان علاوه سميلن دوران وچ مان نڪري به نه پئي سگهان، توکي شڪاگو پُهچڻ شرط فون ڪندس، اشوڪ پريشان هو سندس آواز ٻُڌي منهنجي دل به سُست ٿي وئي.

مون آرگنائيزر جي جوابدار پيڙ کي عرض ڪيو هو ته منهنجي ڀاءُ کي اي-ميل ڪري صرف هوٽل جي باري ۾ ٻُڌايو، هُو

مون سان پاڻ ئي رابطو ڪندو، پر افسوس آهي پهرين هڪ هوٽل ۾ پوءِ ٻيءَ ۾، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪمري جو انتظار جنهن ڪري اطلاع ئي نه ڏيئي سگهيس. مان ۽ اشوڪ جنهن پريشانيءَ مان گذرياسين، جن کي رتُ جي رشتن جو احساس هوندو سي ئي اندازو لڳائي سگهن ٿا......

مونکي هوٽل جو ڪمرو اصل ڪائڻ پيو اچي، مان هيٺ لابي ۾ پهچي ٽرانسپورٽ جو انتظار ڪرڻ لڳس، ٻيا به ڪيترا پنهنجي منزل طرف وڃڻ جي اوسيئڙي ۾ هئا، ڪي ننڍاڪڙا ته ڪي گهيرٽ ڪائي رهيا هئا، سميلن ۾ شرڪت ڪندڙ ڪيترا ڪُٽمب موجود هئا. ٽئڪسيءَ واري چيو هاڻي ٽئڪسي وڃي ٿي، پوءِ توهانکي ڪلاڪ ڪانپوءِ ٽرانسپورٽ ملندي، مون انڪار ته ڪيو، جو مسٽر هريش منگهناني مونکي چيو هو ته مان ايئرپورٽ تائين ڇڏي ايندس، وٽڻ به هوئي آيو هو. ايئرپورٽ طرف ويندڙ ٽرانسپورٽ جي وڃڻ ڪانپوءِ منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي ته اگر ڪيس ڪا مجبوري ٿي پوي ته، منهنجي فلائيٽ جو ڇا ٿيندو؟ جي ٻي ٽرانسپورٽ اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ملي ۽...... منهنجا خيال تيز طوفاني رفتار سان ڊوڙڻ لڳا. مون گهٻراهٽ وچان وملا تواريءَ کي ننڍ مان اُٿاريو، هن چيو تون فڪر نه ڪر، هريش جي چيو آهي ته اچي ويندو. مان اصل ٻُڏتر ۾...... من ۾ مُنجهارو...... سفر جي ان گهٻراهٽ جو پرديس ويندڙ اسان جهڙين شخصيتن کي احساسُ هوندو.

ڪجھ دير ڪانپوءِ منهنجي مسٽر هريش منگهنانيءَ تي نگاهه پئي ته مون سُک جو ساھُ کنيو. هن جي لابي ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين ئي بيگ گهلڻُ شروع ڪئي، هن بيگ ۽ ٿيلهو کڻي ٽئڪسيءَ ۾ رکيو. مون ڪيس چيو، مونکي انتظار هو ڪٿي دير نه ٿي وڃي. هن چيو شهر کان ٻاهر واري رستي تي ٽريفڪ ڪونه هوندو، اُتان ٿا هلون ايئرپورٽ طرف ويندڙ ان واٽ تي ساوڪ هئي، 1990ع ميامي ۽ آرلئنڊو ڪار ذريعي سفر ڪيو هو. بريڪ لڳڻ سان ماضيءَ جي يادين جو سلسلو به ٽٽي پيو.

سامان جهٽ روانو ڪري هن چيو توهان چانھ پيئندا. مون چيو نه، توهين پلي هلو. مان سندس ٿورائتي آهيان جو وقت ڪڍي وٽڻ ۽ ڇڏڻ آيو.

ڪلاڪ اندر هوائي جهاز سينٽ ليوس تي پهتو. اُتان فلائيٽ چينج ڪري شڪاگو لاءِ ورتي، سترهان سئو ايڪڙن تي ڦهليل اوُ-هيري هوائي اڏي تي روزانو ٻه لک مُسافر اچن ٿا، ٻه هزار ست سئو اُڏامن جي اچ وڃ آهي. پنجاهه هزار ته ورڪر آهن. سئو کان ته وڌيڪ دروازا آهن. هر ٽيهن سيڪنڊن ۾ ٻه هوائي جهاز لهُ چڙُهه (اُڏام) ڪن ٿا. بئگيج لاءِ جڏهن اُتي پهتس ته ڏسان منهنجي بيگ ۽ ٿيلهو ايئر-لائين جو ملازم ٽراليءَ ۾ کڻي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو، مان ڊوڙون پائيندي هُن کي اشارو ڪيو ته اهو منهنجو سامان آهي، هو اُتي ئي بيهي رهيو شايد مونکي پهچڻ ۾ دير ٿي، جيستائين مان پُڇا ڪري پهچان تيستائين سيئي مُسافر نڪري چُڪا هئا. هوائي جهاز ۽ سامان موڪلڻ ۽ چاڙهڻ، تيرهان ڪلوميٽرن جو مختلف جهازن تائين فاصلو آهي ۽ ان جي رفتار اهڙي جو اسان پارا پهچن پهچن سامان اڳ ۾ ئي موجود. هرهڪ منٽ ۾ پنج سئو تائين بئگيج ايڪسري مشين مان گذرن ٿا. اها انڊر-گرائونڊ بئگيج جي بندوبست واري جاءِ ايڏي ته وڏي آهي جو ان لاءِ چيو ٿو وڃي ته ٽن فوٽبال وارن گرائونڊس جي برابر آهي. سئو کان وڌيڪ ته دروازا آهن.

ايئرلائين جي مُلازم کي چيو مان ڪنهن جو انتظار ڪري رهي آهيان، تون منهنجي مدد ڪر سامان گيٽ تائين کڻي هل ته مهرباني ٿيندي. مان توکي ٽِپ ڏيندس حالانڪ مونکي سخت هدايت ڪئي وئي هئي ته سامان اڪيلو نه ڇڏج يا ڪنهن اجنبيءَ کي نه ڏج، سڀ ڏيئي سامان کڻي وينداآهن، سندس گلي ۾ شناختي ڪارڊ هو انڪري مونکي ڪجھ آٿتُ هو. گيٽ تائين هليو اُتي مونکي ڪوبه نظر نه آيو، مون ڪيس چيو ٻئي گيٽ تي هلي ڏسون، چڱو فاصلو هو، اُتي به ڪوئي نظر نه آيو. مون ڪيس چيو ته اجان اڳتي هلي ڏسون؟ هن چيو سڀني کي خبر آهي ته اهوئي گيٽ آهي اتي ئي ايندا آهن. منهنجي پريشاني ڏسي هو مونسان اُن گيٽ تائين به هليو، روڊ ڪراس ڪري ٻاهر ٽئڪسي تائين آيو. منهنجي پريشاني وڌڻ لڳي. ڊاڪٽر پروين الائي چو ڪونه پهتي، ڪو فلائيٽ جي ڏينهن يا ٽائيم جو مُنجهارو ته نه ٿيو...... مون چيو مونکي فون ڪرڻو آهي، ويچارو وري اندر وٺي آيو، فون تي آنٽي شيرن سان ڳالھ ٿي، چيائين ٻه ڇٽيون توکي ايئرپورٽ تي وٺڻ لاءِ نڪري چُڪيون آهن ڪٿي ٽريفڪ وغيرهه ڪري دير ٿي هوندن، ٻچا تون فڪر نه ڪر پهچي وينديون، آنٽي شيرين ڪوجا ڪُٽمب مان آهي. منهنجي امڙ سان گڏ ڪراچيءَ ۾ پڙهندي هئي، سندس شادي جوشي برهمڻ سان ٿي، جنهن ورهاڱي ڪانپوءِ پاڪستان ۾ رهي بهائي ڌرم اختيار ڪيو. ڪراچي ريڊيو تي سنسڪرت جو پروگرام ڏيندا هئا ۽ يونيورسٽي جا پيپر وغيره چيڪ ڪندا هئا. ممي ۽ آنٽي شيرين پينرن کان وڌيڪ نپايو.

ٿوري ئي وقت اندر ڊاڪٽر پروين ۽ هُن سان گڏ مٿي تي رئو ڪيل هڪ خاتون مُلياٽي جيان نظر آئي. ڪن پل لاءِ ائين لڳو امريڪا ۾ نه بلڪه ڪنهن اسلامي مُلڪ ۾ آهيان. ڊاڪٽر پروين مون سان تعارف ڪرايو. وينا هيءَ عمر جي سسُ ڊاڪٽر پروين پنهنجي گهوٽ ڊاڪٽر عارف، پنهنجي ڌيءَ هينا ۽ پُٽ عمر سان گڏ ڏهليءَ سال ڏيڍ اڳ آئي هئي. ممي .آهي کي چيائين ٻارن کي پنهنجي نانيءَ سان ملائڻ وٺي آئي آهيان ۽ توهانکي عمر جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻو آهي اُن جي نينڍ به آهي. عمر جي شادي پاڪستان جي پنجاب مان ۽ ڌيءَ جي شادي مدراس (انڊيا) جي مُسلم ڇوڪري سان ڪرائي آهي جيڪو هينا سان اُتي پڙهندو هو. پروين اُئوڪ برگ ۾ رهندي آهي. جيستائين اسين سندس گهر پهچون تيستائين هوءَ ڏهليءَ .جو ۽ اشوڪ جو حال احوال وٺندي رهي

گهر پهچڻ تي جڏهن آنٽي شيرين ملي ته سندس اکيون پرجي آيون. منهنجي امڙ ايشور کي پياري ٿي وئي ۽ آنٽي شيرين ماضيءَ جي يادين جي ڳنڙيءَ جو ٻارُ جهونن ڪُلهن تي لٺ جي سهاري ڍوئيندي پئي اچي. مميءَ سان ڏهليءَ ڪلاڪن جا ڪلاڪ فون تي ڳالهائيندي هئي، جڏهن گذري ويا ته فون تي پرچاٽيءَ وقت خوب رُنو، ممي سندس حال محرم هوندي هئي. منهنجي اچڻ تي بيحد خوش ٿي. ڊاڪٽر پروين چانهه پاڻي کڻڻ لاءِ وئي. ان وچ ۾ هڪ ٿلهي متاري اچي ڪاري ٻلي اچي منهنجي پير ۾ بيٺي. يڪ ٽڪ مونکي گهوري رهي هئي. آنٽي چيو ٻچا هيءُ پروين جي پاليل آهي، توکي سُڃاڻڻ جي ڪوشش پئي ڪري. ان وچ ۾ پروين چانهه کڻي آئي چيائين، ٽوئنڪل هيءَ وينا آهي، مون پيار وچان سڏ ڪيو، ٽئنڪل هيڏانهن اچ منهنجي سڏ جي انتظار ۾ هئي، يڪدم قريب اچي وئي، مٿي تي هٿ ڦيريومانس، بس اُنڪانپوءِ ته سُٺي دوستي ٿي !وئي. ڳالهين دوران پئي ڪمري مان ڪن تي مرداڻو آواز پيو، هلو

اسين ڊائننگ هال طرف آياسين ته وري ساڳيو مرداڻو آواز ڪن تي پيو، هلو! مون چيو پروين ڪير آهي؟ شيرين ۽ پروين کلي ڏنو. چيائون برڊي! مان جو اڳتي وڌي ڏسان ته پڃري ۾ هڪُ ٿلهو متارو طوطو ويٺو هو. اُن جي هلو! ڪرڻ جو اندازُ بس برڊيءَ جو سيٽيون وڄائڻُ شروع !!ماڻهن جيان هو. پروين چيو- برڊي، هيءَ وينا آهي. سيٽي وڄاءِ! سيٽي وڄاءِ ڪيون ته اصل ماٺ ئي نه ڪري...... مٿان ٺهڪن جو سلسلو...... ٺهڪ به ائين پيو ڏئي ڄڻُ ماڻهو جيان...... مون ٻڌائي رکيو آهي. چيائين اجان سها وغيره به پاليا هيم پر ڪي (Zoo) ڊاڪٽر پروين کي چيو تو گهر ۾ اصل چڙيا گهر جانور مري ويا، گفتگوءَ جو اهو سلسلو جاري هو ته مٿان هڪ ٻي سنهڙي سُڪڙي ٻلي آئي...... الله! هيءَ ٻي ٻلي!! افروز جي آهي. مون کلي چيو- تو واري ٻلي ٿلهي متاري آهي اصل امريڪي ماين جيان! -چيائين اها سنڌس ننڍي ڀيڻ دل مون چيو دل - افروز جي ٻلي اِسپينش جيان !......امريڪا ۾ ڪي اهڙيون ٿلهيون متاريون نظر انڊيون جو وڃي خير ٿين .هڏ ڪاٺ جي آهي. اصل سنهڙيون سُڪڙيون سِلم-فگر مينئين ڪرڻ جو جنون......! لڪڻُ وانگر پيون لچڪن .پروين چيو-ماني کائي تون آرام ڪر. ان وچ ۾ دل افروز جو فون آيو، پُڇيائين وينا پهتي؟ پروين فون ڪري مونکي ڏنو دل - افروز چيو وينا يقين نه ٿو اچي ڪيترن سالن بعد مُلاقات ٿي آهي. هوءَ بيحد خوش هئي. مون ڪيس چيو اڄُ شام جو اڄُ نه، هُن جو فلئٽ شڪاگو شهر ۾ پنهنجي ڪم ڪرڻ واري هاسپيٽل پرسان ۽ پروين اُوڪ-برگه ۾...... فاصلو ڪافي .چيائين آفيس کانپوءِ گهر پهچي ڏسان ٿي .هو

اُن ڏهاڙي دل - افروز جي سالگرهه هئي. مون ۽ هن لاءِ تاريخي ڏهاڙو پاڪستان مان مائيگريٽ ڪري جڏهن هندوستان آياسين تڏهن ڪراچيءَ ۾ سندس گهرئي پڇاڙيءَ وارا يادگار ڏهاڙا گڏ هئاسين. ڪٿي ٿي زندگي ملائي......! ست سمنڊ پار...... اُهو به ٻن ڏهاڪن کان مٿي عرصو گذري چڪو هو... جنهن ڏينهن ملياسين اُن ڏينهن سندس سالگره...... مون چيو اڄُ ته اها يادگار سالگره ٿيندي. چيائين مان آفيس کانپوءِ ايڏانهن اچان ٿي. آرام ڪرڻ جو ته سوال ئي ڪانه هو. ڳالهين ڪندي ڪل ئي نه پئي...... چانهه جو پيالو هٿ ۾ هو ته دل - افروز سامهون اچي بيٺي، چيائين يقين ئي نه ٿو اچي ته زندگيءَ ۾ ڪڏهن ائين مُلاقات ٿيندي...... مون چيو دل - افروز اڄُ مون لاءِ هيءَ تاريخي ڏينهن...... دلڪش حادثو هي...... ٻن مُلڪن جي سرحدن جي حدبندين جي فاصلي ۽ وقت جي وڇوٽي، زماني جي گردش ۽ واڇوڙي جي ضد سان ڍڪجي ويل ماضيءَ جا گذري ويل سُنهري پل نيڻن ۾ ڏيئن جيان جرڪي اُٿيا...... ولائت جي وڻن ۾ ديش جي ڪويل ڪُوڪي اُٿي...... ڪيڏو نه حسين اتفاق آهي، جو تنهنجي سالگرهه تي تنهنجي ئي گهر شڪاگو ۾ اُن ساڳي ڏينهن تي پهتي آهيان...... هڪُ ڏينهن دير به ٿي سگهي پئي...... يا هڪُ ڏينهن اڳ به پهچي سگهان پئي...... ڪڏهن زندگي ايڏي مهربان ٿي ويندي آهي جو ڪن پل ۾ برپٽ کي سرسبز باغ بڻائي ڇڏي...... سروءُ ۾ بهار جا گُل ٽڙي پون... برفيلين وادين ۾ تجلا ڏيندڙ سڄ طلوع ٿي، ڏڪندڙ جسم ۾ جذبن جي گرمائش آڻي ڇڏي...... بادلن ۾ گهريل آڪاش مان چنڊُ نمودار ٿي

......ذرتيءَ تي روشنيءَ جي چادر ڦهلائي ڇڏي...... سپني جا چهرا ٻهڪي اُٿيا

مون چيو دل - افروز تو لاءِ مون سِلڪ جي اسڪارف جو تحفو آندو آهي. اچوڪي ڏينهن تون ضرور پائي...... چيائين ضرور پائيندس. ان وچ ۾ آنٽي شيرين دل کان هڪُ ننڍڙو گفٽ باڪس ورتو، اُن مان سوني چين ڪڍي ڳچيءَ ۾ وڌائين...... مون چيو آنٽي مونکي نه کپي اڳ ۾ ئي مميءَ پنهنجا لاڪيٽ ۾ چين ڏني آهي، اُهي به لاڪر ۾ پيا آهن...... ڳچيءَ طرف هٿُ وڌائيندي چيائين نه منهنجو هٿُ نه موٽائي مان تنهنجي ماءُ برابر آهيان ٻچا تون نياڻي آهين قسمت سان هتي آئي آهين. پروين ۽ دل - افروز ٻئي هڪ طرف، تون امان جو هٿُ نه موٽاءِ تنهنجي اچڻ جي انتظار ۾ خوشيءَ ۾ ننڊ به نه ڪئي اٿائون...... منهنجي نه نه جي باوجود دل ڳچيءَ ۾ چين وجهي هُڪُ ڪري بند ڪيو. منهنجي اکين ۾ پاڻي تري آيو. آنٽي شيرين جي پيار ۾ مميءَ جي ممتا اُچلون ڏيئي رهي هئي، منهنجي زبان مان الفاظ ئي نه پيا نڪرن...... ڪجهه گهڙين جي خاموشيءَ ۾ ڪئي عڪس پسيا...... امڙ سان گڏ سيروسفر... خوشيون ۽ غم، پيار ۾ ناراضپو... ڪاوڙ ۽ !زندگي ۾ وڇوڙو... عام زندگيءَ جو هڪُ وڏو داستان... اتهاس ...سمجهاڻيون... ممتا جي هڪ شخصيت انيڪ روپ آنٽي شيرين، ڊاڪٽر پروين، ڊاڪٽر عارف، عمر ۽ سندس گهرواري، اسان سپني گڏجي ڪيڪ ڪٽي دل - افروز جي لامحدود خوشيون...... آنٽي، پروين ۽ دل جي نيڻن جي ......سالگرهه ملهائي. وطن کان دور محدود ڪٽمب جا پاتي چمڪاٽ ڪائنات کي روشن ڪري ڇڏيو...... دل مون وارو اسڪارف ڳچيءَ ۾ پاتو. پروين چيو اڄُ ٻاهر ماني .کائينداسين، شڪاگو ڊائون-ٽائون هلنداسين، آنٽي شيرين جي خوشيءَ جي انتها نه هئي

پروين ڊاڪٽر عارف کي چيو اسان کي شڪاگو ڊائون ٽائون ڇڏي پوءِ ان ساڳي هنڌ تان پڪ-اَپ ڪج، ڪار ۾ پروين چيو ڪو گيت ٻُڌاءِ! مون وراڻيو مونکي ڳائڻ ته ڪونه ايندو آهي ها باقي توهين ضرور ڳائيندا هئا، توهين ٻُڌايو. چيائين ڪهڙو، کلي چيائين، الله! توکي ياد آهي؟ ها ۾ جا گلا ......مون وراڻيو، اوُ ميري سونا ري سونا، ديدونگي جان جدا مت هونا ري ڳائيندو هو: چاند آهين پريگا ڦول دل ٿام لينگي، حسن ڪي بات چلي تو سپ تيرا نام لينگي...... جڏهن اسين ڪراچيءَ سندن گهر ويندا هئاسين ته دير رات تائين محفل مچندي هئي. ٻئي تمام سُٺو ڳائيندا هئا. ڊاڪٽر پروين چيو توهين به ساٿ ڏيو...... شڪاگو جي اُن يادگار رات جو اونچين عمارتن جي وچ مان طوفاني رفتار سان ڪار فاصلو طئهِ ڪندي ٿئي وئي... اسان سُر ۽ تال جي پرواهه بنا گيتن جو سلسلو شروع ڪيو...... هڪ اڌ ۾ ته بيو پنڌ ۾...... وچ ۾ ٽهڪن جي گونج...... واٽ تي کابي ساڄي پاسي ايندڙ عمارتن جي باري ۾ پروين ٻُڌائيندي ٿي هلي...... اونچائي کي ڇهندڙ رنگ ......برنگي ڦهارو...... ٿڌي هير...... روشنيءَ سان جگ مگائيندڙ شڪاگو جون اُونچيون عمارتون اسان جو پهريون پڙاءُ هينڪاڪ - آبزرويٽري واري عمارت هئي. اُتي هڪ عورت پُڇيو، توهان ڪٿان آيا آهيو؟ اسان پُڇيو اهو ڇا جي ڪري پُڇي رهي آهين؟ هن وراڻيو، اسين هتي ايندڙ (وزٽرس) جا انگ اکر گڏ ڪري رهيا آهيون ته ڪهڙي ڪهڙي مُلڪ مان ڪيترا ماڻهو اچن ٿا. پهريون نمبر جاپانين جو آهي، ان طرح ٻئين ۽ ٽئين نمبر وارن مُلڪن جا نالا بيان ڪيا...... اسين پنهنجي مستيءَ ۾...... پروين کي چيم تون منهنجو ته ٻڌائينس ها! انديا جي ديڻا ۾ هڪُ انگ جو .ته اضافو ٿئي ها، هن چيو مونکي ته اها ڳالهه ذيان ۾ ئي ڪونه آئي

اربين روپين سان اڏيل هيءَ اونچي عمارت جنهن کي هينڪاڪ آبزرويٽري ڪوٺيو وڃي ٿو. (94) چورانوي ماڙن واري هيءَ آڪاش جي بُلندين کي ڇهندڙ عمارت، هڪ هزار فوٽ اونچائي تان منظر...... (80) اَسي ميلن تائين شڪاگو جي چوگرد نظارو پسائي ٿي. ان جي دائري اندر چار اسٽيٽس اچن ٿيون. اسان لفٽ ذريعي ڪجهه ئي منٽن ۾ بُلندين کي ڇُهڻ لڳاسين...... شيشي جي دريءَ مان جڏهن نظارو پسيو ته من ٺري پيو، پروين هڪ وڏي جائنٽ-ويل طرف اشارو ڪندي چيو ته عمر جي شاديءَ جي اسان اتي رسيپشن ڪئي هئي. هوا جي زوردار جهوٽن سان زلفون بي-ترتيب ٿي رهيون هئيون...... جسم تي پهريل لباس جي ڦرڦراهٽ...... اسان جي گفتگو تي حاوي پئجي رهي هئي...... هڪ هزار فٽ مٿي اونچيون عمارتون...... سامونڊي ڪنارو...... هر هڪ فلور تي ڪجهه تصويرون هسٽري وال، سئو کان مٿي تصويرون هيون جنهن ذريعي شڪاگو جي ترقيءَ جي منزلن جو ذڪر شامل هو. 1893ع علمي ڪولمبيائي ائڪپوزيسن ۽ 1933 جو علمي ميلو ۽ اُنهن جا تفصيل موجود هئا...... سئو کن نماءُ لاءِ رکيل تصويرون ۾ ڪن اهڙين شخصيتن جون به تصويرون هيون جيڪي هڪ ماحول مان نڪري ٻئي سماج طرف وک کنئي...... شڪاگو گئنگسٽرن جي ويڙهه کان مشهور شهر رهي چڪو آهي...... اسان جو ڏاڏو سائين شودو لفظ استعمال ڪندا هئا...... سو اسان به شڪاگو جي مشهور شودن جون تصويرون ۽ انهن شودن جو شجرو پڙهي ٽهڪن ۾ پيا ٻُڏون......دراصل انهن شودن جي پڳدارن تي الڳ ڪالم ۾

فيچر هئڻ گهرجن...... هند-سنڌ ۾ اتي جي پيٽ ڪري ڏسجي ته ڪير ٿو گوءِ کڻي...! خير مان ته اهو تاج انهن کي ئي مُبارڪ ڏيان ٿي...... ائين اسان وٽ سنڌيءَ ۾ انهن لاءِ گهٽائي لفظ آهن. ڪنهن کي ان موضوع تي تحقيق ڪرڻ گهرجي. ڪي ته اهڙا موضوع ٿا چوندين جو نڪ تي رومال ڏيڻو ٿو پوي، اُن جي پيٽ ۾ هيءُ موضوع اُن نوبت کان ته بچائيندو...

شڪاگو جي منظر پسڻ ۾ عمارتن جي چاڙ لاءِ اگر ڪنهن وٽ شهر گهمڻ جو وقت نه آهي ته اُهي ونڊو-آن-شڪاگو کان مٿي مشهور معروف هند بٽڻ دٻائڻ سان ڏسي پيا سگهجن، انکان علاوه سائونڊ اسڪوپ ذريعي مختلف 80ذريعي زبانن ۾ ڪميٽري سان گڏ ٻُڌي سگهون پيا. انهن ٻنهي هندن تي ٻارڙن جي ڪافي لائين لڳل هئي. شڪاگو ۾ اُن سال سيلانين جي ڪشش لاءِ سڄي شهر ۾ پٿر جون رنگ برنگي گايون نظر آيون جن تي شڪاگو جي زرعي پيداوار، صنعت ۽ ٻين .ڪيترن جا چتر پينٽ ڪري سنواريو ويو هو

اُتان هيٺ اچي هڪ هوٽل ۾ پيٽ پوڄا ڪئي، دل - افروز چيو تون پنهنجي پسند ٻُڌاءِ مان چيو ڪجھ به ويجيٽيرين هجي...... هوٽل جو ويٽر چوڪرو ٺام ٻواءِ ٽائيپ هو...... اسان پنهنجن قصن تي پيا کلون ۽ هن جا نيڻ ٺري رهيا هئا، پروين به هڪ ٻه هنکي ٺوٺڪو هنيو...... کلي کلي پيٽ ۾ سور پئجي رهيو هو...... وري اُن هوٽل جي فرش تان ڪئي ترڪي رهيا هئا...... شڪاگو جي شودن ۾ ترڪڻ کان ته اسان پنهنجو بچاءُ ڪيو، پر کِل ۾ خوشيءَ جي ساگر جي وهڪري کان پلاند نه بچائي سگهياسين...... رات جو واپس ورندي ورندي پهرين آگسٽ کي الوداع ڪري (2) ٻي آگسٽ .جي سُهاني پور طرف وڌي رهيا هئاسين...... مون ان طرح جي دلڪش رات جو تصور ڪونه ڪيو هو

Disappoinment can come only to those
Who make appointments with the future.

**براڊڪا سٽنگ ڪميونيڪيشن**

( شڪاگو )

ڊاڪٽر پروين جي گهر پرسان ڪافي انڊيئنس رهن ٿا جن ۾ ڊاڪٽرن جو تعداد چڱو خاصو آهي. تمام سُٺا بنگلوز هئا، ڊاڪٽر چڱو خاصو ڪمائين ٿا. مونکي سميلن دوران گوپ چندر ويڊيو ڪيسٽ ڏني هئي مون چيو ته پروين ڪيسٽ لڳائي ته ڏسون ان ۾ ڇا آهي؟ سندس گهر ۾ تمام تمام وڏو ٽي.وي. سيٽ هو، بس ڪيسٽ ڏسڻ ۾ مزو اچي ويو، گوپ چندر، آرتي راج ۽ سندن ڪٽمب جا ٻيا ڪلاڪار، اُتي جي سنسٿا جو پروگرام هو. پروين سان گڏ شاپنگ جو پروگرام هو، الڳ الڳ .ڊپارٽمينٽل اسٽورز ۾ وڃي هلي، اگهه واجبي هئا شيون به سُٺيون هيون

اُن ڏهاڙي دير رات تائين ڪچهري ڪندا رهياسين، سندس گهوٽ حيران هو ته هنن جون ڳالهيون ئي نه ٿيون کُٽن. آنٽي .شيرين به رات جو ٻئين اڍائي بجي تائين جاڳندي رهي

دل-افروز ٻن ڏهاڙن جي موڪل ورتي، شاپنگ لاءِ پنهنجي ڪار ڪنئي، جنهن علائقي ۾ اُهو شاپنگ سينٽر هو ٺُن کان پهرين نيگرو آباديءَ واري ڪالوني هئي. اتي جون چادرون بيڊنگ تمام سُٺيون، ڊراءِ فروٽ ۾ بادامين جا گورا ايڏا وڏا ۽ لوٽيل کائي مزو پيو اچي. اسان جو ڌيان ڪاڏي طرف گهٽ گهمڻ طرف وڌيڪ هو. آنٽي شيرين کي شڪاگو ۾ دل-افروز .جي فليٽ ۾ ڇڏي اسان ٻئي سائيٽ سينگ لاءِ نڪري پياسين

جتان سپ کان پهرين هال-آف-فيئم ڏسڻ جو پروگرام رکيوسين، منهنجو نشريات سان واسطو هئڻ ڪري مونکي براڊڪاسٽنگ ڪميونيڪيشن ميوزيم ڏسڻ جو شونق هو. شڪاگو جو ڪلچرل سينٽر جيڪو واشنگٽن اسٽريٽ تي مشيگن ائوينيو تي آهي. اُتر ۾ ان جي آرٽ-انسٽيٽيوٽ آهي ۽ ڏکڻ ۾ شڪاگورور (ندي). ان جي خرچ پکي ۽ هلائڻ جو بار ائڊورٽائيزنگ انڊسٽري تي آهي، اُن کي ٽئڪس جي جيڪا ڇوٽ ملندي آهي ان مان حاصل ٿيل رقم ذريعي هلايو پيو وڃي. آمريڪي ائڊورٽائيزنگ فائونڊيشن جيڪا امريڪي ائڊورٽائيزنگ فيڊريشن سان جڙيل آهي. ان ۾ سئو پنجويھ کن شخصيتن جن جو سماجي، شهري، اقتصادي زندگيءَ ائڊورٽائيزنگ ڪيترن سان واسطو رهيو آهي، تن جو آڊيو ويڊيو ذريعي ڪاميابين ۽ حاصلاتن جو احوال ملندو، جن جي چونڊ هر سال سڄي مُلڪ مان چونڊ شخصيتن وٽان نامينيشن گهرايون ويندين آهن ۽ ججن جو پئنل جنهن ۾ ائڊوٽائيزنگ ائجنسين، ميڊيا جي تنظيمن جا سينيئر ائگزيڪيوٽو، انهن تنظيمن سان

واسطو رکندڙ پروفيسر وغيره شامل هوندا آهن سي ڪندا آهن. ان جي شروعات 1948ع ۾ ڪئي وئي.
نشريات جي شروعاتي دؤر جا براڊڪاسٽر، انائونسر، نيوز ريڊر، اسٽوڊيو، ڊبنگ جو سسٽم وغيره ڏسي مزو اچي ويو، حالانڪه ريڊيو مان جان چڙائڻ لاءِ پيا واجهه وجهائيندا آهيون، وري جي نشريات سان ڪا جڙيل ڳالهه نظر اچي ته چاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ من ۾ خواهش به اُڀري.
نشريات جي ڪن خوشگوار واقعن کي ياد ڪندي هال-آف-فيم ۾ براڊڪاسٽنگ ميوزيم جو سُهڻو سفر پورو ڪيو.
آياسين. جيڪو گرانڊ-ائوينيو تي آهي، اتي عام پبلڪ لاءِ ريڊيو (Navy Pier) شڪاگو ڪلچرل سينٽر کانپوءِ نيوي-پيئر ذريعي ڪيئن نشريات سامعين تائين پهچي ٿي، اُهو به بندوبست هو، پر اسان پڪچر ڏسڻ کي ترجيح ڏني. سڀ کان پهرين پيٽ پوجا ڪئي. تن تازو ڪري، پارن جي ميوزيم، پارن جي وندر وغيره جي ايراضيءَ تي سرسري نظر ڪندي، مٿي پهتاسين. رنگ برنگي قسمين قسمين گُلن سان پرپور ايراضيءَ من موهي وڌو. اتي پاڻيءَ جا جهاز سيروسفر لاءِ موجود هئا، جن ۾ تفريح، کائڻ پيئڻ، سنگيت ۽ نرتيه سان گڏ ساموندي منظرن کي ماڻڻ لاءِ لائين لڳل هئي. شادي مُرادي يا ڪنهن موقعي لاءِ ان ۾ مالدار ماڻهو پارٽيون وغيره ڪندا رهندا آهن. پئسي جي راند آهي، پئسا ڦيڪ تماشا ديکه، شڪاگو شئڪسپيئر ٿيئٽر، ناٽڪ پريمين لاءِ ڪشش جو باعث آهي، تن ڏينهن هيءُ ناٽڪ هلي رهيا هئا.
Antony and Cleopatra, A Midsummer night's dream, All's well that ends well, and Romeo Juliet.
مونکي اُتي شئڪسپيئر جا ناٽڪ ڏسڻ جو شونق نه هو بلڪ اُن جي پئدائشي ڳوٺ ڏسڻ جو جنون هو. ان وچ ۾ اسانجي پڪچر ڏسڻ جو وقت ٿي ويو، ٽڪيٽون ته اڳ ۾ ئي ورتل هئيون، سنيما هال ۾ جڏهن داخل ٿياسين ته اسان کان اڳ ۾ ڪيترا داخل ٿي چڪا هئا، اُن ڏهاڙي مائونٽ اوريسٽ تي فلم هئي، ڏسي مزو اچي ويو. 1953ع ۾ تينسنگ سرائيمنڊ هليئري سان گڏ مهم تي نڪتو. هماليه تي پرچم لهرايو ۽ 44 سالن کانپوءِ سندس پوٽي تي مدر-گاڊيس-آف-اَرٿ مهربان ٿي. هماليه جون برفيليون چوٽيون... ٽرئڪنگ... نيپالي شيرپا، ائڊوينچر، وڏي شاهي پردي تي ڪئي، سالن کانپوءِ پڪچر ڏٺي ۽ اُهو به شڪاگو ۾ هماليه منظر ڏسي اُترا کنڊ ۾ گنگوتري ڪيدارناٿ جون برفيليون چوٽيون ۽ سفر...... نيٽن اڳيان اچي ويو.
هڪ ڀيري ديرادون، مسوري ۽ نئنيتال ويا هئاسين، اُتي پهاڙن تي ٽرئڪنگ ڪرڻ جو پوت سوار ٿيو، وجون پهاڙن تي چڙهندا، اوچتو گهنگهور گهٽائون ڇانجي وئيون، ڪارا ڪڪر رِم ڪري وسڪارن جي تياريءَ ۾ هئا، اسان ڪافي مٿي چڙهي وياسين، رستو ڏٺل ڪانه، موٽ ڪاڏي، مون سان ته ويلُ ئي ٿيو. ڪارو ڪُرتو ۽ ڪاري چوڙيدار، اچي چورن منهنجون رڙيون واڪا ننيو پاءُ راجو چڪي چور کي پيرن تان ......ورتو خبر نه ڪاري ڪپڙي سان شايد سندن دل هئي ڪيي، ڪن پل ۾ ڏسندي ڏسندي چور ڦونڊجڻ لڳي، اصل ماس پٽي پئي ڪيي، وڏي پيڻ پروميلا سندس گهوٽ ۽ نراٽون به هيون، پروميلا کي چڙي هنن مونکي خوب چيڙايو...... ڪڏهن ڪڏهن ائڊوينچر جو جنون چڙهندو آهي ته پوءِ چڻ گهوڙا تبيلي مان ڇُٽا...... ان طرح ڊلائوزي، پٺانڪوٽ ۽ امرتسر وڃڻ ٿيو، ريڊيو ۽ ٽي.وي. ۾ ڪم ڪندڙ انائونسر، پروڊيوسر اسان ڇئن پنجن ڄڻين گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو، امرتسر ٽي.وي. جي چيف انجينئر جيڪو منهنجي ساهڙيءَ جو ڪليگ هو، تنهن واگها بارڊر ڏيکاريو، جتي هندوستان ۽ پاڪستان جي آمهون سامهون بيهندڙ عملي شام جو جهنڊي لاهڻ واري رسم ادا پئي ڪئي.
امن جي اوسيئڙي ۾ هندو مُسلمان!
تون ۽ مان پنهنجي ڌرتيءَ جا نگهبان.
واگها ۽ اٽاري بارڊر هڪ ليڪ ها صرف هڪ ليڪ......!
فاصلو - قريب - ليڪن ڪيڏو ڏور!
اسان وچ ۾ سرحدي ليڪ، ٻٽي هماليه جي دوري.
اُهو دورو يادگار دورو هو، امرتسر ۾ تازو مکڻ، لسي، ڊوڊو ساڳ وغيره. مونکي ته اتي جي علائقن ۾ ڳوٺن کي ڏسي سنڌ جا ڳوٺ ۽ ڪاڏا ياد اچي ويا. اسان به ڊلائوزي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو، پٺانکوٽ ريل رستي ۽ اُنکانپوءِ بس ذريعي اُتي پهتاسين، پاري اصل سٺي چڙيو، اتي آرمي آفيسرن ڪري ڪئنٽ ۾ ٿيئٽر جون ٽڪيٽون به سستيون. پڪچر ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو، ٽئين ڪان ڇهين، پهاڙي علائقن ۾ سج جلدي وڃي آرامي ٿئي، بس اونده ٿي وئي ۽ ڪجهه ئي دير ۾ لائيٽ هلي وئي، پهاڙي علائقن کان اڻواقف اسان هڪ ٻئي جا هٿ پڪڙي چين (ڪڙي) ڪري ٺاهي، رَڙيون واڪا پيا ڪيون،

رستي جي خبر ئي نه پئي پوي، پهاڙي عورتون اسان جي حالت ڏسي ٺهڪ پيون ڏين، وري ٿي ڪُتي ڪٺي پئي ڏينهن سامهون پهاڙن جي تمام ويجهي چوٽي نظر اچي رهي هئي، أتي وڃڻ جو پروگرام ناهيو. وڃون اڳتي نڪرندا تان جو اهڙي سچ لهڻ لڳو، اسان موٽ ڪاڏي رستو ڪُتي ئي نه .پهاڙي علائقي ۾ وڃي نڪتاسين جتي ڪو بني بشر ئي نظر نه پيو اچي پيو، ٿنهي پرارٿنا شروع ڪئي، مون چيو مهاديو! سروشڪتي مان! تون اسان کي هن آپتا مان ڪڍُ، سردارڻي چوڪري ايشور! الله ! ۽ گروءَ پردو رکيو ......گروبابي کي ياد ڪرڻ لڳي ۽ مُسلمان الله کي پُڪارڻ لڳي مُشڪل ڪشا رحم ڪر .ڪوبه ماري وڃي ها يا پيو ڪو حادثو ٿئي ها ته زندگي پر روئٽو پوي ها. ڊلائوزي واري ائڊوينچر اصل توبه ڪرائي نيوي پيئر ڪانپوءِ هريسن واٽر ليڪ شور ڊرائيو جي سير سپاٽي تي نڪتاسين، خوبصورت ليڪ (ڍَنڍَ) آهي، ٿڌي هير نيري پاٽيءَ ۾ ترندڙ ٻيڙيون ۽ ننڍا لانچ...... ڪنارا نظرن کان اوُجهل صرف پاٽيءَ جون چوليون ۽ هوا جي سرسراهٽ...... من اندر خوشي تراوت ۽ تازگيءَ جو سنگم انوکو احساس ڏياري رهيا هئا، جنهن جو لفظن ۾ بيان ڪرڻُ مُشڪل آهي...... په ٽي ڪلوميٽرن تائين ليڪ شور ڊرائيو تي آهستي آهستي چهل قدمي ڪندي يادين کي سهيڙيندي ٿئي ......ويا‌سين. دل چيو- وقت ڪيترو نه جلدي گذري ويو

لنڊن روانگيءَ کان هڪ ڏهاڙو اڳ دل-افروز پنهنجي گهر پارٽي رکي، جنهن ۾ پروين جي ايراني ساهڙيءَ کي به دعوت ڏني. مُسلم عورتن ۾ هڪ ڳالھ مونکي نظر آئي يا ته پردو يا وري ڪن طرفان پردو ترڪ ڪري ٻاهر نڪرڻ تي تمام تمام گهٽي فاروربنيس، پروين جي ايراني ساهڙي به پردو ترڪ ڪري روايتن کي پُٺتي ڇڏي ڪافي اڳتي نڪري وئي هئي، .مولن مولوين تي اصل ڏمريل هئي، وسُ پُڇيس هان ته ڏاڙهي پٽ......! دير رات تائين اها محفل جاري رهي

ٻئي ڏهاڙي اشوڪ سان فون تي ڳالھ ٿي ته منجهند جو لنڊن لاءِ فلائيٽ آهي. دل اُداس هئي...... منهنجي من اندر به عجيب گهبراهٽ هئي...... آنٽي شيرين جون اکيون آليون هيون...... ٻئين آگسٽ کان ڇهين آگسٽ تائين ڏينهن ائين گذري ويا ڇڻ ڪي پل...... پروين ۽ سندس گهوٽ ڊاڪٽر عارف ايئرپورٽ تي ڇڏڻ آيا، سامان رواني ڪرڻ ڪانپوءِ چيائون تيستائين ڪونه ويندا‌سين جيستائين فلائيٽ جو ڊپارچر نه ٿيندو. سندن وقت ڏيڻ، پيار، قُرب، سارسنڀال جو لفظن ۾ بيان ڪرڻ :نيٽن ۾ سمايل هن يادگار سفر جي يادين کي پروين جي گهر ۾ انگريزيءَ ۾ لکيل هن جملي سان پورو ڪندس .مُشڪل آهي

A successful man is one
Who can lay a firm foundation
With the bricks that others throw at him.

**!ستنارائڻ مندر نيويارڪ : جتي سنڌي أتي سنڌ**

نيويارڪ کان فلائيٽ رات جو يارهين ڏاري هئي، مون خود ان کي ترجيح ڏني هئي، هڪ ان کان اڳ واري فلائيٽ هئي، مونکي خوف هو ڪٿي مون واري فلائيٽ ليٽ ٿي وئي ته انڪي نه پوان. هن فلائيٽ ته اصل ٿڪائي ڇڏيو، هڪُ من اُداس ٻيو ڇهن ستن ڪلاڪن جو فرق بيزارگي ۽ پريشانيءَ اچي سوڙهو ڪيو، ٿڪاوٽ ۾ ننڊ جو جهوٽو به نه پئي ڪيان ته .ڪٿي اک لڳي وڃي ۽ فلائيٽ رواني ٿي وڃي ته مري ويندس...... وڏي ذهني اذيت واري ڪيفيت مان گذري رهي هيس

لئه آئي فهر ڪهان سيه قسمت همين ڪهانپر
......يـہ تو وهي جگھ هئه گذري تهئيه هم جهان سيه

سوچن جي ساگر ۾ ٻوڙي ......زندگي ڪنهن وقت ڪٿي اچي سوڙهو ڪري ڪهڙين ڪهڙين يادين کي اڳيان آڻي ٻهاري ڇڏي...... دل کي ڀنور طرف ڌڪي ڇڏي...... روح کي قيد ڪري پر ڪٽي ڇڏي...... وجود کي ڏوڏي، شخصيت کي ڪنن ۾ گولاٽيون ڪارائي ساٽو ڪري ڇڏي، انسان اڌ اڌ ۾ ورهائجي وڃي...... مضبوط ۽ ڪمزور...... هڪ جسم ڪئي ......پاڳا

مان انهن لمحن ۾ ٻين کي شريڪ نه ڪرڻ چاهيندس دل جي گوشي ۾ محفوظ ڪندي صرف ٻاهرين ڏيکه ۽ منظرن جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس. هيءُ ساڳيو نيويارڪ آهي جتي مان اڳين سفر دوران، ڪجھ ڏهاڙا وئي هيس. منهنجي سوٽ جي ڌيءَ ونيتا أتي آهي، هن سانا ڪانفرنس دوران ۽ مياميءَ ۾ به ٽي ڀيرا فون ڪيو هو ته نيويارڪ ضرور اچج، حالانڪه هو

نيويارڪ ڪان ٻاهر ٻئي شهر ۾ رهندا هئا پر سندس گهوٽ مسٽر رميش اتري سندس ٻئي ڏيئر منجو ۽ هرشا خاص نيويارڪ ۾ ملڻ ۽ مونکي گهمائڻ لاءِ اُتي آيا هئا. 21 جولائي 1990 تي ايئرپورٽ تي وٺڻ آيون، منجهند جو شاپنگ ڪئي ۽ رات جو انڊين ريسٽورينٽ ۾ ڊنر لاءِ وياسين. هوٽل ۾ سنڌُ جو هڪُ سنڌي چوڪرو جاويد جنهن ڊنر جو آرڊر پئي ورتو، اُن سان ڳالهه ٻولهه ٿي هن ٻُڌايو ته هو سنڌ جي تمام سُٺي خاندان مان آهي، هن هوٽل ۾ سڄو ڏينهن اُڀي پيري بيٺو هوندو آهي. نوڪري تمام سخت آهي، هن رميش کي چيو اگر تو هين مدد ڪري مونکي ڪنهن ٻئي هند نوڪري ڏياري سگهو ته مهرباني ٿيندي. ان نوجوان جي ڳالهه ٻُڌي بيحد افسوس ٿيو.

ٻئي ڏهاڙي روزاويلٽ اسٽريٽ تي ڪجهه شاپنگ ڪئي، اُنکانپوءِ براڊوي-اسٽريٽ تي پيزا وغيره کائڻ کانپوءِ (74 اسٽريٽ) سائيٽ-سيئنگ ۾ هسٽن رور (ندي)، اسٽيچو آف لبرٽي، جهونو شهر، ٻئين جنگ عظيم .انڊين بزار ۾ شاپنگ وغيره ڪئي جي رٽائيرڊ فوجي آفيسرن جي ڪالوني، چائينا ٽائون، هيلٽ سائنس سينٽر، پارڪ ايوينيو، راڪفيلر سينٽر، 42 اسٽريٽ تي يو.اين.اوُ. جي بلڊنگ، پهرين اُتي سلاٽر هائوس (ڪوس گهر) هو. راڪفيلر جنرل اسيمبليءَ لاءِ زمين خريد ڪرڻ لاءِ رقم ڏني هئي، ائمپائير بلڊنگ 102 ماڙن تي مشتمل آهي، مٿان 50 ڪلوميٽرن تائين چوطرف جا منظر پسي سگهجن ٿا. ورلڊ ٽريڊ سينٽر-ٽئن-ٽاورس 110 تي مشتمل آهي. گُهمڻ گهتڻ لاءِ بسيون، ٽئڪسي، ٻيو ته ٻيو هيلي ڪاپٽر ذريعي نيويارڪ مٿان اوهين سير ڪري منظر ڏسي سگهو ٿا، اُن وقت ايڪونجاهه آمريڪي ڊالر ان ٽوئر لاءِ، سورهان ميل هوا ۾ سيروسفر ڪري سگهجي پيو. ان سيروسفر جو نمونو دنيا کي يارهين سيپٽمبر 2001ع تي دهشتگردن هڪٻئي پُٺيان اُڏامون ڪري ورلڊ-ٽريڊ-سينٽر کي ڪن پل ۾ زمين دوز ڪري ڏيکاريو.

مسٽر رميش اتري کي اُتي جي مشهور ڪسينو ڏيکارڻ جو شونق هو، مون چيو نائگرا-فالس ڏسڻ ويندس. هن چيو- توکي اسان پنهنجي ڪار ۾ وٺي هلنداسين، اتي پنهنجا شناختي ڪارڊ ڏيکاري گهمائي وٺي ايندا سين، پر مون چيو نه مان ويزا وٺي اتان ڪئنڊا به گهمي ايندس. مان ويزا وٺي بس ذريعي نائگرا-فالس ڏسڻ ويس، پاڻيءَ جو ايڏو ته آواز هو جو اصل ڪنن ۾ گهوگهاٽ ٿئي ٿيا، پاڻيءَ جون بوندون اتان اسان جي جسم تي پئجي رهيون هيون، هيٺ نهارڻ سان مونکي ته اصل گهبراهٽ پئي ٿي، اگر ڪو ڪري ته ڪک جيان لُڙهي وڃي.

هڪ به ڏينهن ڪئنڊا ۾ سيروسفر کانپوءِ واپسي رهي. جناب اسرار انصاري ۽ جناب خالد هشماٽيءَ جا لک ٿورا نيوجرسيءَ ۾ ويد مندر ڏٺو، نيويارڪ ۾ گوپ چندر سان ملاقات ٿي، اتي سٽناراڻ مندر ڏسڻ جي به نيٺ مليل هئي، مندر جو درشن ڪيو، هن مندر ۾ ڏڻ وار، ڪٿا ڪيرتن، شادي مُراديءَ وارا فنڪشن وغيره ٿيندا رهن ٿا، پرديس ۾ رهندڙ پنهنجي سنڌي سڄڻن کي ريتن رسمن ۽ ڪلچر کان واقف ڪرائڻ وارو هيءُ مرڪز سيڻي کي جوڙي ويٺو آهي. مندر جو پريزيڊنٽ اُن وقت شري ناري لڪاني، دادا شري آر.جي.آڏواڻي، بورڊ-آف-ٽرسٽي جو چيئرمين ۽ ميمبر شري اين.ڪي.لعلچنداڻي، مندر ۾ ٻاهران آيل شخصيتن جي شري لعلچنداڻيءَ واقفيت ڏني. لنڊن کان صنعتڪار ۽ دانيور شري سريچند هندوجا، دهليءَ کان وينا شرنگي، جن جو سمان ڪيو ويو ۽ ٻه لفظ ڳالهائڻ لاءِ چيا ويا. شري سريچند هندوجا کي مندر جي تعمير لاءِ سهڪار ڏيڻ لاءِ چيو ويو. انڪان اڳ جيڪو سنڌين مندر ناهيو هو تنهن ۾ گروگرنٿ صاحب جي موجودگيءَ ڪري سِکن پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو هو، اُنهن ڏهاڙن دوران اِها ڪنٽراورسي ڪافي هلي هئي. نيويارڪ جي مُشڪلاتن، انتظار ۽ تڪليف، تڪليفن تي قابو پائي هڪ ڏاهي جي قول کي ياد ڪندي پنهنجي سفر جي آخري پُڙاءُ لنڊن لاءِ فلائيٽ ورتي.

Lack of confidence is not the result of difficulty
The difficulty comes from lack of confidence. (Seneca)

**لنڊن**

نيويارڪ واري هن هوائي جهاز تي هڪُ ٻيو به فلور هو، ستين آگسٽ لنڊن هوائي اڏي تي پهچڻ تي من ۾ خوشيءَ جي لهر هئي، اعتماد انساني من به عجيب آهي ڪڏهن تولو ڪڏهن ماسو...... اسين هندوستاني سامان ايڏا ڍوئيون جو وڃي خير ٿين! مٺ مائٽن، سڄڻن لاءِ هڪ اڌ سوکڙي پاکڙي کڻندي وجون وزن وڌائيندا. مون سان اهو ڪو معاملو هڪ اڌ ڀيري جو

ناهي، پر هر پيري هر سفر تي گهل گهلان انڪري ٽيوب ذريعي هوائي اڏي تان هونسلوايسٽ سفر ڪرڻ جو ته سوال ئي نه آهي، هر پيري ٽئڪسيءَ جي چَٽي پوي، پرديس ۾ پائي به سئو برابر لڳي. حالانڪه اتي ماساتيون آهن وڏي پاءُ چئي رکيو اٿن هن کي جيترو پئسو گهرجي اوترو ڏيندا ڪريو. مان ٻاهر نڪري ٽئڪسيءَ جي لائين ۾ بيٺس، ننڍي ٽئڪسي ورتي، لنڊن ۾ جُهڙ مينهن خبر ئي نه پوي اچي در ڪڙڪائي...... اُن ڏهاڙي هلڪڙا مينهن ڦُڙا پئجي رهيا هئا......
جهونين انگريزي فلمن ۾ ان طرح جي ٽئڪسين ۾ ڪارين ۾ هيٺ ۾ گلئوز پهريل روايتي لباسن ۾ لاربس ۾ اُنهن جي پريميڪائن جي سيروسفر وارا منظر اکين آڏو گهمڻ لڳا اها ڀي ڳالهه آهي ته نه ئي منهنجي مٿي تي اسٽائيلش هيٺ هئي...... نه گلئوز...... لباس ولائتي پر دل هندوستاني...... خير سان منزل تي پهتس، چانهه پاڻي پي ڊاڪٽر بدر سومري کي فون ڪيم جو هن مئدرڊ ۾ خط لکيو هو ته لنڊن اچو ته احوال ڏجو. پنهنجي خط ۾ لکيائين:
مانواري وينا شرنگي،
نمستي،
حق موجود سلام ۽ جيئي سنڌ،
منهنجي لاءِ اِها سُٺي خبر آهي ته اوهين اَمريڪا ياترا ڪانپوءِ لنڊن پيا اچو، پڪ سان مُلاقات ٿيندي - هتي به هزارين سنڌي رهن پيا، اُنهن جا ڪميونٽي سينٽر به آهن، هتي به سنڌي ميلا مون به اٽينڊ ڪيا آهن. سنڌي ونش ڏسي اُستاد بخاريءَ جا ٻول - سنڌ جيئندي سدا سنڌ جيئندي سدا! ڏاڍا ياد آيا - پر هڪُ اهم مسئلو آهي ته پنهنجي ميلي ۾ هڪُ به سنڌي لفظ استعمال نه ڪيو رڳو پيا هڪ ٻئي سان انگريزيءَ ۾ ڳالهايون! ۽ گيت به فلمي گيت، اُردوءَ ۾ هلايون. اوهان اچي انهن کي سمجهايو پنهنجي شادي مُرادي ميلن وغيره ۾ گيت ته سنڌيءَ ۾ هلائن! ميلي ۾ مون ڪين ۽ سندن نوجوان نسل کي موٽيويٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته لنڊن جا سنڌي گهٽي پاگي بزنيس ڪميونٽي جا آهن، روزانو هڪُ ڪلاڪ ريڊيو تي سنڌيءَ ۾ پروگرام خريد ڪن ۽ ڪنهنجو ڪجهه خرچ نه ايندو. ريڊيو جي مئنيجمينٽ / يا ٽي.وي. تي پنهنجا اشتهار باءِ-لئنگويج (سنڌي ۽ انگريزيءَ) ۾ هلايو!
اِن خط جي موٽ ۾ صرف اِهو چوندس :
منهنجو وسُ واڪا ٻُڌڻ ڪمُ ٻروچ جو.
اسپين ۾ به ڏياريءَ جي فنڪشن جو اهو ئي حال هو. لنڊن ۾ بدر صاحب سان دعا سلام ڪانپوءِ مون چيو- مونکي شيڪسپيئر جو ڳوٺ ضرور ڏسڻو آهي، من ۾ خواهش آهي ته اهڙي عظيم ليکڪ جي رهائشگاهه ڏسان. سومري صاحب وراڻيو، سپاڻي جو پروگرام ٺاهيون ٿا. مون ان وچم پنهنجن ٻين واقفڪارن سان فون تي دعا سلام ڪيو. انڪانپوءِ ٻيهر فون آيو، هُن چيو سپاڻي جو پروگرام طئه ٿيو آهي، توهان تيار ٿي ويهجو ته سوير ئي نڪري هلنداسين. رات جو ثريا مخدوم جو فون آيو اُن سان ڪافي دير ڪچهري ٿي. ڪائي پي وچي آرامي ٿيس.

**شيڪسپيئر جي وطن ۾**

آچر ڏهاڙي اٺين تاريخ آگسٽ تي صبح جو سوير ئي تيار ٿي فون جو انتظار ڪري رهي هيس. ڊا. سومري موبائيل تان فون ڪيو ته اسين ٻاهر اوهانجو انتظار ڪري رهيا آهيون، گهر کان ٻن ٽن منٽن جي پنڌ تي پهچڻ لاءِ چيو. ڊا. بدر سومري منهنجو تعارف ٻئي هڪ ڊاڪٽر بدر سان ڪرايو. رسمي طور دعا سلام ڪانپوءِ اسان ادب جي عظيم شخصيت، شاعر، ناٽڪ نويس جي ڳوٺ طرف روانا ٿياسين فاصلو چڱو خاصو هو. مينهن جي وقت پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌي رهيو هو، ڊاڪٽر بوندن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. ڪار جي رفتار پُٽتي ٿيندي پئي وئي، مينهن جي رفتار تيز ٿيندي ٿئي وئي صاحب گهبرائجي ويا، سومرو صاحب دم دلاسا ڏيئي رهيو هو، ته اجهو ٿو مينهن بند ٿئي. پر اِندر ديوتا به ڪو اُن ڏينهن ڏمريل هو اصل ماٺ ئي نه ڪري بادلن کي حڪم ڏنائين ته وچو وچي شيڪسپيئر جي ڳوٺ طرف ويندڙ واٽ تي وسڪارا ڪيو. بدر سومرو موڊ ۾ هو، مونکي چيائين توهان شيخ - پير جي ڳوٺ کي ئي چو ترجيح ڏني؟ مون وراڻيو عظيم ساهتيڪار ناٽڪ نويس جي يادگار پئدائشي وطن کي ڏسڻ ٿي چاهيان. ٺهڪ ڏيندي چيائين - شيخن جي پير کي ڏسو ٿا نه؟ ڪيڏا مينهن وسايا اٿائين......! پٿائي ۽ بارش...... پٿائي کي به مينهن پسند ته شيخ - پير کي به پسند...... ان موضوع تي پٿائي جا به ٽي بيت جهونگاريائين. هڪ طرف سُر سارنگ جو ذڪر هو ته ٻئي طرف ڊاڪٽر صاحب جو موسم تي ڏمر...... سندن دل پئي چاهيو ته موٽ ڪائي...... مينهن به چوي ته اڄُ نه وسان ته ڪڏهن وسان...... رستو ڏسڻ ۾ ئي نه

پيو اچي...... بادلن جي گڙگڙاهٽ ڏسي ڪجھ دير لاءِ ته دل پريشان ٿي، پر مونکي به عظيم ناٽڪ نويس جي پئدائشي ڳوٺ اسٽرٽفورڊ-اپان-اوان ڏسڻ جو جنون هو. اسين به هانو هارڻ وارا ڪونه هئاسين، مون بدر سومري کي چيو، اسان جڏهن ڳوٺ ۾ هئاسين ته مينهن پوندو هو ته ست ڪاٺن جا نالا وٺي ڏاڳي ۾ ڳنڍھ ٻڌي مينهن ۾ زومائي ڦٽا ڪندا هئاسين، ته پوءِ مينهن بند ٿي ويندو. چيائين سچُ......! مون چيو هائو! ته پوءِ چيائين وارو ڪريو ڪاٺن جا نالا ٻڌي ڦٽا ڪيو ته مصيبت کان پلاند ته آجو ڪيون، ڏاڳو ئي نه پيو ملي، مڙيئي ليڙ هٿ ڪري نالا ڳڻڻُ شروع ڪيا شهدادڪوٽ جي ڪاٺن جا نالا، دهليءَ جي ڪاٺن جا نالا بدر سومري طرفان وڏين حصتين وارن ڪاٺن جا نالا ڳڻهڻُ ۽ مان هر هڪ نالي تي ڳنڍھ ٻڌندي ٿئي ويس. نيٺ هٽي هنڌُ ڪيوسين ست ئي نالا هٿ لڳي ويا. اهو ٽوٽڪو ڪري پاڻيءَ ۾ ستن ڪاٺن کي ٻڌي ڦٽو ڪيوسين. فاصلو ڊيمي رفتار سان طئه ٿي رهيو هو. وقت گذرندو ٿئي ويو ۽ مينهن جي رفتار پُٺتي پوندي ٿئي وئي.
ڊا. بدر سومري چيو واه! جو اوهان ٽوٽڪو ٻُڌايو! سچ پچ ڪاٺن مينهن کي سگهو ڪري ورتو. واٽ تي هڪ هند چانھ پيئڻ لاءِ ترسياسين. بدر صاحب پاڻ سان گڏ انب آندا هئا. ڏسي سچ پچ حيراني ٿي، لندن ۾ سنڌ وارا وڏا وڏا مٺا چاش جهڙا انب. اصل ڳوٺ ياد اچي ويو. باريج تي مينهن جي مند ۾ پاڻي ۾ ٽپا ڏيڻ ۽ انب جا ٽوڪرا خالي ڪرڻ، اسان پائر پينرن جي پلٽن انبن تي پرٽجي پوندي هئي. چانھ پاڻي پي تن تازو ڪري اڳتي لاءِ روانا ٿياسين. لندن کان تقريبا سئو ستر کن ڪلوميٽرن جو فاصلو ٿيندو. ٻارهين ڏاري اُتي پهتاسين.
شيڪسپيئر جي ڳوٺ پهچڻ تي هلڪيون بوندون پئجي رهيون هيون. تمام گهٽي ساوڪ ۽ ساوڪ کان وڌيڪ گُلن جون ٻاريون هڪ ننڍڙي ڪاٺ جي پُل هئي. اُن وقت ننڍي هوندي انگريزيءَ جي ٻاراڻي درجي جي ڪتاب ۾ ان طرح رنگ برنگي گُلن جي ٻارين وچ ۾ گهرن ۽ ان طرح جي ڪاٺ جي پُلين تان گذرندڙ ٻارڙن جا خوبصورت چهرا اکين آڏو اچڻ لڳا، ليس ۽ جهالر وارا فراق پهريل ننڍڙيون نينگريون هٿن ۾ گُلن جون ٽوڪريون...... پاڻيءَ ۾ ترندڙ اڇيون ڪاريون بدقون گهرن جي اڏاوت به مخصوص انداز واري...... هر علائقي ۽ مُلڪ جي پنهنجي خوبصورتي هوندي آهي.
شيڪسپيئر برٿ-پليس جي نالي سان ٽرسٽ آهي جيڪا انکي هلائيندي آهي. پنج پائونڊ کن ٽڪيٽ آهي. هن عظيم ناٽڪ نگار جي برٿ-پليس هينلي اسٽريٽ تي آهي، جتي ڪيترا ڪتاب ۽ دستخط به ڏسڻ وٽان ملندا، اتي هن ليکڪ جي زندگيءَ تي آڌارت ناٽڪ وغيره به رايل شيڪسپيئر ٿيٽر ۾ منچن ڪيا ويندا آهن. جنهن لاءِ اڳواٽ ٽڪيٽون بُڪ ڪرائڻيون پونديون آهن.
گهر اندر داخل ٿيڻ کان پهرين هڪ تصوير ورتي اُنکانپوءِ اندر داخل ٿيڻ تي، سندس استعمال واريون شيون اُتي رکيون ويون هيون سي نظر اينديون. سندس ڪمرو (بيڊروم) عام رواجي طرح وارو هو، رنڌڻي ۾ اسان جي ڳوٺن جيان ٻاسڻ برتڻ موجود هئا. اُن وقت سچ پچ ايڏو سُنو لڳي رهيو هو جنهن جو بيان ڪرڻ مُشڪل آهي. زندگيءَ ۾ ڪڏهن تصور نه ڪيو هو ته اُتي وڃي پُهچندس، مميءَ جي واتان سندس ناٽڪن جا نالا، ڊائيلاگ، ڪردارن جي باري ۾ ننڍي هوندي کان ئي ٻُڌا هئا. آٿيلو، ڪنگ ليئر، هئمليٽ، ڊيسڊيمونيا وغيره، ڪردارن سان همدردي. ائين ته سڄي دنيا ڳنڍجي وئي آهي. پئسو هجي ته انسان ڪٿي به پهچي سگهي ٿو پر جيڪو تصور ۽ احساس، خوشي اُن وقت مونکي اهڙي عظيم ليکڪ ۽ شاعر جي اڱڻ ۾ بهي ٿي رهي هئي اُن جي قيمت ۽ مُلھ سچ پچ نه ٿو لڳائي سگهجي.
ڊا. بدر سومري جا ٿورا جنهن همٿ ڪري پروگرام جلد طئه ڪري ورتو، ۽ ڊاڪٽر بدر جا به ٿورا جنهن اهڙي مُند ۾ ڊرائيونگ جو اسٽرين برداشت ڪري 170 ڪلوميٽرن جو مينهن ۾ فاصلو طئه ڪري اُتي پهچايو.
وليم شيڪسپيئر جو واسطو ڪنهن هڪ دور سان نه بلڪه هر دور سان آهي، عظيم شاعر جي يادگار گهر ٻاهران پهچڻ تي من ۾ خوشيءَ جو احساس ٿي رهيو هو، در اڳيان تمام سُهڻا گُل ٽڙيل هئا. اسان ڪجھ تصويرون ورتيون. دراصل ان جي پرسان ۽ ٿورو فاصلي تي ان سان جڙيل پنج يادگار آهن. هڪُ مئري آرڊنس هائوس جنهن لاءِ بيان ڪيو وڃي ته اهو سندس ماءُ جو شاديءَ کان اڳ جو گهر هو، سندس ناناڻو گهر يورپ جي جهوني دور جي روايتي گهرن جيان آهي. اتي ڳوٺاڻي ماحول جو منظر پسي سگهجي ٿو، ٻنيون ٻارا، رڍون، چوپايو مال وغيره. انکانسواءِ ائني-هيٿويز ڪاٽيج، هيءُ اُهو گهر آهي جتي وليم شيڪسپيئر پريت جو پيچ پاتو، اتي سندس محبوبا ائني شاديءَ کان اڳ رهندي هئي، نومبر 1582ع ۾ ٻنهي لئون لڌيون...... اُن وقت وليم شيڪسپيئر جي عمر (18) ارڙهان سال هئي ۽ سندس محبوبا جي (26) ڇهويھ سال، هوءَ ٽن مهينن سان پيٽ سان هئي، جو ٻئي شاديءَ جي ڏور ۾ ٻڌجي ويا. ائني جي اباڻي گهر جا وارث اٺويھ صديءَ تائين اتي رهيا، هال ڪروفٽ جو جهونو شهر جيڪو وليم شيڪسپيئر جي نياڻي ڊاڪٽر جان هال جي نالي پُٺيان آهي. ڊاڪٽر جان سندس

ڏيءَ سوزانا سان 1607ع ۾ شادي ڪئي ۽ هن امير غريب سڀني جو علاج ڪيو، ڊاڪٽر جان جتي مريضن کي چڪاسيندو هو، اُن دور ۾ ڪهڙي طرح جون دوائون هونديون هيون تن جي باري ۾ ڄاڻ، اتي جو جيڪو باغ آهي تنهن ۾ جڙيون ٻوٽيون وغيره پوکيل آهن، اگر ڪو خريد ڪرڻ چاهي ته اُن کي ملي سگهن ٿيون. ان جي ڏوهٽيءَ ايليزابيت جي پهرين خاوند ٿامس-نئش جي رهائشگاه آهي، پرسان نئيوپئلس به آهي جتي وليم شيڪسپيئر پڇاڙيءَ وارا ڏهاڙا گذاريا هئا. انهن سڀني جاين جي تقريبا گڏيل ٽڪيٽ ۾ يارهان پائونڊ لڳن ٿا.

اهي سڀ ٽرسٽ طرفان هلايا وڃن ٿا. ان ٽرسٽ طرفان تعليمي ڪورس پڻ هلايا وڃن ٿا. سينٽرل لائيبريري موجود آهي جيڪا ريفرنس طور تمام ئي ڪارائتو مواد مُيسر ڪري ٿي، ڪنهن کي پي.ايچ.ڊي. وغيره ڪرڻي هجي ته ان لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. فرينڊ-آف-ٽرسٽ طور ڪوبه شامل ٿي سگهي ٿو.

ائين ته يورپ جا ٻيا به ساهتڪار هئا پر هن وڏيڪ مقبوليت حاصل ڪئي. سنڌ ۾ ورهاڱي کان اڳ ناٽڪن جي حوالي سان ڪراچي، حيدرآباد ۽ خاص طور تي پڙهيل ڳڙهيل طبقي جي زبان تي ڊائيلاگ عام جام هئا. منهنجي امڙ کي ڊيسڊيمونيا ۽ آٿيلو جي گفتگوءَ وارا جملا برزبان ياد هئا. شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ هئمليٽ کي 1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ سنڌي ۾ (ائڊاپٽ) اپنايو. جنهنکي شري هيرانند آڏواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ڊي-جي-سنڌ ڪاليج جي ائميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ جي ڪلاڪارن منچ تي پيش ڪيو.

وليم شيڪسپيئر جا جيڪي همصعر هئا سي ڪيس وڏي احترام جي نگاهه سان ڏسندا هئا، تن طرفان هُن متعلق راين کي اتي پيش ڪيو ويو هو، سنڌس لکڻ پڙهڻ وارو هند ۽ ٻين ڪمرن کي ڏسڻ سان گڏوگڏ سنڌس تخليقي ۽ زندگيءَ جي سفر، رهڻي ڪرڻي واري معلومات ۽ مشهور معروف ناٽڪنويس ۽ شاعر جي رهائش گاه جو هيءُ يادگار سفر ائين (8) آگسٽ 1999ع آرتوار ڏهاڙي به شڪريه جناب بدر سومري جي ڪوشش سان پلئه پيو.

هڪُ ٻيو تاريخي واروڪ ـ قلعو ڪافي فاصلي تي هو، جنهن ۾ گذريل ڏهن صدين دوران ڇا وهيو واپريو ۽ گذريو، اُن متعلق سنسني-خيز داستان سيلانين جي ڪشش وارا آهن، جتي خاص واقعن تي آڈارت ڊائري جا سڄ، گذريل ڏهن صدين جي تاريخ، گهوسٽ ٽاور (جنات وارو قلعو) ۽ اُن شاهي محل جي قتل ۽ ٻين داستانن جو ذڪر ۽ ڄاڻ سيلانين کي ڏني وڃي ٿي. مونکي صرف وليم شيڪسپيئر جي پئدائشي سرزمين ڏسڻ جو اشتياق هو...... تمنا هئي جا پوري ٿي.

اُتان واپس ورندي واٽ تي آڪسفورڊ يونيورسٽي وارو روڊ هو، پر اسين اڳتي نڪري چڪا هئاسين. هيءُ تعليمي ادارو قديم تعليمي مرڪز رهيو آهي. ان جي اردگرد ڪي ڪاليج آهن، اتي سر ڪرسٽوفر وارن جي ڊزائين تي آڈارت لائيبريري ۽ ٿيئٽر ڏسڻ وٽان آهي ۽ ڪي تاريخي ميوزيمس آهن. ميوزيم ۾ ڪيپٽن ڪوڪ جي ڪليڪشنس موجود آهن. واٽ تي هڪ سنڌي شاگرد جي گهر هلڻ جو پروگرام هن طئه ڪري ورتو. سنڌ يونيورسٽيءَ جو هيءُ نوجوان شاگرد محمد صديق ڪلهوڙو ماسٽر چندر جي ڳوٺ جو هو، اتي پي.ايچ.ڊي. پڙهڻ آيو هو، جيڪو پڙهائي پوري ڪري واپس وطن وڃي رهيو هو، اسان هن وٽ اڌ ڪلاڪ کن ويٺاسين...... هن ٻُڌايو ته سنڌ جي دوري دوران سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مون سان سندس مُلاقات ٿي هئي. چانهه پاڻي ڪانپوءِ هن کان اجازت ورتي.

واپس ورندي جڏهن هڪ هندان گذرياسين ته هن چيو هتي چاچا ڏاهر رهندو آهي، تمام پلو ماڻهو آهي سنڌ سان پيار اٿس، اُن ڏهاڙي ته جناب شهنواز ڏاهر سان مُلاقات ڪانه ٿي پر پوءِ ڪهاڻين جي مجموعي تي تبصرو لکي موڪليائون. سندن سيپٽمبر 2001ع تي جيڪا 30-29تاريخ جي حوالي سان ڪئي آرٽيڪلس پڙهيون آهن. پاڻ تاريخدان آهن. مارئي طرفان ڀٽائي گهوٽ شاهه لطيف تي انٽرنيشنل ڪانفرنس ٿي تنهن ۾ شرڪت ڪيائون. پينرن لاءِ عزت، ڳالهائڻ دوران ڏيئڙي، پينڙيءَ جا لفظ عورتن لاءِ احترام جي گواهي ڏين ٿا، جناب شهنواز ڏاهر پلو انسان آهي، جڏهنڪه ڪيترن کي ڏيئرن پينرن مُهذبپڻي جو ڇهري تي کول...... غيرمُهذب لچڻ...... جيڪي سنڌي ......۾ عورتن سان ڳالهائڻ جي تميز ۽ تهذيب ٻُڙي سماج تي بدنما داغ آهن. تڏهن ته شاه سائين فرمايو آهي :

ماڻهو سڀ نه سُهڻا، پکي سڀ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بوءِ بهار جي
(شاه)

**ميلو متو پيو آ**

لندن هن کان پهرين به پيرا وڃڻ ٿيو آهي هڪُ 1990ع ۾ ۽ ٻيو 1995ع ۾ پهريون پيرو پائڻي به هلي هئي، تمام گهڻي پريشاني ٿي هئي. ننڍي هئي مان ٽرين ۾ چڙهي وِيس ۽ هوءَ رهجي وئي. لندن مونکي بيحد پسند آهي، ور ور ڪري لندن موڪلن لاءِ وڃڻ تي دل ڪندي آهي. ڇاجي ڪري پسند آهي......؟ ڇو پسند آهي......؟ ان جي ڄاڻڻ جي ڪوشش به نه ڪئي آهي. ڪو زمانو هو لندن رڻن وڏي ڳالهه هئي. سڀ کان پهرين اسانجون مامي جون ڌيئرون ويون اُهو سٺ واري ڏهاڪي جو شروعاتي دور هو. اڄُ انهن مان به لندن ۾ ئي آهن. اُما جيٽلي، وينا جيٽلي ۽ هڪ ڪئنبڊا ۾ آهي ميران، سچ پچ پاڻ ۾ اٺ ڀينرون ۽ هڪُ ننڍو ڀاءُ ونود اٿن، .ته انهن جيڪا محنت ڪئي جدوجهد ڪئي اُن جو بيان ڪرڻ مُشڪل آهي جيڪو هن وقت ڪئنبڊا ۾ آهي. اسان جي نيات (برادري) ۾ گهڻن گهڻن ڇوڪرن کان اڳ پڙهڻ لکڻ ۽ نوڪري ڪرڻ جي سلسلي ۾ پهل ڪئي. منهنجي وڏي ڀاءُ اشوڪ کي به لندن پڙهائيءَ ڪرڻ جو بيحد شونق هو، پيپاجن ان جي سخت خلاف هئا سنڌ کان ٻاهر نه وڃي، مميءَ هن جي مدد ڪئي. ڪوئيٽا (بلوچستان) ۾ اڄان بي.ايس.سي. پاس ڪري جيالاجيڪل سروي آف پاڪستان ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي نوڪري تي لڳو هو، نوڪريءَ تان استيعفا ڏيئي لندن روانو ٿيو هو. اُتان پوءِ ڪيترن سالن بعد (ريشيل) رنگ ڀيد وارن مسئلن ۽ جهيڙن جهڻن ڪري اسپين روانو ٿيو.

منهنجو ٻيهر لندن جو دورو ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جي نيندڊ تي رهيو. ڊاڪٽر منور هاليپوٽي طرفان هر سال ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيندڊ ملندي آهي. 1995ع ۾ مان اين.او.سي. وٺي شرڪت ڪئي. جتي سنڌ جا ڪافي اڳواڻ شرڪت سائين جي. ايم. سيد جا فرزند جناب امداد محمد شاهه، جناب گل محمد جکراڻي، سيد غلام شاهه، جناب .ڪرڻ لاءِ آيا هئا هائوس ۾ سيني جي هن ماني به رکي هئي، جتي ڪجهه لندن جا - پرڳڙي ۽ ٻيا ڪيترا موجود هئا. هڪُ ڏينهن اڳم سنڌ سنڌي سڄڻ به شامل ٿيا. مان ته سچ پچ ڊاڪٽر منور هاليپوٽي جي غير سنڌي فارينر گرل فرينڊ کي شاباس ڏيندس جنهن ڏاڍي محنت ڪئي، کاڌي جو بندوبست ڪيو، خود پنهنجي هٿن سان ڪيترا طعام تيار ڪيائين. ٻئي ڏينهن ڪانفرنس دوران به ڪيترن سان مُلاقات ٿي جن ۾ مسٽر رائيسنگهاڻي، نظير قريشي، ڊاڪٽر پٽي، ۽ ٻيا ڪيترا سڄڻ موجود هئا. اسپيڪرس ۽ پيپر پڙهندڙن جا ويچار ٻُڌڻ وٽان مليا. مونکي ته ثريا مخدوم جو پيپر پسند پيو. ليکڪا ۽ ميڊيا ۾ ڪم ڪندڙ طور انهن ڪانفرنسن ۾ مختلف طبقن جا ويچار، رايا ٻُڌڻ وٽان ملن ٿا. مُشاعدو ڪرڻ سان ڪافي ڪجهه ڄاڻ پلئه پوي ٿي. اتي والاريل ڪشمير جا ڪجهه شخص موجود هئا، جن پڻ پاڪستان حڪومت طرفان حقن کان ڪين محروم ڪرڻ، ڏکن سورن ۽ اهجن جا پنهنجا روئڻا رونا، دهليءَ مان نياز پنجابي هو، تنهن پڻ ويچار پيش ڪيا. اتي ئي گيتا راج سان مُلاقات ٿي حالانڪ دهليءَ ريڊيو تي اڳ ۾ مُلاقات ٿي چڪي هئي. مميءَ جي واتان هڪُ پهاڪو ٻُڌو هيم، نٽئين واري صلاح ؛ يعني مٺڪي صلاح ڪرڻ، اهو تجربو هر ڀيري لندن ۾ ٿيندو آهي. گيتا راج طرفان نٽئين واري نيندڊ ملندي آهي. ظاهر آهي ته ٻاهر نڪرڻ سان وقت جي وڏي قيمت هوندي آهي، ميل ميلاپ، گهمڻ گهڻڻ، ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ انهن ئي ٻن ڇئن ڏينهن دوران جيترو به موقعو ملي ماڻهو اُن وقت جو استعمال ڪري وٺي. جيڪو پرديس ۾ وڃي ٿو ظاهر آهي ته ڪچهريءَ سان گڏ سيروسفر ۽ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ به ڪوشش ڪندو. جتي هڪُ هڪُ پائونڊ اسان جهڙن لاءِ هڪُ سئو کان مٿي رهي ٿو.

ان ڪانفرنس دوارن ئي نظير قريشيءَ پنهنجي گهر ڊنر لاءِ دعوت ڏني. هونسلو ايسٽ ۾ ڪزنس جي گهران نه صرف اڇي پنهنجي نوڪريءَ مان وقت ڪڍي نه صرف ڪانفرنس دوران پر لندن جي ڪن .وٺي ويو پر رات جو واپس پهچائي ويو اهم جڳهين جي ڄاڻ ڏني. سندس گهرواريءَ تمام آدرڀاءُ ڪيو ڪافي طعام تيار ڪيا هئا. ڪيس تاج محل ڏسڻ جو شونق هو، مون ڪيس نيندڊ به ڏني ته جڏهن به اچڻ چاهي مونکي ڪجهه ڏهاڙا اڳ اطلاع ڏئي ته ڪيس مان ڏيکاريندس. هن ڪٽمب سان جيڪا گڏجاڻي رهي سا يادگار رهي.

اُما جئٽلي ۽ وينا جئٽلي جي ناناڻن عزيزن جي ڪٽمب مان اجيت ۽ سندس گهرواري ڊنر لاءِ نيندڊ ڏني، جنهن جي گهرواريءَ سندس .گجراتي آهي اُن گجراتي کاڌا تيار ڪيا هئا. قسمت سانگي دهليءَ جي ڳائيندڙ فنڪارا راڌڪا واڌواڻي اُتي هئي نياڻي جي اتي نوڪري هئي ايلاز منٿون توکي اچڻو ضرور آهي، مان ٿي توکي وٺڻ اچان مون ڪيس منع ڪئي مهرباني ڪر تون پنڌ نه ڪر مان ٿي اچان، تون مونکي صرف ڏَسُ پتو ڏئي اڌ ڪلاڪ اڳ ئي اچي پاڻ ۽ سندس گهوٽ بسنت

واڏواڻي بس اسٽينڊ تي بيٺا. اصل خوشيءَ ۾ نه پئي ماپي.

لنڊن ۾ منهنجي شاپنگ جي پسند جي جڳهه آهي آڪسفورڊ-اسٽريٽ ۾ مارڪس ۽ اسپينسر جا ڊپارٽمينٽل اسٽور، لٽل ووڊ وغيره. هر پيري هڪُ به چڪر لڳن ۽ خريداري به ضرور ڪرڻي آهي، لنڊن جا ڪارڊيگان (سوئٽر) تمام سُٺا، اگهه به واجبي ۽ اُتي جيڪو سيل لڳندو آهي اُهو به (جينين) صحيح هوندو آهي. هتي وانگر نه ته پيڻو ليبل لڳائي اڌ ڪري رکن، گهر پهچڻ ڪانپوءِ محسوس ٿئي ٺڳجي وياسين. هڪ پيري زاهده ٿيبو جو خاوند جناب نور محمد ٿيبو لنڊن ۾ هئا، تن کي به شاپنگ ڪرڻي هئي، آڪسفورڊ اسٽريٽ تي ملياسين شالنيءَ جي ٻارن لاءِ تمام مهانگو ڪارڊيگان خريد ڪيم، چيائون هن جي ٻارن سان وڏيڪ پيار اٿيئي ڇا؟ حيدرآباد ۾ سندن گهر ممي ۽ مان رهياسين تمام تمام گهڻو خيال رکيائون. جناب نور پرديس ۾ جڏهن وطن واسي ۽ هم-زبان ملن .محمد ٿيبو پلو انسان آهي، ٻار به تمام سُٺا اٿن. سندن قرب وسرڻ جهڙا نه آهن ته عيد ٿيو وڃي.

آڪسفورڊ اسٽريٽ شاپنگ ايراضي تقريبا پنجن ڪلوميٽرن تي ڦهليل آهي. ويهه لکن کان به مٿي ٽوئرسٽ اچن ٿا. شاهي ڊپارٽمينٽل اسٽورس جي وڏي تعداد سان گڏوگڏ ننڍا دڪان پڻ آهن. انڊينس جا پڻ ڪي دڪان آهن. صبح جو يارهين ڌاري ويجيٽيريئن لاءِ سولو، فنگر چپس، .ڪائي نڪرندي هيس، آڪسفورڊ وٽ اتي ڪائڻ پيئڻ جون سُٺيون ريسٽورينٽس به آهن ڪولڊ ڊرنڪ وغيره ورتي، جان چُٽي، ڪائڻ کان وڌيڪ گهمڻ جو شونق. لنڊن ۾ ٽرانسپورٽ تمام سولو ۽ سُٺي آهي. روزاني جي هڪ ٽڪيٽ وٺي چڏجي بس ۽ ٽيوب ۾ اُها هلندي آهي، هر اسٽيشن يا هر اسٽاپ ڪانپوءِ ٽڪيٽ وٺڻ وقت ۽ پئسي جو نقصان. لنڊن کان ٻاهر سبربس ڏانهن وڃڻ لاءِ برٽش ٽرينس آهن جن جو رنگ الڳ آهي. جهڙيءَ طرح ٽوئرسٽ جي لحاظ کان آڪسفورڊ اسٽريٽ مشهور آهي ان طرح ٽريئفلگر اسڪوائر، پڪڊلي سرڪل پڻ مقبول آهن. جيڪو لنڊن ايندو اتي ضرور ويندو ۽ اتي فوٽو به ضرور ڪڍائيندو. ڪبوترن کي داڻو ڪارائيندڙ سيلاني وڏا ۽ ٻار...... ايشيئن جي پيڙ...... ٽريئفلگر اسڪوائر پرسان نئشنل گئلري آهي.

سومر نائين آگسٽ 1999ع تي آرٽ گئلري ڏسڻ جو ارادو ڪيو. اندر داخل ٿيڻ تي جيڪي سيلاني ان کي ڏسڻ اچن ٿا سي پنهنجو سامان ڪلاڪ روم ۾ جمع ڪرائي هٿين خالي آرام سان گهمي سگهن ٿا. انهن ڏينهن دوران ڏهين کان ڇهين تائين اها کليل هئي. ان نئشنل گئلريءَ ۾ يورپي پيئنٽنگ جو وڏي ۾ وڏو خزانو آهي. جنهن کي ڏسڻ لاءِ هزارين هزارين سيلاني روزانو پرتجي پون ٿا. اها 1824ع ۾ وجود ۾ آئي. اُتر، ڏکڻُ، اوُپر ۽ وچ ۾ الڳ ونگ آهي جتي الڳ الڳ دورن جون پيئنٽنگس موجود آهن.

اُتي بين ٽوئرسٽ اسپاٽس جيان سوئوينرس وغيره جو دڪان آهي جتي پوسٽ ڪارڊ، ڪتاب ۽ ٻيومواد ملي سگهي ٿو، ساڳيءَ طرح آڊيو ذريعي مختلف زبانن ۾ انگريزي، اسپئنش، فرينچ، اٽالوي، جرمن وغيره ٻولين ۾ ڄاڻ به حاصل ڪري سگهجي ٿي.

يورپ جي وڏي خاصيت ۽ ڏسڻ وٽان شاندار ڪاريگريءَ وارا گرجا گهر آهن. لنڊن جي مشهور چرچ آهي سينٽ پال، ان تاريخي ڪئٿوڊرل ۾ ماضي ۽ حال کي محفوظ رکيو ويو آهي، ماضيءَ جي يادگيرين کي سُهڻي نقاشي ۽ سجاوٽ ذريعي محفوظ ڪيو ويو آهي، ۽ موجوده دور کي فوٽو نمائش ذريعي پيش ڪيو ويو آهي. هينري موري طرفان ماءُ ۽ ٻار جي مورتي ڪشش جو باعث آهي. جديد دور جي شهيدن جا نالا ڪتاب ۾ درج ڪيا ويا آهن، ٻئين جنگي عظيم دوران آسٽان کي بم جي ڪرڻ ڪري نقصان رسيو هو، اهو اونچو آسٽان ٻئين جنگي عظيم جي دولته مشترڪه جي مرد ۽ عورتن جي شهادت جي ياد ۾ قائم آهي. اتي ٻئين جنگي عظيم دوران برطانيه ۾ جيڪي اٺاويهه هزار آمريڪي هئا جن پنهنجون جانيون وڃايون، تن جي ياد به برقرار رکي وئي آهي. شهر کان ٻاهر هڪُ قبرستان آهي جتي مشهور شخصيتن ۽ ڪلاڪارن کي دفنايو ويو آهي. چيو وڃي ٿو، اٺويهه سئو جي وچ ڌاري شهر ۾ دفن ڪرڻ لاءِ قبرستانن ۾ جاءِ جي تنگي ٿي ته برطاني پارليامينٽ 20 مئي 1849ع تي هڪُ بِلُ بحال ڪيو ۽ شهر کان ٻاهران قبرستان ۾ دفنائڻ جي اجازت ڏني، جتي وڏيون هستيون دفن ٿيل آهن.

اَسڪائٽ نالي هڪ ايراضيءَ ۾ وڏو ريس ڪورس آهي، جنهن جي مالڪياڻي مهاراڻي خود آهي، وڏا لارڊس ۽ ٻيا شاهوڪار ان ريس ڪورس ۾ ايندا آهن، وڏي تعداد ۾ جاڪي، ٽرينرس ۽ ٻيا اتي ويندا رهندا آهن. ڪئمبڊين هاءِ اسٽريٽ ۾

هڪُ لک ماڻهو شاپنگ لاءِ ايندا آهن. ان علائقي جي پرسان سئو پائونڊن ۾ هڪ رات لاءِ هوٽل جو سُٺو ڪمرو ملي سگهي ٿو.

**مئڊم ٽساڊ وئڪس ميوزم**

لنڊن ۾ سائوٿ هال اهڙو علائقو آهي جتي هندو مُسلمان سِک وغيره موجود آهن. ڪرول باغ جيان ٻاهر پنڙيءَ تي زالون مرد دڪان ڪيڏيل نظر ايندا. هن پيري مان پنهنجي ڪزن اُما جيئتلي سان گڏ اُتي ويس جتي هوءَ مندر ۾ وڃي هلي، اُتي مندر مسجد گردوارو ۽ انهن ۾ عقيدت رکڻ وارن وچ ۾ چڙهت ڪري اتي ملڪيت جا اڳهه به وڌي ويا آهن. هن ڇيو اڄُ توکي چاٽ ۽ سنبوسا ٿي کارايان. مونکي ۽ خود اُما کي به ڪونه پسند پيا، اُتي هڪُ سکُ آفريڪيءَ کي وٺي آيو، دال روٽي پُلاءُ وغيره پيو کارائيس، هاڻي ته هندوستانين اُتي جي مڪاني ماڻهن کي به اسان واري کاڌي جو چشڪو وجهي ڇڏيو آهي.

لنڊن ۾ مئڊم ٽوساڊ وئڪس ميوزم ڏسڻ وٽان آهي اگر اها ميوزم نه ڏٺي ته سفر اڌورو رهندو. ان کي ڏسڻ لاءِ ستاويهه لک سيلاني هر سال ايندا آهن. لنڊن ۾ گهمڻ گهتڻ ۾ وقت ائين گذري وڃي جو پتو ئي نه پوي. ڪيترين جڳهين کي ور ور ڪري ڏٺم ته به بوريت جو احساسُ بلڪل ئي نه پيو ٿئي پوءِ چاهي جيمس پارڪ، هائيڊ پارڪ، بڪنگم پئلس هجي يا ٽريئفلگر اسڪوئر، پڪڊلي سرڪس، آڪسفورڊ سرڪس، يا وري مئڊم ٽوساڊ جي وئڪس ميوزم.
ميوزم ۾ جيڪي ميڻ جا بُت آهن سي اهڙا ته ٺهيل آهن جو انهن کي ڏسندي اکيون دوکو کائي وڃن. پهريون پيرو جڏهن مئڊم ٽوساڊ ميوزم ڏسڻ ويس ته وڙ وڪڙ ڪنڊن پاسن تي ٻاهرين حصي ۾ مشهور معروف شخصيتن جا ميڻ جا بت رکيل هئا، رنگ برنگي ۽ ڪٿي ڊِم لائيٽ (هلڪي روشني) سيلانين جي پيڙ ڪئميرائن جي فلئش جي ڪلڪ ڪلڪ جنهن طرف وڃ هرڪو واه! واه! پيو ڪري. مان سي.اين.اين. جي مشهور معروف نيگرو ٽي.وي. ڪمپيئر لوسيءَ جي وئڪس واري پتلي کي ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌيس، سوچيم پهرين پنهنجي برادريءَ واري ميڊيا شخصيت سان ئي مهورت ٿي ڪريان، ان دوران هڪ واقعو پيش آيو، مان جيئن ئي اُن طرف قدم وڌايو، اڳيان هڪ ٻي خوبصورت بت بڻيل چوڪري نظر آئي منهنجون نگهائون اُن تي وڃي مرڪز ٿيون، مان اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس ته اهو وئڪس جو پُتلو ڪنهن جو پتلو ٺهيل ٿورو اُن جي قريب ويس...... اوچتو جهٽڪو لڳو اُن حسين چوڪريءَ پلڪون ڇهمبيون مان به قدم پٺتي هٽي پلٽو .آهي کاڌو...... جا وئڪس جي ٺهيل نه بلڪ هڏ ماس واري چوڪري هئي جيڪا اُتي جي اسٽاف جي هئي، خاموشيءَ سان نظر رکي رهئي هئي...... چڱو ٿيو جو پاڻ سنڀالي ورتم...... مونکي پڪ آهي منهنجي ان دوکي کائڻ وارين نظرن کي هن به سڃاڻي ورتو هوندو...... پنهنجي نادانيءَ تي اُنڪانپوءِ کل به آئي ته شرمسار به ٿيس. وئڪس ميوزم ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مشهور معروف شخصيتن کي شامل ڪيو ويو آهي. لنڊن جو شاهي خاندان ته هٽلر به روسي ڪامريڊ ته عرب پهرين پيري مهاتما گانڌي ۽ اندرا گانڌي اُنڪانپوءِ راجيو گانڌي ۽ بينظير جو اضافو ٿيو، مهاتما گانڌي ۽ اندرا گانڌيءَ .به جي وچ ۾ بينظير جي پتلي کي ڏسي ڪنهن سچڻ رمارڪ ڏنو آهي! ڪٿي اهنسا جو پوڄاري کاڌِي پهريل مهاتما گانڌي، ڪٿي هيءَ مائي......
لنڊن جي ان يگاني مئڊم ٽوساڊ ميوزم جا ڪي يادگار پل مون به پنهنجي ڪئميرا ۾ قيد ڪري ورتا خاص طور تي عظيم ليکڪن ليکڪائن اگستا ڪرستي، چارلس ڊڪن، والٽر اسڪاٽُ، وليم شيڪسپيئر وغيره وغيره جي چتر ڇاپيا ۾ ٻهي اهوئي وردان گهريم، ڏٺي انهن جي علم - عقل جي ٿوري ٿاريءَ اسان جهڙن ڏئي به نواءِ ٻورَ جو ڪٽو ڪيراءِ...... آمين!
لنڊن ۾ بي.بي.سي. جي دفتر ۾ به وڃڻُ ٿيو دهليءَ جي هڪ ريڊيو جي ساٿي چيو اتي جي انچارج ڊيوڊ پيج سان منهنجو نالو وٺي مُلاقات ڪجانءِ، اسان جا ڪي ٻيا به ساٿي پرويز عالم، اچلا شرما، شڪنتلا چاند ۽ ڪن ٻين سان به مُلاقات ٿي ڊيوڊ پيج اسٽوڊيو ڏيکاريا، اُرُدو يونٽ جي اُن وقت موجود عُبيد صديقي وغيره سان به مُلاقات ڪرائي، چڱو وقت ڏنو.

پارليامينٽ هائوس، وزيري آعظم جي رهائش گاه ٽين ڊائونگ - اسٽريٽ، بڪنگم پئلس يا چينج-آف-گارڊس، لنڊن ۾ وڏو گهڙيال آهي، بگ-بين، جتي نئين سال جو جشن ڏسڻ لاءِ ايڪٽهين ڊسمبر جي پاري واري رات ۾ ملينيم جي جشن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هزارين شائق اچي اُتي گڏ ٿيا. لنڊن جي ٽوئرسٽ اسپاٽس کي ڏسڻ لاءِ روزانو هزارين سيلاني نظر ايندا، چينج-آف-گارڊس وقت مان گهوڙي جي واڳه سان ڪانه جهليم باقي ڪافي قريب وڃي بيٺس، ڪيترا اُن وقت حسرت ڀري نگاهه سان

ڏسي رهيا هئا، لنڊن جي قلعي ڪي ڏسڻ جو اشتياق هو، جو اُتي ڪوهينور جو هيرو موجود آهي، قلعي جو پنڌ ڪافي ٿڪائيندڙ آهي، مان سڀي ڏسڻ جي همٿ ڪانه ڪئي، مون اُن ڏهاڙي ڪيونس ميوزم ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو جتي راڻيءَ ۽ شاهي خاندان جا زيورات ۽ ٻيو قيمتي سامان رکيل آهي، انهن خواهشن کي پورو ڪرڻ ٽن جي آهوتي ڏيڻي ٿي پوي، وڏن جو پهاڪو آهي ته هُجيئي ناٿو ته گُهم لاڙڪاڻو، اسان جو لاڙڪاڻو ائين خيسا ڪونه خالي ڪندو جهڙا يورپ جا شهر، ننڍي کنڊ جي سيلانين جي زر کي ڇيهو رسائين ٿا، يورپ ۽ اَمريڪا پنهنجي ناڻي جا مُلهه وڌائي اسان جي روپئي جو هيٺو حال ڪري ڇڏيو اٿن.

شاهي خاندان جي قيمتي زيورات کي نه ڏسڻ جو ارمان رهي ها، خير ونڊسر ڪئسل ۾ نُمائش لاءِ ڪي اهڙا ناياب زيور ۽ لائبريريءَ ۾ ڪي پندرهين صديءَ جا جهونا دستخط ناياب ڪتاب موجود آهن، جنهن جي قيمت نه ٿي لڳائي سگهجي. سورهين ۽ سترهين صديءَ جا زيورات، هيرن جواهرن سان جڙيل زيورات، تاريخي سِڪا، ميڊلس، يادگار گهڙيال، پئينٽنگس وغيره. راڻي وڪٽوريا کي شاديءَ جي سوغات طور وچٿو جيڪو شهزادي البرٽ کيس 1840ع ۾ ڏنو هو ۽ بادشاهه چارلس پهرين کي جنهن وقت ڦاسي ڏني وئي هئي، کيس جيڪا قميض پئي هئي، اُها رکيل آهي. دراصل ڪنهن به تاريخي ماڳ يا ميوزم تي الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو، جنهن لاءِ لاڳيتو ڪئي ڀيرا ان ميوزم کي ڏسڻ ۽ اجازت وٺي ڪن دستاويزن تي باريڪي سان نظر وجهي لکڻ وارو ڪمُ ڪن ادارن جي مدد سان وڏا تاريخدان ئي ڪري سگهن ٿا. چيو وڃي ٿو ته انگلينڊ جي شاهي خاندان وٽ روس جي زار جا ڪي زيورات آهن جن جي باري ۾ ڄاڻ پئي نه سگهي آهي ته ڪن جو چوڻ آهي زار خاندان جا ڪي ڳهڻا پرنسيس ڊائنا کي .زار جي شاهي خاندان جا زيور ۽ ٻيو وڏو خزانو لاپتا آهي انگلينڊ جي شاهي خاندان جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته دنيا جي سڀني شاهي خاندان کان گهڻي جوئلري .پاتل ڏنا ويا هئا (زيورات) ان خاندان وٽ آهي. زار روس ۾ انقلاب اچڻ کان پهرين بئنڪ - آف- انگلينڊ ۾ سون جون سرون جمع ڪرايون ڪئي سال ٿيا .هيون. زار جي ڌن دولت جي باري ۾ چيو وڃي ٿو جيڪو هٿُ لڳو آهي، اُن کان تمام گهڻو حصو لاپته آهي جو روس جي زار جا (300 ڪروڙ پائونڊ) ٽي سئو ڪروڙ پائونڊ بچيا هئا جيڪي روس جي انقلاب دوران جن برطانوين جي مال ملڪيت جو نقصان ٿيو هو تن جو نقصان پرڻ لاءِ اُنهن ڪمبن ۾ وراهيو ويو.

ٽاور - آف - لنڊن جي باري ۾ جيترا مُنهن اوترين ڳالهيون ٻُڌڻ لاءِ مليون ته اتي روحن جو واسو آهي. ٽاور - آف - لنڊن ۾ تهخاني اندر پنهنجي شڪار ڪيل انسانن کي اذيتون ڏيئي ماريندا هئا، چيو وڃي ٿو ته ان قلعي اندر اڄُ به آتمائن جو واسو آهي. چوڏهين صديءَ ۾ ٻن راجڪمارن جو رهسميه موت ٿيو، جن جي باري ۾ ڪن جو چوڻ آهي ته قلعي جي ديوارن اندر انهن ننڍڙن راجڪمارن جو روحون ڏٺيون ويون آهن. انهن جي موت لاءِ سندن چاچي رچرڊ کي جوابدار ٺهرايو ويندو آهي. جو کيس گاديءَ تي وهڻ جي خواهش هئي اگر اهي راجڪمار زنده هجن ها ته کيس راج گدي نصيب نه ٿئي ها. ٽاور - آف - لنڊن اندر 1483ع ۾ اوچتو ٻئي راجڪمار غائب ٿي ويا، سندن لاش وڏي عرصي کان پوءِ مليا، سندن آتمائون پوٽ پريت بڻجي اڄُ به ان قلعي اندر موجود آهن ڪن جو وشواس آهي. اتي شاهي خاندان جي نو (9) سئو سالن کان به وڌيڪ اُنداهين دور ۽ ڪارن ڪرتوتن جا داستان بيان ڪيا وڃن ٿا. اسان اڳيان ٻلي لنگهي وڃي ته اسين اپسوُڻُ مڃون پر آفريڪا ۾ ڇپڪلي (ڪِرڙي) اڳيان لنگهڻ تي اُن کي اپ سوڻ مڃيندا آهن. سندن جو چوڻ آهي ته انهن ۾ وڏن جون آتمائون هونديون آهن. اسان سوچيندا آهيون ته اسان ئي وهم و غمان پوٽ پريت آتمائن جي ڳالهه ڪندا آهيون، پر گهوڙيءَ کي ئي گهمرو آهي، سڄي دنيا ۾ ان طرح جون ڳالهيون پيا ٻُڌون. لنڊن ۾ آفريڪين جو علائقو آهي، ان طرح بنگلاديشين جو به علائقو آهي.

هڪ طرف وهمن جا قصا ته ٻئي طرف اتي ڪي اهڙا به انسان پيدا ٿي چڪا جن پلي ۽ بهبوديءَ وارا ڪم ڪيا. هر ديش ۾ سُٺا چاڻو ۽ خراب ماڻهو ملندا، ڪنهن خاص ملڪ يا قوم جي اها ميراث نه آهي. لنڊن جي سائنسدان - مشينري ڊاڪٽر ڪوجنڪ فلورنس بيڪر پهريون يورپي هو جنهن آفريڪا جو سفر ڪري اُتي پنهنجي هڙان تڙان رقم ڏيئي ڪن غلامن کي آزاد ڪرايو، جتي آفريڪا ۾ ڪپڙي جي بدلي يا تلوارن ۽ ٻين هٿيارن جي بدلي غلام ڏنا ويندا هئا، انسانن جو سودو ڪيو ويندو هو. ڪابه خريدي ڪرٽي هوندي ته غلام جي عيوض اُها شئي خريد ڪندا هئا. بارٽر سسٽم غلامن جو واپار

ڪيو ويندو هو، هڪ جاگيردار عورت ته آفريڪي غلام زالون انڪري خريد ڪيون ته اُنهن جا ٻار ٿيندا ۽ ڪم ڪار جي
لاءِ اُنهن ڪان بيگار پورهيو ورتو ويندو، چين جي وڏي پٽ جي اَڏڻ ۽ مصر جي پيرامڊ ۾ به انهن غلامن جي پگهر جو
پورهيو هو، هيءُ جيڪو پهريون يورپي سيلاني هو جنهن وڪٽوريا فالس (جهرنا) ڳولهي ڪڍيا اهي وڪٽوريا فالس ڏيڍُ -
-: ڪلوميٽرن جا هئا. هن جو چوڻ هو
.سائنس ۽ مذهب ۾ ڪو تڪرار ڪونهي

**برٽش ميوزم**

اتي هر سال ست لک سيلاني ايندا .لندن وچي جنهن برٽش ميوزم نه ڏٺي ته ائين سمجهي ڇڻُ اُن جو دورو اڌورو رهيو
مان هر پيري ڪلاڪن جا ڪلاڪ ميوزم جي مختلف حصن ڪي ڏسندي .آهن. (65) پنجهٺ لک ڪلا ڪرتيون رکيل آهن
گذاريان خاص طور تي مصر واري گئلريءَ ڪي جتي مَمِيز آهن. مصر واسين جو اعتقاد هو ته اُهي وري زنده ٿيندا تنهن
ڪري پنهنجي بتن ڪي ڪفنن ۾ محفوظ ڪرائي سنڀالي رکندا هئا، جنهن جي جهڙي صورت اُن جي ڪفن جي باڪس مٿان
اُن طرح جي صورت زيور روپ رنگ ڍيلُ ڍول نظر ايندا، (مصرين) ايجپشن جو اُن دور جي رهواسين جو مذهبي عقيدو
هو ته جيڪو هيءُ سوريه ديوتا سان آڪاش جو طويل سفر آهي، اُها منزل ماڻڻ چمڻ ۽ مرڻ ۽ وري ساڳي جُوڻُ حاصل
ڪرڻ تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن اُنهن جو بُتُ يعني جسم جي محفوظ هئڻ سان وري جنم وٺي سگهبو، جنهن ڪري اُهي
پنهنجي جسمن ڪي مَمِيز جي روپ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندا هئا. ميوزم ۾ انهن مَمِيز ڪي تمام ئي سنڀالي رکيو ويو آهي. اتي
ٽن هزارن سالن جي مصر جي تاريخ جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي، جيڪا پيرامڊ جي دور ڪان رومن جي قبضي تائين ڦهليل
آهي. مصر جا پيرامڊ دنيا جي ستن عجوبن مان آهن، اندر ايئرڪنڊيشن جيان ٿڌا آهن. هڪ جي دفن ڪرڻ واري اُن دور
جي سلسلي لاءِ سوين پورهيتن جو پورهيو درڪار هو. (1250 بي.سي.) ٻارهان سئو پنجاه بي.سي. جو باڪس ۽ ٽن جي
ديوي جي باري ۾ (1300 بي.سي.) تيرهان سئو بي.سي. جو سنه بيان ڪيو ويو آهي، سندس ڪنن ۾ سُهٽا ٽاپس ۽ انهن
مَمِيز ڪي سنهو ڪپڙو ويڙهيل جنهن سلسلي ڪي پورو ڪرڻ وارو تمام طويل مرحلو هو. 1250 بي.سي.، 1850 بي.سي.
ان طرح الڳ الڳ دورن جي اهم شخصيتن، جنهن ۾ عورتون، مرد، پريسٽ (پاوا) ۽ ٻارن وغيره جون مَمِيز نظر ايندي‎ون.
هڪ مرد جو ننگو جسم هڪ شيشي جي باڪس ۾ ڪُرونڊرو ٿيل، هيٺان واري (ريتي) پيل هال اندر نظر ايندو. ان جي
خاص ڳالهه اها هئي ته ان جي ڪنن تي جيڪي وار هئا سي صاف نظر پئي آيا، ان جي پر ۾ هڪُ لوٽو (ٺڪر جو ٿانو) ۽
لٺ موجود آهي، مون ان جي تصوير ڪيڏي ۽ جڏهن به تصوير تي نظر پوي خوزده ٿي وڃان، ڪئي راتيون ننڊ حرام ٿي
وڃي، چوندا آهن هيري سندي هير تنگ پڳي به نه لهي! جسمن ڪي محفوظ ڪرڻ واري مرحلي دوران پراڻين جي دل ڇڏي
باقي اندران ماس ۽ ٻيا عضوا اهڙيءَ طرح ڪوري ڪين جو لکه ئي نه پوي، جسم جي ڪنهن به حصي ڪي خارج نه ڪن
۽ اُهي سُڪائي مرتبانن ۾ محفوظ ڪري رکي ڇڏين جيڪي مقبرن ۾ دفنائي ڇڏين. مَمِيز جي ڪفن لاءِ گارو، لينن
(ڪپڙو)، ۽ پلاسٽر جو استعمال ڪندا هئا. مئڪسيڪو جي لورينٽا شهر ۾ جوليا نالي هڪ عورت جنهن جي خاندان ۾ هڪ
اهڙي بيماري پيڙي در پيڙي هلندي پئي اچي، جنهن سان سندن سچي جسم تي ٻُج (وار) لومڙيءَ جيان مُنهن سندس قد ساڍا
چار فُٽ هو ۽ ڪيس پُٽ ڄائو اُهو به ان طرح جڏهن جوليا جو موت ٿيو ته سندس گهوٽ ڪمائي خاطر هن جي جسم ۾ پوسي
(ڀلالُ) ڀري هن جي ممي ناهي ماڻهن ڪي ڏيکاريندو هو، تماشي ڏسڻ لاءِ ڪئي ماڻهو گڏ ٿي ويندا هئا. چيو وڃي ٿو ته جوليا
۾ ايڪس-وائي وارو جين موجود هو جنهن ڪري اُن جي جسم تي ان طرح جي گهاٽي ٻج هئي، هڪ ايڪس - ايڪس جين
ٿيندو آهي ۽ ٻيو ايڪس - وائي جين. جوليا ۽ سندس خاندان جي ڪن ٻاتين ۾ ايڪس-وائي جين موجود هئڻ ڪري گهاٽي ٻج
.(وارن) جانورن جي روپ وارا پيدا ٿيا
ڪاڪي پيرومل قديم سنڌ ۾ لکيو آهي ته مصر واسي ڊڪڻ لاءِ سنڌ جي نفيس ملايم ململ گهرائيندا هئا. مصر جو هڪُ
راجا پاڻ ڪي سوريه ديوتا جو پُٽ چوائيندو هو ۽ پنهنجي پوڄا لاءِ عوام ڪي مختلف طريقن سان آماده ۽ مجبور ڪندو هو،
هُن ڪان اڳ جنهن ديوتا جي پوڄا ٿيندي هئي تنهن تي روڪ لڳائي پر اُتي جا ماڻهو لڪي ڇُپي پوڄا ڪندا هئا، هن سوريه
ديوتا جي آرتي به لکي. سندس راڻي ۽ پاڻ ٻئي گڏجي شاهي محل مان عوام تي سونن سِڪن جا وسڪارا ڪندا هئا، ۽ ماڻهو
سندس گُـڻُ گان ڪندا هئا، اتي ديويءَ جي ٻلي چاڙهڻ وارا ثبوت پڻ ملن ٿا. پتين ۽ باڪس (ڪاٺ جي پيتين) تي پکين پسن
جون تصويرون شاهي ڪرسين جي پسمنظر ۾ سوريه جو نشان ڏسڻ وٽان ملندو. ڪاڪو پيرومل لکي ٿو آڳاٽي آرين وانگر

يهودي ۽ قديم مصر جا رهاڪو سوريه ديوتا جي پوڃا ڪندا هئا. قران شريف ۾ ٽن بُتن جا نالا ڄاڻايل آهن تقدير يا قسمت، جنهن کي هندو وڌاتا سڏيندا آهن، زهره يا شڪر ديوتا وينس آهي. لات سج جي ديوي ساوتري يا گايتري، ٽنهي ديوين جا مندر عربستان ۾ هئا. اُتي الڳ الڳ دورن جون شيون موجود آهن. يونان، روم، رومن-برٽش، وچ واري دور، جديد دور، اولهه ايشيا، وغيره وغيره. گريڪ وارن جو چوڻ آهي ته اسان جو قيمتي سرمايو لُٽي برطانيون کنيو آهي. اسان کي پنهنجون شيون واپس ملڻ گهرجن. هندوستان واري گئلري، پر ۾ ئي مهاتما ٻُڌ ۽ اُن جي دور، هر هڪُ سيڪشن ڏسڻ وٽان آهي، پئينٽنگس، سِڪا، ميڊلس وغيره تمام وڏو ذخيرو آهي، تمام سُهڻي نموني سنڀالي رکيو ويو آهي، هڪ ڳالهه چئجي انهن جي ڪن ملڪن جا ناياب تاريخي ذخيره جي کنيا آهن ته اُنهن جي سارسنڀال به سُٺي ڪئي آهي. ڏسڻ جي ڪا قيمت نه رکي وئي آهي، ٻاهر دان جي پيٽي رکيل آهي اگر اوهان جو پڇاءُ پوي ته اُن ۾ وجهو، چاهي توهان وٽ ڪهڙي به مُلڪ جو سڪو چو نه هجي. پنهنجا تاثرات ڏيڻ لاءِ فارم وٺي توهان پري ڏيئي سگهو ٿا. برٽش لائبريري ڏسڻ وٽان آهي اُتي جي هڪ سنڌي لئبريرين پيڻ سان مُلاقات ٿي، تمام سُٺي، ڪزنس وٽ ملڻ به آئي، کيس سنڌيءَ سان بيحد لڳاءُ، سنڌي ٻارن، نوجوان ڇوڪرن ڇوڪرين ۾ مضمون ڇٽاپيٽيءَ لاءِ پنهنجو صلاحون ڏنائين، مارئي طرفان ان پروجيڪٽ لاءِ پريٽٽا به -: ڏنائين. کيس ڏسي مونکي هيءُ احساس ٿيو

وطن ويو جن هٿان ناهي تن آرام
ڪڏهن وسري ڪين ڪي ڪنهن کان پنهنجو گام

**ڏاها ڏاتون ڏي**

يارهين آگسٽ اڄُ جو سوير ئي گهران نڪتس. ڊا. بدر سومري صاحب وقت سيڙايو ۽ ڪلهي تي تمام قيمتي وزن به ڍوهيو، منهنجي مُراد سندس قيمتي ڪئميرا سان آهي، جنهن منهنجي يادگار دوري جون ڪي اهم گهڙيون محفوظ ڪري ورتيون. هن سفرنامي ۾ لنڊن جون ڪي يادگار تصويرون بدر سومري صاحب جي ٿورن ۽ ڪئميرا جي عنايت جو نتيجو آهن. ان .کان اڳ واريون پنهنجي ڪئميرا جي مهرباني جو نتيجو آهن

ع ۾ پينڪر باهه لڳي هئي، جيڪا سانده 1666اڄُ جو پهريون پڙاءُ (اسپاٽ) سر ڪرسٽوفر وارن جو مونومينٽ هو. لنڊن ۾ ٽي ڏينهن هلي، جنهن ۾ تيرهان هزار گهر سڙي خاڪ ٿي ويا ۽ شهر جا چار سئو چٽيهه ايڪڙ شولن ڳرڪائي ورتا. اتي جيڪو يادگار سر ڪرسٽوفر وارن مونومينٽ اڏيو ويو آهي اُن جي اونچائي ٻئه سئو ٻئه فوٽ آهي، ان جي تعمير تي سڄا سارا ڇهه سال لڳا، (1671ع - 1677ع)، ان جي اندر مٿي پهچڻ لاءِ ٽي سئو يارهان ڏاڪا آهن، مٿان سڄي شهر جو منظر پسي سگهجي ٿو. ڪجهه ئي فاصلي تي لنڊن برج آهي، اتي پيرين پنڌ گهمڻ جو مزو ئي ڪجهه ٻيو آهي. ڪيترا اهم اسپاٽ اوسي پاسي ۾ آهن. برج جي پاسي ۾ ئي (نيوي) سٽي پيئر آهي، هيز گئلري، ڪاٽن سينٽر، ٿيمس پاٿ ويسٽ، سينٽ ڪئٿرينا ڊاڪس، ٽاور برج، فيلڊ پارڪ وغيره وغيره اوسي پاسي تاريخي اهميت واريون جايون نظر اينديون، نالن ڳڻهڻ يا بيان ڪرڻ تي اُهو احساس نه ٿيندو جيڏو ڪو انهن کي اکين سان پسڻ ڇُهڻ احساسن ۽ جذبن جي شدت خود کي محسوس ٿئي .ٿي

ٽاور برج جنهن جي اڏاوت سئو سال اڳي ڪئي وئي جيڪا ٿيمس نديءَ مٿان اڏيل آهي، ان جي هيٺان ٻيڙيون لنگهي رهيون هيون. ٽاور برج ٿيمس نديءَ کان هڪُ سئو چاليهه فوٽ مٿي اڏيل آهي. اسان اُن وقت بيحد خوشي محسوس ڪئي جڏهن اسان جي سامهون ان برج کي مٿي کڻي هٽايو ويو ۽ هيٺان وڏا جهاز اڳتي وڌي پنهنجي منزل طرف وڃڻ لڳا ۽ ٽاور برج ٿيمس نديءَ مٿان اڏيل ان برج جو احساسُ ئي نه هو ته ان طرح ٻن .جي ٻنهي پاسي آمدورفت ٻن حصن ۾ وراهجي وئي حصن ۾ الڳ ٿي وري هيٺ ٿيڻ تي اهڙو روڊ، جو اتان ڪئي پيرا گذرڻ ٿيو پر محسوس ئي نه پئي ٿيو ته روڊ وراهيل آهي. هتي ته پُليون ۽ فلاءِ-اُئور ئهن پتو ئي نه پوي اچي ڦهڪو ڪن. پُل کڄڻُ ۽ وري واپس هيٺ ٿيڻ اُنڪانپوءِ آمدورفت جو سلسلو رواني سان برقرار ٿيڻ ائين ٿيو جو فلڪ ئي نه پئي، پر برج جي مٿي کڄڻ وارو منظر نهايت ئي سُهڻو لڳو. ٽاور برج جي تعمير جي سلسلي ۾ چيو وڃي ٿو، ان جي ڪافي مخالفت ڪئي وئي، ان برج کي سال ۾ ڇهه سئو پيرا کوليو ويندو .آهي. شڪر ٿيو جو اُن وقت اتان گذرڻُ ٿيو جو اهو ڏيکـه ڏسي سگهيس

جون، جولائي، آگسٽ ۾ لنڊن جي مند گهڻو ڪري جُهڙالي. هلڪي وٽندڙ ٿڌ ساوڪ اکين کي تراوت پئي بخشي. سينٽ جيمس پارڪ وٽ برطاني راڻيءَ جي جنم جي ڏينهن تي پريڊ ٿيندي آهي، روڊ جي ٻنهي پاسي وڏي تعداد ۾ ماڻهو گڏ ٿي

ويندا آهن اُن ڏينهن جشن جو ماحول هوندو آهي. راڻي شاهي سواري ۾ اُتان لنگهندي آهي ۽ جيڪا بينڊ وڄائي ويندي آهي اُن جيمس پارڪ ۾ ۽ بڪنگم پئلس واري ايراضيءَ ۾ هر وقت سيلانين جي اچ .جي چونڊ ۾ راڻيءَ جي پسند شامل هوندي آهي وڃ لڳل هوندي آهي، ڪجھ وقت جيمس پارڪ ۾ پاڻيءَ ۾ ترندڙ اڇين ڪارين بدڪن جي موج مستي ڏٺي. قدرت طرفان انسان ذات کي ڪئي نعمتون عطا ڪيون ويون آهن، ڪائنات جا حسين منظر قسمين قسمين جيوَ وڻ ٽڻ، انهيءَ جي باوجود انسان ائٽمي ۽ نيوڪلائي ڪيڏ ڇو ٿو ڪيڏي؟ حسين منظرن کي محفوظ رکڻ بدران اُن جي تباهيءَ جا سامان ڇو ٿو ٺاهي؟ فتنو ۽ فساد ڇو ٿو ڦهلائي؟ اڄُ انساني زندگيءَ جو قدر ئي ناهي، ماڻهو مري ويو، ڇڻُ ڪتو مري ويو، واٽ ويندي اها خبر نه آهي ته ڪهڙي باھ ۾ ڦاسجي پوي! پنهنجي لاءِ ڇو ٿو کاھ گهڙي؟ ٻن جنگي عظيم ڪانپوءِ به ان کي چين نه آيو آهي. هيروشما ۽ ناگاساڪي جو تباهيون...... قومن نسلن جون تباهيون. مذهبي چڙهت، دين جو ڦهلاءُ، يا اقتصادي استحصال؟ اڳين پيري جتان پئي گذران، بي.بي.سي. ۽ سي.اين.اين. جون خبرون تن ڏينهن گلف (نار) واري جنگ لڳي هئي، صدام حسين به چڱو سوڙهو ڪيو هوُن، هاڻي وري هڪُ نئون فتنو دهشتگردي، جا دنيا پاڻ کي مُهذب سڏائي ٿي اها امن جون واهون تلاش ڪرڻ ۾ ڇو پُٺتي رهي آهي؟

/ آهي عيد امن سان امن کي آڻيو

/ جوڀن ۽ جيون کي مؤجن سان ماڻيو

تنُ اُتي تاڻيو جتي امن آسرو

(سرڪش سنڌي)

مولا مهر جا سپني تي مينهن وسائي، امن جا ڪي وڏڦڙا وسائي باقي ته مڙيئي خير آهي. تشددُ ۽ جهيڙا فساد، ويڙھ مارا : ماري لُٽ مار سر فريلن کي مُبارڪ! مونکي اُستاد بخاريءَ جو شعر ٿو ياد اچي

دنيا ٿئي پئي دوزق دونهون

!ڪوته سگهارو آسري سونهون

!ايـٽـم بم ريـٽـي

!ڏاهـا ڏاتـون ڏي

(بخاري)

بدر صاحب وٽ چپس ۽ ڪولڊ ڊرنڪ هئي جنهن ڪري گهمڻ لاءِ ڪافي وقت مليو گڏوگڏ هانوَجهل به ٿي نه ته اسان جهڙن ويجيٽيرينن لاءِ ٻاهر اصُل ويلُ آهي. اُن ڏهاڙي ڪافي جڳهيون ڏٺيون، ڏينهن لـڙي چڪو هو، ٽرئفلگر اسڪوائر .جي رونق سيلانين جي پيـڙ نندي ڪنڊ جا ماڻهو اُتي ڪافي ملندا ڇڻُ پنهنجي ڪنهن ٽوئرسٽ اسپاٽ تي موجود آهيون دنيا جي مشهور معروف مالدار شخصيتن مان اسان جا سنڌي پائر هندوجا پائر آهن، انهن سنڌ جي شڪارپوري سنڌي پائرن پنهنجي محنت مُشقت هوشياريءَ سان جيڪو رتبو حاصل ڪيو آهي تنهن تي خوشي ٿيندي آهي. سندن رهائشگاھ لنڊن ۾ آهي، شام جو سير سپاٽي ڪانپوءِ انهن جي رهائشگاھ جي پرسان واري ريسٽورينٽ ۾ رفريشمينٽ ۽ ڪولڊ ڊرنڪ وغيره وٺي تنُ تازو ڪيو. وڏن ماڻهن جون وڏيون ڳالهيون، اُن وقت اُنهن سان سُڃاڻپ ڪونه هئي، ويجهڙائي ۾ دهلي ۽ جئپور ۾ شري سريچند هندوجا سان ڪنهن واقفيت ڪرائي، حالانڪ دهليءَ ۾ گفتگوءَ دوران مون کين سريچند هندوجا صاحب ٿي مخاطب ڪيو ته مونکي چيائون تون مونکي پاءُ سريچند ڪري چئو. گهڻن ئي ماڻهن سان سندن مُلاقات ٿئي ٿي، اِها اُميد .ڪريان ته پاءُ سريچند کي منهنجو نالو ياد پوندو يا سُڃاڻندا، هروڀرو اِن غلط فهميءَ ۾ نه رهندس پنهنجي دل ۽ دماغ جون ڪيئي سوچون، ڪئي ويچار، خيالن جي اُڏام ديش کان دور پرديس ۾ ڪئي پور......... بقول اُستاد بخاري : سوچ جو پيـچُ ڪيڏو ڪُشادو ته آ،

.ٿـي پـڪوڙي ازل ۽ ابـد جي پـڪڙ

(بخاري)

**پـرديسي ڪـهڙا پـرين**

لندن جون لوڪل ٽرينس ۽ برٽش ٽرين مُسافرن لاءِ وڏيون راحت واريون آهن. مونکي شهر کان ٻاهر برٽش ٽرين ۾ وهڻ جو پر وقت ئي نه پيو ملي. ثريا مخدوم جي دعوت به هئي، برٽش ٽرينس ۾ ٻاهر ته ڪونه ويس پر يورپ جي ٽرينس جي هوائي جهاز ۾ ته اُڏامون پريون .تعريف ٻُڌي هيم ته تمام سُٺيون آهن، سو ارادو ڪيم ته يورپ جي ٽرين جو سفر ڪريان آهن هاڻي هتان جي ٽرين جا لوڏا ڪانوان ۽ چُڪ چُڪ ٻُڌان، هند سنڌ جي گاڏين جا لوڏا ۽ جهٽڪا ته ڪاڏا آهن پر اتي جو تجربو نه آهي. اسان جي ڳوٺ شهدادڪوٽ ۾ هڪُ واٽيو مورج دال ٺاهيندو هو، تنهن ويچاري سڄي زندگيءَ ۾ ٽرين ئي نه ڏٺي هئي، هن کان وڌيڪ اسان کي ارمان ٿيندو هو. اشوڪ چيو تون پئرس ٽرين ۾ وڃ مان سڄو بندوبست ڪري ٿو اُنهن ڏينهن ٻنهي پائرن ڪانٽيش ۽ هنکي تمام ضروري ڪمُ هو. مان چوان توهان هلو چيائين هوٽل ، ٽڪيٽ .چڙهيان ٽوئرسٽ جي بس سڄو انتظام هتان ڪريان توکي وٺڻ به ايندا ۽ اسٽيشن تي واپس پهچائي به ويندا، ڪانٽيش ٽرين تي چڙهڻ هليو، ٻنهي چٽن سفر جون ضروري ڳالهيون ۽ اسپاٽ سمجهائي به ڇڏيا هئا، ۽ هڪ خاص ڳالهه چيائون ته ٽرين ۾ توکان پاسپورٽ وٺي ويندا، متان تون گهبرائين، منزل اچڻ کان پهرين توکي اڳواٽ ڏيئي ويندا. مان دنيا جي حسين مُلڪ پئرس جي سفر تي نڪري پيس، اشوڪ خرچ پکي لاءِ الڳ فرانسيسي ڪرنسي ڏني، انکان علاوه مون وٽ پنهنجا ڊالر به هئا. مونکي فرانسيسي ڪرنسي مان صرف شاپنگ ڪرڻي هئي، باقي سڄي ادائگي هن ڪري ڇڏي ۽ چيائين جي شاپنگ لاءِ .وڌيڪ ضرورت پوي ته ڪليڪٽ ڪال ڪج توکي پئسا هڪدم ملي ويندا

ڪجهه ئي فاصلي طئه ڪرڻ کانپوءِ ٽي.ٽي. آيو ۽ پاسپورٽ سپني کان ورتائين، مون سان گڏ موراڪو جو هڪُ مُسلمان ۽ هڪ اسپئنش چوڪري هئي. ٻنهي پاسي جا منظر پسيندي دل جي ٽرانسميٽر ذريعي ڪي ڳالهيون، ڪي منظر، ڪي ماڻهن .جا ماڳ، ڪي مڪان، لباس، ديس پرديس جا خيال جهٽيندي سفر طئه ڪيو

پئرس ۾ به سردار مليا جن چيو ته اتي سنپالي پرس ڪٽجانءِ جو اسان جا سپ جا سپ پئسا ميٽرو ۾ ڪي چوڪريون چڙهيون جن ڪڍي ورتا، وڏي مُشڪل سان فون ڪري جرمنيءَ ۾ رهندڙ ڏيءَ کان پئسا گهريا آهن، توکي پنهنجو تجربو وطن واسي ڪري ٻُڌائي رهيا آهيون. متان توکي اڳتي هلي ڏکيائي ٿئي. پئرس هوٽل پهچڻ تي ڪمري ۾ سامان رکي هوٽل جي پر وارن دڪانن ۽ ٻاهر جي چهل پهل ڏسڻ ۽ گهمڻ جو ارادو ڪيو، حالانڪ ٻئي ڏينهن تي سائيٽسينگ لاءِ صبح جو ڪار اچڻي هئي ۽ اُها گهمائي گهتائي شام جو ٽرين تي پهچائڻ لاءِ هئي. مان ڪجهه فاصلي تي ڪاٻي ساڄي پاسي جا دڪان ۽ ماڻهن جي چهل قدمي ڏسي موٽ ڪائي رهي هيس، سوچيم هڪ ٻن کان ڪي جڳهين جا نالا وغيره يا ڪن ريسٽورينٽ جا نالا پُڇان، پر منهنجي ڳالهه اُنهن کي سمجهه ۾ ئي نه پئي اچي. هو صرف فرينچ سمجهن پيا، اصل دٻي ۾ ٺڪريون هيون، اوچتو هڪُ چوڪرو موٽر سائيڪل تي نظر آيو، جيڪو اسان جي خطي جو پئي لڳو، مان هُن کان سوال ڪيو ته هُن هڪدم جواب ڏنو، چيائين مان سريلنڪا جو آهيان هتي پڙهندو آهيان. مون به سوچيو ڪجهه ان کان پُڇي سروي ڪري وٺان، هوٽلن ۽ اُتي جي رهائش يا ننڍي ڪنڊ جي ٽوئرسٽ جي رهڻ ۽ گهمڻ جي باري ۾ ڄاڻ وٺڻ چاهي. هنکي لڳو ته مونکي ڪو سستو رهڻ جو بندوبست کپي، چيائين سريلنڪا جا ڪي شاگرد آهن سي پيئنگيسٽ طور رهائيندا آهن، بس هن کي لڳو مان اجهو هن سان ساڻ هلي پوندس. مون کيس چيو، نه مان هتي هوٽل ۾ آهيان، مونکي ضرورت نه آهي. هو ڳالهائڻ ۾ هو ته سُٺو، پر مان اصل پنهنجي پاڇي کان پئي ڊڄان، هن جي رواني ٿيڻ کانپوءِ مون سوچيو، مليٽنٽ جي ٽولي ۾ .جي پرپاڪرن جا پوءِ لڳه ٽائيگر ايئلم ۾ وڃي پرتي ڪرائيندو .وڃي شامل ڪندو، ايل.ٽي.ٽي

واپس موٽي هوٽل واري کان مون ميٽرو ريل ۽ بس جو پتو ڪيو. ائفل ٽاور طرف ويندڙ سڌي ٽرين ورتي. تيرهان فرئنڪ هڪ پاسي جا لڳا. پئرس جي ميٽرو جي هڪ ڳالهه اها آهي ته هڪ واري ٽڪيٽ ڪنهن منزل لاءِ ورتي ۽ وچ ۾ ڪٿي ٻاهر نڪري موٽي اچڻ تي اُها ٽڪيٽ ڪارگر نه ٿيندي وري ٻي ٽڪيٽ وٺڻي پوندي، گيٽ کان ٻاهر نڪتا ته ٽڪيٽ ڇُٽي. ٽاور جي اوسي پاسي چڪر لڳائي پئرس جو نظارو پسميم، ٿڌ به لڳي رهي هئي، چاهي ڪوٽ پيل هو، اُنهيءَ جي مان مٿي ائفل ٽاور تي ڪونه .باوجود هلڪا سيسراٽ پئجي رهيا هئا. ڏنگيندڙ ٿڌ ته ڪانه هئي پر وٽندڙ لڳي رهي هئي ويس جو ٻئي ڏينهن جي ٽوئر ۾ اهو اسپاٽ شامل هو، وڏي تعداد ۾ ماڻهو هئا. تيز رفتار ٽرئفڪ. اوسي پاسي جي عمارتن جو پيرين پنڌ جائزو وٺندي واپس ميٽرو وٺي هوٽل طرف آيس، سوچيم ڪنهن اسٽور مان ڪجهه فروٽ ۽ ڪولڊ ڊرنڪ وٺان، ڪجهه شيون وٺڻ کانپوءِ هڪ روڊ طرف رخ ڪيم ته ڪي دڪان ڏسي وٺان، ٽي-شرٽ جي اگهه جو پتو ڪيم ته ڏندين آڱريون ڪري ڏنم، مون ارادو ڪيو اتان شاپنگ نه ڪندس. خير پنهنجي ڄاڻ ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ڪي قدم اڳتي وڌائي فاصلو طئه ڪندي ڪن ريسٽورينٽس ۽ ڪئبري ۽ ڊسڪوٿيڪس تي نظر پئي. مون پوئيان پير ڪري پاڇ ڪاڏي،

پئرس ۾ ارڙهن سالن کان مٿي وارن چمار لاءِ پئرس باءِ نائيٽ وارا شو، جسم تي لباس جي اگهڙيءَ کان به محروم وارا شو
جيڪي پنج سئو ڇهه سئو فرئنڪ، ليڊو شو گڏ ڊنر اٺ سئو کان هزار ٻارهان سئو واري ٽڪيٽ وارا شو، جتي جون رنا
راتون رات ڪروڙپتين جا کيسا خالي ڪري ڇڏين. لکپتين کي ته ٻڪاري ٺاهي پينگ ڪري ڇڏين. بئنڪاڪ جي پٽايا ۾ به
.ان طرح جا اڏا آهن جتي به گهوڙيءَ کي ئي گهمورو هو، سپني جو پيشو جسم فروشيءَ جو
منهنجو نوجوان سوٽ سُپاش اُتي پڙهڻ لاءِ ويو هو، ٻن ڏهاڪن کان مٿي ته اُن جو ڪو اَتو پَتو ڪونه هو. حيدرآباد جي
عُسمانيا يونيورسٽيءَ جو فرسٽ ڪلاس فرسٽ شاگرد هو. کيس جرمن سرڪار طرفان اسڪالرشپ ملي، فلاسافيءَ ۾
ڊاڪٽريٽ ڪيائين، اُتان پئرس ويو جتي نوڪري ڪندو هو. اسان سان سندس ڪو رابطو نه رهيو. پارٽي سفارتخاني جي
مدد سان ڪئي سالن کانپوءِ پتو پيو، هن وٽ جيڪي ڪجهه هو سو سڀ ڦرجي چُڪو هو ۽ هُو دماغي توازن وڃائي ويٺو.
هتي جڏهن واپس کيس موڪليو ويو ته گڏ فرانسيسي ڊاڪٽر سرڪاري طور موڪليو ويو، جنهن سندس ٻانهن اسانجي
حوالي ڪئي ۽ اُنکانپوءِ وقت کان اڳ زندگي کانئوس موڪلائي ويئي. منهنجي ذهن ۾ ڪيئي سوچون، رات بي آراميءَ ۾
فرانس ۾ .گذري، خير سان صبح ٿيو، نيرن ڪيم، سوير ئي ڪار اچي وئي، گهمائڻ وارو چوڪرو مُسلمان ڊرائيور هو
.خاصي تعداد ۾ مختلف مُلڪن جا مُسلمان رهن ٿا، هنکي مون ڪرسچن سوچيو هو نه ڄاڻ ته اسلام سان تعلق رکندڙ هو
هو انگريزيءَ ۾ شهر جي الڳ عمارتن جي ڄاڻ ڏيندو هليو، ڪجهه دير پئرس جي ڪئٿڊرل وٽ ترسي اندر گهمائي ۽ اُن
جي باري ۾ ٻُڌايائين، جيئن اسان وٽ انڊيا گيٽ آهي تيئن اتي به وچ شهر ۾ ان طرح جو گيٽ آهي، ڪجهه شاپنگ سينٽر،
اوپيرا ۽ گارڊنسس (تمام خوبصورت باغ) شهر جي هڪ علائقي ۾ مون هڪ ٻڪاريءَ کي پِنندي به ڏٺو. اهو ڏنـڌو صرف
هتي ايشيائي مُلڪن ۾ نه آهي اُتي به ان طرح جا ڏيکه ۽ سانگه ملندا، هتي رستي تي رنگ برنگي هنومان يا ٻي ديوي ديوتا
جي مورتي ٺاهي وهندا آهن، تئين اُتي به هڪ کي ڏٺم ته رستي تي ٺاهي ويٺو هو، ماڻهو پئسا ڦٽي ڪري رهيا هئا. پئرس
جي ميوزم، وچ شهر مان وهندڙ خوبصورت نديءَ جو ڏيکه، اُنکانپوءِ ائفل ٽاور وٽ بيٺاسين، جتي دنيا جي مختلف مُلڪن
جا سيلاني ان کي ڏسڻ اچن ٿا. اُتي منهنجي مُلاقات دهليءَ جي هڪ مشهور بُڪ پبلشر جيٽلي ۽ سندس زال سان ٿي جيڪو
نئشنل بُڪ ٽرسٽ سان به جُڙيل هو، سندس زال جو چوڻ هو ته پئرس کان هوءَ مُتاثر نه ٿي آهي. مان به ساڻس ڪيترن
ڳالهين ۾ اتفاق ڪريان پئي. ٽاور جي مٿين ماڙي تائين وڃي شهر جو منظر ڏٺو، منهنجي خيال ۾ اُن وقت پنجاهه فرئنڪ ڪنُ
.ٽڪيٽ هوندي. ان ٽاور تي مٿي چڙهڻ وقت عجيب ڪعفيت رهي . مٿي چڙهڻ ۽ هيٺ لهڻ جي رفتار تمام تيز
نئپولين جي مقبري ڏسڻ لاءِ به وقت ميسر ڪيو ويو، تنهن کان سواءِ پئرس شهر کان ٿورو پر پرو اُتي جي مشهور معروف
پينٽر جو ڳوٺ آهي جتي وڏي تعداد ۾ اُن وقت پيئنٽرس، آرٽيسٽس موجود هئا جيڪي ٿڏي تي سيلانين کي پورٽريٽ ٺاهي پيا
ڏين. اهو نظارو يورپ جي ڪيترن مُلڪن ۾ عام جام نظر ايندو. پئرس جي سيروسفر کانپوءِ هن هوٽل ۾ ڇڏيو، ڪلاڪ کن
کانپوءِ شايد ستين ڏاري منهنجي واپس ٽرين هئي. مان ٿورو آرام ڪري فريش ٿي ڪائي پي پنهنجي بيگ پيڪ ڪئي. ان وچ
.۾ هو اسٽيشن تي ڇڏڻ لاءِ واپس پهچي ويو، مونکي پليٽفارم تي ڇڏي بيسٽ-آف-لڪ چئي هو روانو ٿيو
مان ٽرين جي انتظار ۾ هيس. ڪجهه دير ۾ ٽائيم ٿي ويو مان اُتي موجود انڪوائري واري کي چيو ته مون واري ٽرين
ڪهڙي پليٽفارم تي ايندي، هن ڪنڌ ڌوڻي فرينچ ۾ جواب ڏنو، مون لاءِ ڏبي ۾ نڪريون، وري ٿوڙي جهٽ کانپوءِ وئي
مانس، ٽڪيٽ ڪڍي اشارن سان ڄاڻڻ چاهيم وري ساڳيو رينـگـٽ. ڪافي دير کانئوس اشارن سان پُڇيم وري فرينچ ۾
جواب ڏنائين، مان سوچيو جهٽ کن وهان ٿي ٽرين جو نمبر اشوڪ ٻُڌايو هو ۽ وقت. ٽرين جي وقت ۾ به منٽ کن وڃي
بچيا، سامهون جيڪي ٽرينس بيٺيون هيون ته ڏسان مون واري ٽرين جو نمبر لڳو پيو آهي، منهنجون وايون بتال ٿي ويون.
مان ڊوڙ پاتي هڪ گاڏي جي اڳيان پيرُ پاتم مس ته گاڏيءَ جو دروازو بند ٿيڻ شروع ٿيو، مان ڏُوڪي اندر گهڙيس ته در
به بند ٿي ويو. مان خوفزده ۽ حراسان ٿيل ٻاهريون ٻنو رکي پاڻ سنڀاليم، سڄي رات ننڊ نه آئي، لڳن ۾ ڏڪٽي ۽ جسم نِستو،
نه منهنجي هوٽل جي بُڪنگ هئي نه وري فرينچ اچي، ۽ خبر نه آهي ته ٽڪيٽ ٻئي ڏينهن جي ملي ها يا نه، اڄُ ڏينهن تائين
اُن حادثي جو تصور ڪري لڳن ۾ سيئاندي پئجي ويندي آهي. اڄُ ڏينهن تائين سفر ۾ اهڙو سوئر نه مليو جهڙو اهو
مونکي اُن .انڪوائريءَ وارو ڪُتو مليو، لکه لعنت اٿس مئي ماري جي جڻڻ واريءَ کي جنهن اهڙو گڏهه پُٽ پيدا ڪيو
: وقت سردارن جي هدايت ياد آئي. پنهنجا پنهنجا ٿيندا آهن، تڏهن ته لطيف سائين چيو آهي
ديسي سيڻ ڪجن پرديسي ڪهڙا پرين
يورپ جي ٽرين جي سفر جو تجربو ته ٿيو، گڏ اهو به احساسُ ٿيو ته صرف انگريزيءَ کي ئي عالمي طور مڃتا يا لنڪ

لئنگويج طور دنيا ۾ ڪو تسليم ڪيو وڃي ٿو، اهڙي ڳالھ نه آهي، ڪئنڊا ۾ خود فرينچ ۽ انگريزيءَ جي چڙهت جو احساسُ ٿيو. فرينچ ٻولي سمجھڻ به ضروري آهي. سفر ۾ ڪم هلائڻ لاءِ ڪجھ لفظ ضرور سکڻ گھرجن نه ته ماڻهو ڏچي ۾ پئجي وڃي ٿو.

دهليءَ کان گھران جون تي نڪتس، ٻارهين کانپوءِ فلائيٽ وٺندي يارهين جون ٿي وئي. تيرهين آگسٽ لنڊن کان دهليءَ لاءِ واپسي هئي، صبح جو چئين ڏاري هوائي اڏي تي پُهتم، بيگ ايڏي ڳوري جو ٽراليءَ تي رکندي بئلنس کاٻي ساڄي جُهڪڻ لڳو. مان پريشان اوچتو هڪ سردار جي نگاھ مون تي پئي، هو ايئرپورٽ يا ڪنهن ايئرلائين جو ملازم هو جو ڪيس يونيفارم پيل هئي. هڪدم مونکان ٽرالي وٺي آٽي ٽڪيٽ ڪائونٽر وٽ ڇڏيائين، مون سندس ٿورا مڃا، هن چيو ڪائي ڳالھ نه آهي. تمام سُٺو لڳو. سچ پچ اُن وقت پرديس ۾ وطن واسيءَ جي ننڍڙي مدد وڏو ڪم ڪيو.

چوڏهين آگسٽ دهلي پُهچي سپني سان حال احوال ڪيا، سندن پهريون ردِ-عمل منهنجي صحت ۾ بهتري ۽ وزن ۾ اضافي تي رهيو، ۽ مونکي ماڳن تي خير سان موٽي اچڻ جي خوشي. پندرهين آگسٽ ريڊيو تي ٽيوٽي جوائن ڪري جشنِ آزاديءَ جو پروگرام ڏنو.

اسان جي وطن جو عجب شان آهي
لکين گُـل مگر هڪُ گُـلستان آ...

**وينا ڏانھن خط**

Veena Shringi is a differant women among all Sindhi women, I have seen in my life. She is not extreme feminist in her talk. She doesn’t attack male chauvinism every time she is senstive and serious writer. Her best book is “Muhinja Massom Sajjan”(My inoocent heart)in which she depicts a dialogue between her insight and outside person. The whole book inspires the reader due to that dialogue. She connects the central idea of that book with existentialsim of Sachal Sarmast and explores the idea of victimisation with its full meaning, and background in fictional style. No women in Sindh has yet wrriten such a symbolic book!

Ameer Abro
(Editor-Indus Karachi)

CONGRATULATIONS!!

Ms.Veena Shringi for the gold medal awarded to her by “Sipoon” magazine for the Sindhiat Compaign she has been running idefatigably through her orgnisation Maruee,Who is Maruee’s Umar in India and how come Maruee is so free; when did she break the prison into which Umar had put her? The word Maruee itself is a remainder of the best Sindhi literature. We congratulate her for the choice of the name of her organisation. One day let us hope Maruee will reach her Maros and Maleer.

Editor J.M. Girglani
Sindhi Ratan (April-June 2002)

جون 2001 6
پياري وينا،
مان ڪيترن ڏينهن کان ٺيڪ ڪونه هئس. اڪ جو . سدائين باغ بهار ۽ لکڻ ۾ هوشيار ۽ شال چُست رهين رچنا ڪرڻ ۾ آپريشن به ڪرايو هوم، سو چڱو وقت لکڻ پڙهڻُ بند هو. ڪالهه لکنوءَ مان سنڌي گُلشن جو تازو پرچو مليم. ڪوليم ته نظر تنهنجي رچنا تي پيم. اڄُ جي زندگيءَ ۾ ٻول چال وغيره جو واهه جو ورنن ڪيو اٿئي! تنهنجا پهاڪا پڙهي دل بهار بهار ٿي پئي. پر اهي سنڌيءَ جا خزانا تو مون تائين ئي محدود ٿا رهن. نئينءَ ٽهيءَ جو ڪير رهبر ٿيندو؟ سنڌي اسڪول وڃن ٿا بند ٿيندا. ادي شاباس اٿيئي اهڙي دلچسپ ليک لاءِ. مون فقط ٻه قسط پڙهي ۽ دل ٺيم ته جيڪر توسان ڳالهه ٻولهه ڪريان.
وڏيڪ سکه، پيار تو لاءِ گهڻا،
ايشوري جوتواڻي
******

**Read More By Veena Shringi**

1. Kian Visariyan Verichan (Reminiscence)
2. Kian Vesariya Vericha(Reminiscence -Second Edition)
3. Adh-Kuliyoon Akhiyun (Short Stories)
4. Vasana-Jo-Vasseng (Short Stories)
5. Naari Ji Jeevan Yatra (Short Stories)
6. Sarhadan Jo Saleeb (Short Stories)
7. Zindi-Hik-Natak (Short Stories)
8. Pakha Aein Panhwar Dithe -Mun-Dihan-Thiya (Travelogue)
9. Sindhu Kinare-Tarkhi-Nau Bab (Travelogue)
10. Vaayoon-Vanijaarin-Joon (Travelogue)
11. Kuchan-Ta-Kafir (Travelogue)
12. Pakha-Ain-Panwhar Dithe-Mun Dihan Thiya (Travelogue on Sindh-II edition)
13. Muhinja-Masoom-Sajan (Monologue)
14. Ajanta-Jo-Moorat (Poetry)
15. Silent Path Selected Sindhi Poems in English
16. Muhinji Peshe-Ja-Gul-Ain-Khar (Essays)
17. Asanjo-Virso-Den-Vaar (Essays)
18. Saarang Saar Lehaj (Essays)
19. Tun-Chhapar-Tun-Chhanv (Essays)
20. Asanjo Virso-Din-Vaar (Essay, Devnagri)
21. Maruara-Ain-Maag (Essays)
22. Mithri Murik (Stories For Children)
23. Khel Khatam Paisa Hazam (Stories For Children)
24. Saah Sebana Supreen (Guest Editor)
25. Panu Sunjaniji Supreen (Guest Editor)

26. Kechan-Ayo-Kafilo (Essays) (Guest Editor)
27. Sindh Jot Guest Editor Issue No. 31
28. Sindh Jot Guest Editor Issue No.33
29. The Last Wish &Other Stories 2018